ديوان تارڪ

از

فقير هدايت علي نجفي "تارڪ"

مرتب

ڊاڪٽر نواز علي شوق

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو / حيدرآباد سنڌ

١٣٠٩ھ/١٩٨٩ع

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani

رسواءِ جهان رند آهيان گم نه ٿي ويندس
مون ڪان پوءِ ڪندو شهره هي ديوان سخن جو



فقير هدايت علي نجفي "تارڪ"

ديوان تارڪ

از:

فقير هدايت علي نجفي "تارڪ"

مرتب:

ڊاڪٽر نواز علي "شوق"

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو/حيدرآباد سنڌ

١٤٠٩ھ/١٩٨٩ع

ڇاپو پهريون　　　　۱۴۰۹ھ/۱۹۸۹ع　　　　تعداد ۱۰۰۰

[هن ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

قيمت: پنجاهه روپيا

[Price: Rs. 50—00]

SOORIH SINDHI ADAB

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

فون نمبر ۲۴۲٦۴

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر ميان الله بچائي يوسف زئي ڇپيو ۽ مسٽر حبيب الله صديقي سيڪريٽري/ ڊائريڪٽر سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

فهرست

● ناشر طرفان ٻه اکر	۳
● حرف اول سيد اظهر گيلاني	۵-۷
● مهاڳ مرتب	۸-۱۲
● مقدمو	۱-۲۲
۰۱ رديف الف	۲۵-۳۷
۰۲ رديف ب	۳۸-۴۳
۰۳ رديف ٻ	۴۴
۰۴ رديف ڀ	۴۵-۴۶
۰۵ رديف ت	۴۷-۵۵
۰۶ رديف ٿ	۵۶
۰۷ رديف ٽ	۵۷-۶۰
۰۸ رديف ٺ	۶۱-۶۳
۰۹ رديف ث	۶۴-۶۶
۰۱۰ رديف پ	۶۷-۶۹
۰۱۱ رديف ق	۷۰
۰۱۲ رديف ج	۷۱-۷۵
۰۱۳ رديف ڄ	۷۶-۷۸
۰۱۴ رديف جھ	۷۹-۸۲
۰۱۵ رديف ڃ	۸۳-۸۴
۰۱۶ رديف چ	۸۵-۸۶
۰۱۷ رديف ڇ	۸۷-۸۹

SOORIH SINDHI ADAB

۰۱۸ ردیف ح	۹۵—۹۰
۰۱۹ ردیف خ	۹۹—۹۶
۰۲۰ ردیف د	۱۰۹—۱۰۰
۰۲۱ ردیف ڌ	۱۱۱—۱۱۰
۰۲۲ ردیف ڏ	۱۱۳—۱۱۲
۰۲۳ ردیف ڊ	۱۱۵—۱۱۴
۰۲۴ ردیف ڍ	۱۱۶
۰۲۵ ردیف ذ	۱۲۰—۱۱۷
۰۲۶ ردیف ر	۱۲۹—۱۲۱
۰۲۷ ردیف ڙ	۱۳۳—۱۳۰
۰۲۸ ردیف ز	۱۳۷—۱۳۴
۰۲۹ ردیف س	
صفت سجع	۱۴۲—۱۳۸
در صنعت لزوم مالایلزم یا التزام	۱۴۵—۱۴۲
۰۳۰ ردیف ش	۱۵۳—۱۴۶
۰۳۱ ردیف ص	۱۵۸—۱۵۴
۰۳۲ ردیف ض	۱۶۳—۱۵۹
۰۳۳ ردیف ط	۱۶۶—۱۶۴
۰۳۴ ردیف ظ	۱۷۰—۱۶۷
۰۳۵ ردیف ع	۱۷۴—۱۷۱
۰۳۶ ردیف غ	۱۷۸—۱۷۵
۰۳۷ ردیف ف	۱۸۳—۱۷۹
۰۳۸ ردیف ق	۱۸۶—۱۸۴
۰۳۹ ردیف ڪ	۱۸۹—۱۸۷

۴۰. رديف ک	۱۹۰–۱۹۱
۴۱. رديف گ	۱۹۲–۱۹۳
۴۲. رديف ڳ	۱۹۴–۱۹۶
۴۳. رديف گھ	۱۹۷–۱۹۸
۴۴. رديف ڱ	۱۹۹
۴۵. رديف ل	۲۰۰–۲۰۷
۴۶. رديف م	۲۰۸–۲۱۶
۴۷. رديف ن	۲۱۷–۲۲۸
۴۸. رديف ڻ	۲۲۹–۲۳۰
۴۹. رديف و	۲۳۱–۲۴۵
۵۰. رديف ھ	۲۴۶–۲۵۵
۵۱. رديف ء	۲۵۶–۲۵۹
۵۲. رديف ي	۲۶۰–۲۷۶

ناشر طرفان ٻه اکر

سنڌ جي سدابهار سرزمين بيشمار عالمن، اديبن، مفڪرن ۽ مصلحن کي جنم ڏيندي رهي آهي. انهن سڀني جي شاهڪار تصنيفن کي محفوظ ڪرڻ خاطر شايان شان نموني شايع ڪرڻ جو فريضو خوشقسمتيءَ سان سنڌي ادبي بورڊ جي حصي ۾ آيو آهي.

زير نظر ڪتاب فقير هدايت علي "تارڪ" لاڙڪاڻوي (١٨٩٤ع کان ١٩٣٩ع) جو ديوان اهڙي فريضي جي ادائيگيءَ جي هڪ ڪڙيءَ طور پڙهندڙن اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. فقير هدايت علي تارڪ جو ڪلام تمام گهڻو آهي، جنهن کي ڊاڪٽر نواز علي شوق 'ڪليات تارڪ' طور مرتب ڪيو آهي، جنهن مان في الحال "ديوان تارڪ" قارئين جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون. باقي رهيل ڪلام اميد ته ترت ڇپائي شايع ڪيو ويندو.

حبيب الله صديقي
سيڪريٽري/ڊائريڪٽر
سنڌي ادبي بورڊ.

جام شورو
١٦ - فيبروري ١٩٨٩ع

[حرف اول]

[سيد اظهر گيلاني تلميذ علامہ محمد هدايت علي تارڪ علوي رح]

تارڪ الدنيا علامه محمد هدايت علي صاحب "تارڪ" علوي رحمت الله عليه، فقير روشن ضمير، هفت زبان شاعر و اديب نظم و نثر جي ننڍن وڏن ٢٠٠ ڪتابن جو مصنف ۽ مترجم هو.

صاحب موصوف صوبہء سنڌ جي انهن باڪمال و برگزيد مشهور هستين مان هو، جن تي سر زمينِ سنڌ کي تاقيامت بجا طور فخر و ناز رهندو.

تارڪ صاحب يڪ وقت عاشق، صادق، صوفي، فقير، مولوي، حافظ، قاري، خطيب، خوش نويس، عابد، زاهد، شب خيز، صوم و صلواة جو پابند، علمِ نجوم، علمِ جفر، علمِ رمل، علم قيافہ، علم طب جو ماهر هو. خوشرو، خوش مک، خوش خو، خوش فڪر، خوش خوراڪ، خوش پوشاڪ، زنده دل ۽ حاضر جواب هو. ڪشف القلب ۽ ڪشف القبور تي به عبور حاصل هوس، هن جو پاڻ تي، پنهنجي نفس اماره تي پورو قبضو هو.

ترڪ ڪر "تارڪ" تعلق دنيوي،
ٿي مجرد، ڪر قلندر وار رقص.

ابتدا ۾ "نجفي" تخلص سان شعر چوندو هو، سنہ ١٩١٧ع سائين صفي الله صاحب نقشبندي سجاده نشين درگاه نوشهروفيروز ۾ جي دستِ حق تي بعيت ڪري، وحدت جي واٽ ورتائين.

سنه ۱۹۱۸ع ۾ جناب سلطان علي صاحب "سالڪ" علوي ڏانهن رجوع ٿي، نجفي سان تارڪ بڻجي، علم عروض تي عبور حاصل ڪيائين. پاڻ امير گهرائي جو صالح ۽ باعمل فرد هو، مگر تارڪ تخلّص هن جي طبيعت تي گهرو اثر ڪيو، جو هو آرائش ۽ زيبائش سان تعلق ختم ڪري، راحت و آرام ڦٽائي، دنيوي لذتن کي لت هڻي، دنيا ۽ دنيا جي مسرتن کان منهن موڙي، اهلِ دنيا سان ناتا ۽ رشتا ڇني، پريو تريو گهر ڇڏي، اباڻي ۽ اميراڻي ترڪي کي ترڪ ڏئي سراپا تارڪ بڻجي ويو:

ترڪ دنيا، ترڪ عقبيٰ، ترڪ مولا، ترڪ، ترڪ،
عشق آديسين کي عالم ۾ رسايو هي بلاغ.

ڪنهن وقت تي اهڙي محويت ۽ اهڙو استغراق جو عالم هوندو هوس، جو نه پنهنجي خبر، نه وري آئي وئي جو پتو. مستي جي عالم ۾ وار آيا ٿي ويندا هئس، سچل ثاني الائي ڪهڙا ڪهڙا مخفي راز ۽ پوشيده اسرار آشڪار ڪندو هو، جن جي ٻڌڻ سان اهلِ دانش دنگ رهجي ويندا هئا:

من خدا جي ماهيت معلوم ٿي دل جان کي،
هاڻ مان ڪڙو ڪريان اقرار عبديت سندو؟

تارڪ صاحب قادرالڪلام ۽ زودگو شاعر هو، الفاظ هن جي اشاره جا محتاج ۽ منتظر هوندا هئا. هي وحدت الوجود جو حامي، همه اوست جو قائل ۽ حامل هو. هن جي ڪلام و بلاغت نظام تي تصوف جو رنگ غالب، هر شعر مان معرفت جي موتين جي جهلڪ ۽ جوت نظر ايندي. صوفيا ڪرام ۾ هي پهريون ۽ پويون شاعر آهي، جنهن علم عروض تي پنهنجي شاعري ۽ فڪر جو بنياد رکيو آهي.

هن شاعري جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي، مادهٔ تاريخ ڪڍڻ ۾ خاص ملڪو حاصل هوندو هوس، صنائع و بدايع

تي ڪالي ڪان زياده ڪلام چيو اٿس، الهيءَ سلسلي ۾ ڪوبه سنڌي زبان جو شاعر هن جي مد مقابل نٿو اچي سگهي.

هن عشق جي اوتار شاعري جي معرفت، دنيا کي معرفت ۽ حقيقت، شريعت ۽ طريقت، امن ۽ آتشي، صلح ۽ مساوات محمدي، انسانيت ۽ اخوت، اخلاق ۽ ادب جو پيغام پهچايو آهي، هن کي پنهنجي فڪر ۽ فن، ملفوظات ۽ ارشادات تي ڏڍ ۽ ناز هو. تڏهن ته شاهه صاحب وانگر سرِ منبر شاعرانه تعلي ڪندي فرمائي ٿو:

پيغمبري جو ختم زمانو ٿيو آهي،
نه ته مون مٿي نازل ٿيو فرقان سخن جو.

ڪليات تارڪ جي شايع ٿيڻ تي دلي خوشي حاصل ٿي آهي، اها منهنجي ديرينا آرزو هئي، جيڪا الله پاڪ پوري ڪئي. آءٌ ڊاڪٽر نواز علي صاحب ”شوق“ بلوچ جو شڪريه ادا ڪريان ٿو، ان صاحب لڳوتار مختلف ڪتب، رسائل ۽ اخبارات جي اوراق گرداني ڪري، مطلوب مواد ڪٺو ڪري، ڪلام کي ترتيب ڏئي، تارڪ صاحب جي سوانح عمري ۽ ڪلام تي تبصره ڪري، ڪتاب طباعت جي لاءِ ادبي بورڊ جي حوالي ڪيو آهي.

آءٌ جناب مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب، چيئرمن ادبي بورڊ ۽ ٻين معزز ميمبر صاحبان جو ممنون و مشڪور آهيان، جن ڪليات تارڪ کي پسند فرمائي، ان جي طباعت جو اعليٰ انتظام ڪيو آهي.

”ٿورا نه ٿورا، مون تي ماروئڙن جا“

سيد اظهر گيلاني
قصر الادب گهوٽڪي

١٢- رمضان المبارڪ ١٤٠٠هه
٢٥- جولاءِ ١٩٨٠ع.

[مهاڳ]

فقير هدايت علي نجفي ؔ تارڪ سنڌ جو باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي، راقم الحروف جڏهن سنڌ يونيورسٽي ۾ سنڌي شاعري ۾ پي ايڇ ڊي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري لاءِ تحقيقي مقالي لکڻ جو ارادو ڪيو ته فقير روشن ضمير جي دوستن ۽ شاگردن کي خوشي حاصل ٿي، ۽ هن ڏس ۾ منهنجي هر طرح مدد ڪيائون. خاص طور سيد اظهر صاحب گيلاني منهنجي دل کولي مدد ڪئي، نتيجي ۾ مشهور محقق، عظيم دانشور سائين حسام الدين شاه راشدي جي رهبري ۾ تحقيقي مقالو مڪمل ڪري، جون ١٩٧٨ع ۾ مون سنڌ يونيورسٽي ۾ پي-ايچ-ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي.

سنه ١٩٧٨ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران تارڪ صاحب جي ڪليات مرتب ڪرڻ جو ڪم بندہ کي سونپيو ويو، مون اڳ ئي سنڌ جي مختلف شهرن ۽ پنجاب جي ڪن هنڌن تي وڃي، فقير صاحب جي سوانح، سيرت ۽ ڪلام بابت معلومات حاصل ڪئي هئي. مگر بورڊ جي طرفان هيءَ ذميداري ملڻ بعد مون هڪ ڀيرو ٻيهر فقير صاحب جي گم ٿيل ڪلام جي ڳولها شروع ڪئي.

فقير صاحب جو وڌيڪ ڪلام هٿ ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪيم، پر افسوس جو ڪاميابي حاصل ٿي نه سگهي. تنهن ڪري جيڪي ڪجهه ڪلام اڳ هٿ آيو هو، تنهن جي ترتيب لاءِ سوچ ويچار ڪيم. جڏهن سموري ڪلام تي

نظر وڌم تہ اهو تمام گھٹو نظر آيو. تنهن ڪري مجبوراً ڪليات جا ٻہ حصا ڪرڻا پيا. ٻهرين حصي ۾ فقير صاحب جو پنهنجو چيل ڪلام ڏنو ويو آهي ۽ ٻئي حصي ۾ منظوم ترجما شامل ڪيا ويا آهن. قصيده عطار، جنهن جو نالو فقير صاحب 'ٻره جو ٻهار' رکيو آهي، جيڪو گنجينۂ عرفان جي نالي سان پڻ مشهور آهي. ٻيو ٻيسرنامہ عطار، جنهن کي فقير صاحب 'راز اظهار' جو نالو ڏنو آهي. ٽيون ڪتاب مثنوي بهلول بغدادي آهي، جنهن کي فقير صاحب 'نظم مقبول' جو عنوان ڏنو آهي. چوٿون ڪتاب 'مثنوي بوعلي قلندر' آهي، جنهن کي تارڪ فقير 'چمڪندڙ گوهر' سڏيو آهي، پنجون ڪتاب 'مثنوي شاهد عشرت'* آهي، جنهن کي 'زوائد صورت' سڏيو ويو آهي. انهن ڪتابن ۾ تصوف ۽ معرفت، اخلاق ۽ نصيحت، حسن و عشق، فلسفي ۽ حڪمت بابت ڪيترائي نادر نڪتا نظر ايندا، جيڪي فارسي نہ ڄاڻن، تن لاءِ هي ڪتاب نهايت ئي مفيد ثابت ٿيندا.

ڪليات جي ٻهرين ڀاڱي جا هيٺيان ماخذ آهن:

ديوان جلوس التارڪين، ڪليات تارڪ (سنڌي)، گوهر آبدار (سرائڪي)، ديوان تارڪ (فارسي)، ڪليات تارڪ (فارسي)، قطعات تارڪ (فارسي)، محمود نامو نيچرل، ديوان تارڪ (اردو)، ڪشڪول، گلزار تارڪ ۽ ٻره جي ٻندي، جي سڀ قلمي ڪتاب آهن.

فقير صاحب جي ترتيب ڏنل ڪليات ۾ ڪجھہ اردو غزل ۽ قصيدا ۽ ڪن اردو قصيدن جا منظوم ترجمان ڏنا

---

*هن مثنوي ۾ محبوب جي سراپا بيان ڪيل آهي. ڪافي تلاش جي باوجود مثنويءَ جي اصل مصنف جو پتو پئجي نہ سگھيو. جيڪڏهن ڪو دوست هن مثنويءَ جي مصنف بابت معلومات ڏيندو تہ سندس ٿورائتو رهندس.

ويا آهن، جي راقم هن ڪليات ۾ شامل نہ ڪيا آهن. ديوان جلوس التارڪين غزلن واري حصي ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ان ديوان جي خاص خوبي اها آهي تہ غزل جو پهريون شعر جنهن حرف سان شروع ٿئي ٿو، اهو ئي حرف رديف بڻجي ٿو. اهڙي ريت غزل جي هر شعر جو پهريون حرف اهو ئي هوندو، جيڪو پهرين مصرع جو پهريون حرف آهي. سنڌي زبان ۾ انهيءَ خاص صنعت ۾ لکيل هيءَ پهريون ديوان آهي. ان کان علاوه ٻين ماخذن مان جيڪو ڪلام ملي سگهيو، سو شامل ڪيو ويو آهي.

غزلن جي الف-ب واري ترتيب اهائي اڳوڻي يعني اصلوڪي رکي وئي آهي. منڍ ۾ حمديہ ۽ نعتيہ غزل ڏنا ويا آهن سنڌي ڪلام سان گڏوگڏ سرائڪي ڪلام پڻ ڏنو ويو آهي. ان کان علاوه نموني طور ڪجهہ عربي، فارسي، هندي ۽ اردو ڪلام پڻ ڏنو ويو آهي. جيئن پڙهندڙ مصنف جي ان ڪلام مان محظوظ ٿي سگهن.

هن ڪليات ۾ مصنف جي شاعريءَ جو مختصر جائزو پيش ڪيو ويو آهي. ڇو تہ هن کان اڳ راقم پي-ايچ-ڊي واري مقالي ۾ سندس شاعريءَ بابت تفصيل سان لکيو آهي. ساڳي ڳالهہ کي وري وري دهرائڻ نامناسب سمجهي، اختصار کان ڪم ورتو ويو آهي.

ڪن طرحي غزلن جون مصرع طرحون، مشاعرن جون تاريخون، سن ۽ بزم مشاعرن جا نالا ڏنا ويا آهن. جيئن پڙهندڙ سنڌي مشاعرن جي تاريخ بابت ڪي قدر معلومات حاصل ڪري سگهن. ان کان علاوه جي غزل ڪن خاص صنعتن ۾ چيل آهن سي صنعتون سمجهايون ويون آهن، جيئن پڙهندڙ غزل جو صحيح لطف حاصل ڪرڻ سان گڏ شاعر جي علم بديع ۽ بيان بابت مهارت جو اندازو لڳائي سگهن.

تارڪ فقير کي تاريخ سان دلچسپي هئي. هن تاريخ تحفة الڪرام ۽ عمدة الطالب في انساب آلِ ابي طالب ٻنهي ڪتابن جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو هو. ان کان علاوه ابجد جي حساب موجب هن ڪيترائي مادا ڪڍيا آهن، جي نه صرف سندس تاريخ سان دلچسپيءَ جو ثبوت پيش ڪن ٿا، پر سندس هن فن جي ڄاڻ جي پڻ ساک ڀرين ٿا.

اهي تاريخي مادا فقير صاحب جي مختلف ڪتابن تان نقل ڪري، سنَدوار ترتيب ڏيئي. هن ڪليات ۾ شامل ڪيا ويا آهن. جن مان پڙهندڙن کي ڪيترين ئي عظيم شخصيتن جي وفات جون تاريخون ملي وينديون. ان کان علاوه سنڌ جي علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي تاريخ بابت پڙهندڙ سٺي معلومات حاصل ڪري سگهندا.

تارڪ فقير هڪ عالمِ دين هو ته ان سان گڏ هڪ سچو صوفي به هو. هن قرآن مجيد جي ڪن آيتن جو تصوف جي رنگ ۾ منظوم سنڌي تفسير لکيو آهي. جيڪو مثنوي 'برهان الواصلين' ۽ 'مثنوي آثار العرفان' نالي ٻن مثنوين ۾ موجود آهي. اهي ٻئي مثنويون هن ڪليات ۾ شامل نه ڪيون ويون آهن. چو ته ائين ڪرڻ سان هن ڪليات جو ٽيون حصو تيار ڪرڻو پوي ها، ان کان بهتر اهو سمجهيو ويو ته انهن ٻنهي مثنوين کي ڌار هڪ ڪتاب جي صورت ۾ ترتيب ڏنو وڃي، اهو ڪم انشاءالله جلد ئي پورو ڪيو ويندو.

انهن ڳالهين مان اهو واضح ٿئي ٿو ته تارڪ فقير پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو تصنيف، تاليف ۽ ترجمي ۾ صرف ڪيو. اهڙي ريت هن پنهنجي زندگي سڦلي ۽ سجائي ڪئي. حياتيءَ جي مختصر عرصي ۾ ايترو گهڻو لکڻ هر ڪنهن جو ڪم نه آهي. ان لاءِ وڏي ذهانت، محنت، ذوق، شوق ۽ شعور گهرجي ٿو.

هو سچي زندگي لکندو ئي رهيو. افسوس جو موت کيس سندس ڪلام تي نظر ثاني ڪرڻ جي مهلت نه ڏني. ظاهر آهي ته ايتري گهڻي ڪلام ۾ ڪي خاميون ضرور رهجي ويون هونديون، پر مون سندس سخن جي باغ مان صرف گل ميڙيا آهن. باقي ڪنڊا حريفن ۽ حاسدن لاءِ ڇڏيا اٿم.

بورڊ جي فيصلي موجب ڪليات کي مختصر ڪيو ويو آهي. پيو حصو ڇڏي، پهرين حصي کي پڻ مختصر ڪيو ويو آهي اميد آهي ته بورڊ طرفان تارڪ فقير جي رهيل سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ڪلام کي ڇپرائڻ جو بندوبست ڪيو ويندو.

نواز علي شوق

[آه علامه تارڪ رح]　　[سيد اظاهر گيلاني]

(١) شاعرانِ سنڌ ڏسجن سوگوار.
موڪلائي ويو سخن جو تاجدار.

(٢) آه تارڪ شاعرِ جادونگار.
آه استادِ معظم نامدار.

(٣) ”لعلو رانڪ“ کي رهي تو افتخار.
دفن ان ۾ آهِ گوهر آبدار.

(٤) شعر ان جو حاصلاتِ نو بهار.
هو رواني ۾ مثالِ آبشار.

(٥) لفظ ان جو تابناڪ و تابدار.
نظم ان جو شاهڪار و شاهوار.

(٦) شعر ۾، تنقيد ۾، تحرير ۾،
هو ثريا کان مٿي ان جو معيار.

(٧) شعر ۾ بحلي جي بنهان آ لوڪ،
فڪر ۾ پوشيده تسڪين و قرار.

(٨) عظمت و انڪار باعث سنڌ ۾،
حافظ و خيام جو هو يادگار.

(٩) ان جي تصنيفات "پرستو" تا چون،
دل پسند اشعار آهن بي شمار.

(١٠) بي غرض صوبه ۾ "تارڪ" ٿي ڪئي،
خدمتِ علم و ادب ليل و نهار.

(١١) ان ڪيا گونگا غزل خوان سنڌ ۾،
چا ڪجي اعجاز و احسان جو شمار؟

(١٢) ان جي ادبي خدمتن تي شوق سان،
شعر لکندا شاعرِ عالي وقار.

(١٣) گل بلاغت جا ٿيا نذرِ خزان،
لڏجي وئي باغِ فصاحت جي بهار.

(١٤) چو چراغان جي پلا حاجت رهي؟
سوز کان هر قلب آهي داغدار.

(١٥) اهلِ دل، اهلِ نظر، اهلِ وفا،
ان جي فرقت کان رئن زار و قطار.

(١٦) ترڪ ترڪي ڪي ڪري، "تارڪ" ٿيو،
"تارڪ الدنيا" هيو صوفي سچار.

(١٧) ني رهيو پيري، مريدي کان پري،
ڪٿ هيو ڏن پٽ وڻ، ان جو شمار؟

(١٨) پاڪ صورت، پاڪ سيرت، پاڪباز،
پاڪ نيت، پارسا، پرهيزگار.

(١٩) ظاهر و باطن ۾ آئينہ مثال،
ڪيران پيڪر ڪي چوندو داغدار.

(٢٠) بيخوديءَ جي مئي ڏئي پير ِمغان،
مست طبقہ ڪي ڪيو ٿئي هوشيار.

(٢١) فقر و فاقہ، زهد و تقوا ۾ رهيو،
ڪامياب و ڪامران و ڪامگار.

(٢٢) عالمِ ارواح مان ”تارڪ“ اچي،
بزمِ دنيا ۾ ٿو ڏي ”اظهار“ قرار.

مقدمو

سوانح عمري:

سنڌ جي مانائتي مٽيءَ ڪيترائي عالم فاضل، بزرگ، درويش، صوفي، سامي، سنت، سورهيه، سرويچ ۽ ساهت جا ڏاڍي پيدا ڪيا. سنڌي ادب جي تاريخ جي اڀياس مان معلوم ٿيندو تہ سنڌ جي شاعرن پنهنجي ڏات سان ڏِسائون رڱي ڇڏيون. بيشڪ! سڄي سنڌ سون آهي، سندس هر شهر، ڳوٺ، وستي ۽ واهڻ لڪ لهي، پر لاڙڪاڻي ساه سيباڻي جي ڪجهہ ڳالهہ ئي پي آهي. جيئن سياست ۾ سرواڻ تيئن عروضي شاعريءَ ۾ هڪ ليکي اڳواڻ، مطلب تہ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. فقير هدايت علي نجفي، تارڪ جو تعلق بہ ان ئي ساه سيباڻي سرزمين سان آهي.

خاندان:

تارڪ فقير سنڌ جي مشهور تونيہ خاندان مان هو. سندن وڏو پير بازيد هو. جيڪو نهايت متقي ۽ پرهيزگار هو. پير بازيد سنہ ٠٠٨ع ۾ وفات ڪئي. سندس وفات جي تاريخ تارڪ فقير هيٺين ماده مان ڪڍي آهي:

سال فوتش را بگير از لفظ رخ

٨٠٠ھ

پير بازيد جي خاندان جو هڪ بزرگ سلطان طيّب تبليغ خاطر وستي پناه علي هڙند، ضلع ديره غازي خان ويو. جتي سندس ڪيترائي مريد ٿيا. سلطان طيّب سنہ ١٠٦١ھ مطابق ١٦٥٠ھ ۾ هيءَ مٽيءَ جو ملڪ ڇڏي وڃي پنهنجي

مالڪِ حقيقيءَ سان مليو. تارڪ فقير سنڌس وفات جو سن 'ظل سبحاني' مان ڪڍيو آهي. پهرين مصرع مان پير بازيد جي وفات جي تاريخ معلوم ٿئي ٿي ۽ ٻيءَ مصرع مان سلطان طيّب جي رحلت جو سن معلوم ٿئي ٿو.

پير بازيد است فوتِ اوست صبحِ مكرمت
٨٠٠ھ
رحلتِ سلطان طيب ظل سبحاني دلا
١٠٦١ھ

جنم:

تارڪ فقير جو والد ميان الله داد عرف تراب علي فقير هڪ صوفي منش انسان هو. هو چاليهن سالن جي ڄمار ۾ به اولاد کان محروم هو. ورهين جا ورهيه اولاد لاءِ سڪندو رهيو ۽ ڏٺيءَ در اولاد لاءِ ٻاڏائيندو رهيو. آخر سنڌس دعائون اگهاڻيون. سنه ١٣١٢ھ/١٨٩٤ع ۾ سنڌس گهر ۾ پٽ ڄائو، جنهن جو نالو هدايت علي رکيو ويو. جو پوءِ هدايت علي نجفي، تارڪ جي نالي سان مشهور ٿيو. سنڌس جنم بابت سنڌس هڪ دوست همعصر شاعر جمع خان غريب (متوفي ١٣٧٢ھ/١٩٥٣ع) هيٺيون قطعو لکيو هو.

مهينو هو محرم جو هئي تاريخ پنجويهين
ڪليو روز خميس ۽ وقت ۾ پهري جي باغ حق
بهارِ ذات کان ان باغ ۾ پيدا ٿيو تارڪ گل
جمع جوسال هاتف کان پڇئين، چيائين "چراغ حق"
١٣١٢ھ

ننڍي پڻ ۽ تعليم:

تارڪ فقير شروعاتي تعليم پرائمري اسڪول ۾ حاصل ڪئي. ان کان پوءِ دارالعلوم ڪنهو تعلقي وارهه ۾ مولانا عبدالعزيز خاراني کان فارسي جي تعليم حاصل ڪيائين. جنهن بعد

اعلو رانوڪ ۾ مولوي محبت الله وٽ تفسير حديث ۽ تصوف بابت اعليٰ تعليم حاصل ڪيائين.

شاعريءَ جو شوق:

ان زماني ۾ لاڙڪاڻو مشاعرن جو مرڪز هو. قادري بزرگن بزم مشاعره جو بنياد وڌو هو، جنهن اثر هيٺ سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ مشاعرن جون بزمون قائم ٿي ويون. تارڪ فقير جي طبع ننڍي هوندي کان موزون هئي. سندس والد جي اوطاق تي راڳ ويراڳ جون محفلون ٿينديون رهنديون هيون. ان کان علاوه هو ننڍي هوندي کان ئي پنهنجي والد بزرگوار سان گڏ سنڌ جي صوفي بزرگن جي مزارن تي زيارت لاءِ ويندو رهندو هو. خاص طور ميڙن جي موقعن تي ٿيندڙ راڳ رهاڻيون وڏي ذوق شوق سان ٻڌندو رهندو هو. انهن مڙني ڳالهين سندس موزون طبع کي شعر چوڻ تي آماده ڪيو. ويتر سندس عاشقانه طبيعت سندس طبع ۾ وڏيڪ جوش ۽ جذبو پيدا ڪيو. شاهه نجف جي محبت ۾ 'نجفي' تخلص رکي شعر چوڻ شروع ڪيائين. منڍ ۾ ڪافيون چوڻ شروع ڪيائين. ان کان پوءِ عروضي شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪيائين. خاص طور غزل کيس گهڻو پسند هو. لاڙڪاڻي ۽ ٻين مختلف شهرن ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ وقت بوقت شريڪ ٿيندو رهندو هو.

تارڪ فقير سنڌي عروضي شاعريءَ ۾ مرحوم شمس الدين بلبل کان گهڻو متاثر هو ۽ کيس پنهنجو استاد تسليم ڪندو هو. هڪ شعر ۾ بلبل جي ولادت ۽ وفات جو سن ٻڌائيندي کيس استاد سڏيو اٿس، فرمائي ٿو:

در تولد شمس الدين بلبل بگوئي اختراع

۱۲۷۳ھ

هم چراغِ مجلس آمد رحلت آن استادِ ما

۱۳۳۷ھ

فارسي شاعريءَ ۾ سندس استاد ميان سلطان علي سالڪ هو، جنهن ۱۳۴۳هه/۱۹۲۴ع ۾ وفات ڪئي. سندس مزار وستي پناه علي هڙند، ضلع ديري غازي خان ۾ آهي. سندس فارسي ڪليات سندس پوين وٽ قلمي صورت ۾ موجود آهي*. سالڪ جو والد ميان عاقل محمد فائق (متوفي ۱۳۱۱هه/۱۸۹۳ع) فارسي زبان جو سٺو شاعر هو ۽ خواجه غلام فريد جو گهرو دوست هو.

عشق:

تارڪ فقير هڪ حسن پرست انسان هو. هن جتي به سونهن وارا ڏٺا ٿي، اتي لڏو لاهي ويهي ٿي رهيو، جيئن پاڻ ئي چيو اٿس ته:

سون جهان حسن ۾ سهڻا ڏسي،
ديده بازي لاءِ لاٿي آه لڏ.

۽ سهڻن جي ثنا خواني هڪ عبادت سمجهي، ان تي عمل پيرا رهيو، هڪ شعر ۾ فرمائي ٿو:

ٿا ثناخواني ڪريون سهڻن جي اهڙي ريت سان،
جيئن پڙائن ٿا خليفا پير ڪي، ۽ پان پٽ.

سندس حسن پرست طبيعت آخر ڪيس عشق جي اري ۾ انڪائي وڌو. پنهنجي ئي خاندان جي هڪ خوبصورت ڇوڪريءَ سان سندس محبت ٿي وئي. الله داد فقير پنهنجي سڪيلڌي پٽ جو هيٺو حال ڏسي ڇوڪريءَ جي پيءُ کان پنهنجي پٽ لاءِ ڇوڪريءَ جو سڱ گهريو. پر جيئن ته هو هڪ مسڪين انسان هو، تنهنڪري هن ڇوڪريءَ جي سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪيو.

---

* راقم الحروف جولاءِ ۱۹۷۷ع ۾ پنهنجي پياري دوست مينهين خان سوز بلوچ سان گڏ وستي پناه علي وڃي سلطان علي سالڪ ۽ سندس خاندان جي ٻين بزرگن جي مزارن تي فاتحه پڙهي. تارڪ فقير هڪ مثنوي ۾ ڪن شاعرن جي تعريف ڪئي آهي، جن ۾ 'سالڪ' به اچي وڃي ٿو.

اها ڇوڪري فقير صاحب سان تمام گهڻي محبت ڪندي هئي، تنهن ڪري جڏهن اها ڏک پري خبر پهتي تہ سخت صدمو رسيس ۽ ان صدمي سبب سخت بيمار ٿي پئي. هوڏانهن تارڪ کي جڏهن پنهنجي محبوبہ جي بيماريءَ جو پتو پيو تڏهن اڃا وڌيڪ هيٺو حال ٿي ويس. ڪيس پنهنجي صحت جي تہ ڪا ڳڻتي ڪانہ هئي، پر پنهنجي محبوبہ جي بيماريءَ ڪيس سورن مٿان سور ڏنا ۽ بي اختيار چئي ڏنائين تہ:

اسان کي ڪين ٿي حاصل تہ ان جي ناهہ ڪا پرواه،
اسان جي پي خدايا ڏي اسان جي يار کي صحت.

آخر وره ۾ ويراڳي بڻجي، الفي پائي، سفر تي سنبهي نڪتو. جوڳين، سامين ۽ ڪاپڙين سان گڏجي پيرن فقيرن جي درگاهن تي حاضريون پريندو، چوڪيون ڏيندو لاهوت لامڪان ڪان ٿيندو، واپس اچي لعلو رانوڪ ۾ لنبڊي واه جي ڪپ تي اوتارو اڏي ويهي رهيو ۽ تارڪ الدنيا بڻجي 'تارڪ' تخلص اختيار ڪيائين ۽ بي اختيار نچڻ ۽ ڳائڻ لڳو:

نينهن ڪيو نادان، لنبڊي جي ڪپر تي،
لنبڊي جي ڪپر تي، بره جي بندر تي.

سندس اوتاري تي فقير فقراءَ ايندا رهندا هئا. خوب راڳ ويراڳ جون محفلون ٿينديون رهنديون هيون. فقير صاحب سڄي ڄمار ڇڙو رهيو ۽ سندس محبوبہ بہ ڪنهن سان شادي ڪانہ ڪئي.

مرشد:

تارڪ فقير پنهنجي والد جي ارشاد موجب مخدوم پيرصفي الله سجاده نشين درگاه شاه نصيرالدين صوفي* نوشهره فيروز واري جو مريد ٿيو. جيڪو نقشبندي طريقي جو پوئلڳ هو.

---

* شاه نصير ڪاڻيءَ جو باڪمال شاعر هو، سندس وفات ١٣١٨/١٩٠٠ع ۾ ٿي.

تارڪ فقير پنهنجي مرشد کان گهڻوئي فيض حاصل ڪيو. سندس ڪلام جي اڀياس مان معلوم ٿيندو ته هو مذهبي ڪٽرپڻي، جهيڙي جهڳڙي کان بيزار، ڪلفت ۽ ڪدورت کان ڪوهين ڏور پر معرفت جي مئي سان مخمور هو:

سڀني مذهبن کان ڪنارو ڪيم،
مون صوفي صفا اهل عرفان ڏٺس.

کيس سنگت به صوفين جي وڻندي هئي. اهي ئي سندس سچا ساٿي هئا، تنهنڪري صوفي سونهارن جي ور ور ڪري ساراه ڪئي اٿس. ڇو ته صوفي صاف دل هوندو آهي:

تارڪ مون ڪي صوفي وڻن، شل پنهنجي سنگت ۾ ڪڻن،
سنگت به صوفي جي ڏهي، صوفي صفا، صوفي صفا.

مشغلا:

فقير صاحب ننڍي هوندي کان ئي مائيٽي طبيعت وارو هو. هو اجاين راندين ۽ بيڪار ٻڌڻ ۾ پنهنجو وقت ڪونه وڃائيندو هو. هن پنهنجي زندگيءَ جا قيمتي ڏهاڙا لکڻ پڙهڻ ۾ صرف ڪيا. اهوئي سندس محبوب مشغلو هو. جيئن عطار جي قصيدي جو منظوم ترجمو ڪرڻ وقت چيو اٿس ته:

ٿو لکان مون قصدهٔ عطار،
جو مون ڪي ري لکڻ نه آهي ڪار.

اهوئي سبب آهي جو هن ٿوري ڄمار ۾ گهڻا ڪتاب لکيا. افسوس جو موت کيس وڌيڪ مهلت نه ڏني نه ته هو اڃا وڌيڪ سنڌي زبان ۽ ادب جي خدمت ڪري ها.

وفات:

هيءُ باڪمال بزرگ اديب ۽ شاعر ١٨- محرم ١٣٥٨هه مطابق ٩- مارچ ١٩٣٩ع ۾ سڀني عزيزن، قريبن، دوستن ۽ ساٿين کان موڪلائي وڃي پنهنجي مالڪ حقيقي سان مليو. موڪلائڻ وقت سندس زبان تي هي شعر هئا:

چڏيم جي جسم هي فاني تہ سارو ساه ٿي پوندس،
سرا پردهٔ عدم جي راه کان آگاه ٿي پوندس.
جڏهن 'الموت جسر' آهي تڏهن ناهي مرڻ جو غم،
فنا في الله مان تارڪ، بقابالله ٿي پوندس.

سندس وفات تي سندس شاگرد رشيد سيد اظهر گيلاني هڪ نظم لکيو هو. جنهن مان ٻہ شعر پيش ڪجن ٿا، جن مان فقير صاحب جي وفات جو سن معلوم ٿئي ٿو.

سال رحلت جو پڇيم، هاتف چيو، "صورت پرست"
۱۳۵۸ھ
دهر فاني کي ڇڏي سوءِ جنان ويندو رهيو!
نائين مارچ، ڏينهن وسپت، هاءِ "باغِ نخلِ نور"
۱۹۳۹ع
فصلِ گل ۾ آه ٿي نذرِ خزان ويندو رهيو!

ادبي صورت حال:

مشاعرن جي شروعات حيدرآباد کان ٿي. مير عبدالحسين خان 'سانگي' "وفات ۱۲-جون ۱۹۲۴ع" مشاعرن کي زور وٺرايو. پر سندس وفات کان پوءِ، حيدرآباد ۾ اهو اڳوڻو ڇهڇٽو نہ رهيو، اها ساري ادبي رونق لاڙڪاڻي جي ڀاڱي ۾ آئي.

هفتہ وار 'الحقيقت' ۾ مشاعرن جون ڪارروايون شايع ٿينديون هيون. ماهوار گلدستہ سنڌ ذريعي علم عروض جي سکيا ڏني ويندي هئي. نہ صرف لاڙڪاڻي ۾ پر سنڌ جي ڪيترن ئي ننڍن وڏن شهرن ۾ مشاعره جي بزم جو بنياد پيو. ان دور ۾ غزل کي گهڻي مقبوليت حاصل هئي.

سياسي حالتون:

اوائل ويهين صديءَ وارو زمانو وڏي گوڙ گهمسان وارو زمانو هو. جنگيون لڳيون، حڪومتون تبديل ٿيون ۽ ڪيتريون ئي سياسي تحريڪون وجود ۾ آيون. انهن سياسي تحريڪن جي

ڪو ڪٿي ڪيڏي به تعريف ڪري، پر انهن تحريڪن جو هڪ اونداهو پهلو اهو هو جو انهن تحريڪن سبب سنڌ توڙي هند ۾ هندو مسلم ڇڪتاڻ شروع ٿي وئي. انگريزن ورهائي حڪومت ڪرڻ جي پاليسيءَ تي عمل ڪندي ان ڇڪتاڻ کي وڏيڪ زور ولرايو.

١٩٢٧ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ هندو مسلم فساد جي چڻنگ دکي، اها چڻنگ دکندي رهي، آخر ٽن سالن کان پوءِ سکر ۾ هڪ وڏي پيماني تي ڀڙڪو کاڌو. مسلمانن احياءالاسلام نالي هڪ تحريڪ شروع ڪئي. ان جي مقابلي ۾ ڪٽر هندن وري شُڌي تحريڪ کي زور وٺرايو. جنهن جو مرڪز دهلي هو. هڪ مسلمان جوش ۾ اچي شُڌي تحريڪ جي باني سوامي شرڌانند کي قتل ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ هڪ ٻئي لاءِ نفرت ۽ دشمنيءَ جو اهڙو مچ مچي ويو، جنهن وڏي جاني ۽ مالي تباهي آندي. ان جو سنڌ جي سياست تي گهرو اثر پيو، صوفي سونهارن جيڪا ايڪتا ۽ پريم واري فضا قائم ڪئي هئي. تنهن کي اهڙو نقصان رسيو جو ان جي وري تلافي ٿي نه سگهي. نتيجو اهو نڪتو جو بقول پير علي محمد راشدي: ”هند کي سوراج ۽ سنڌ کي پاڪستان جڙيو(١).“

فقير هدايت علي تارڪ هڪ صوفي شاعر هو. انسانيت ۽ انسان دوستي سندس شيوو هو. جاهل ۽ ڪٽر ملن پنڊتن ۽ پاون جي پيدا ڪيل مذهبي تنگ نظريي ۽ ڪٽرپڻي جي سخت خلاف هو. هن جڏهن مذهبي اڳواڻن جو اهو حال ڏٺو تہ کيس صدمو رسيو ۽ کانئن بيزار ٿي نفرت جو اظهار ڪرڻ لڳو ۽ بي ڌڙڪ چئي ڏنائين ته:

نـا هندو، نـا مسلم، نـا گبر، نـا ترسا،
سپ ڪيف کان بيگانہ، نہ ڪافر مسلمان.

---

(١) پير علي محمد شاهہ راشدي ـ اهي ڏينهن اهي شينهن (پيوچاپو) ص ٢

هن ڏلو ته مذهب جي مقدس نالي ۾ هندن توڙي مسلمانن کين نه هڪ ٻئي لاءِ نفرت پيدا ڪري کين پاڻ ۾ ويڙهايو ۽ ناحق خون وهايو. هن اهو به ڏلو ته مذهبي اڳواڻ پير، مخدوم، مفتي، ملا، پنڊت ۽ پاوا ملوڪيت ۽ پرماري قوتن جو ساٿ ڏيندا رهيا ۽ ابوجهه عوام کي مختلف طريقن سان لٽيندا ۽ ڦريندا رهيا. ظاهري طرح کي حاجي ٻڌجي پاڻ کي پارسا ظاهر ڪرڻ لڳا. اهڙن رياڪارن جي پارسائي کي تارڪ هن ريت پڌرو ڪيو آهي:

يثرب ۽ بطحا گهمڻ سان پي رکڻ دل ۾ ريا،
پارسا هيءَ پارسائي تو ڪان ٿي، مون ڪان نه ٿي.

تارڪ فقير پنهنجي ڪلام ذريعي انساني ڀائپي، ايڪتا ۽ پريم واري فضا پيدا ڪرڻ جي پرخلوص ڪوشش ڪئي آهي. ان جا چٽا ثبوت سندس ڪلام مان ملي سگهن ٿا:

شاعري:

فقير هدايت علي تارڪ جي ذاتي ڪتب خاني ۾ ڪيترائي ڪتاب موجود هئا. هن عربي، فارسي، سنڌي، هندي ۽ اردو ڪلام جو گهرو مطالعو ڪيو هو. وقت جي عالمن اديبن ۽ شاعرن سان سندس رس پريون رهاڻيون ٿيون. شمس العلماء مرزا قليچ بيگ (وفات ١٩٢٩ع) جڏهن قنبر ۾ مختيارڪار هو، تڏهن تارڪ فقير جون ساڻس ادبي رهاڻيون ٿينديون رهنديون هيون. ان کان علاوه سنڌ جي ٻين ڪيترن ئي شاعرن سان سندس گهرا تعلقات هئا. لاڙڪاڻي ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ شريڪ ٿي پنهنجو ڪلام پڙهندو هو يا مقرره مصرع طرح تي غزل لکي بزم مشاعره جي سيڪريٽري کي موڪلي ڏيندو هو، جو مشاعره جي موقعي تي پڙهيو ويندو هو. سندس ڪليات ۾ اهڙن طرحي غزلن جو وڏو تعداد نظر ايندو.

تارڪ فقير کي قدرت طرفان موزون طبيعت عطا ٿي هئي. ڪيس سنڌي، عربي، فارسي، اردو ۽ هندي زبانن تي عبور حاصل هو. هڪ تہ وسيع مطالعو ڪيو هئائين، ٻيو ڪيس پنهنجي ئي شهر ۾ ادبي ماحول ميسر ٿيو. مٿان وري حضرت عشق جون مٿس مهربانيون، انهن مڙني ڳالهين سندس طبع ۾ وڏيڪ جوش، جذبو ۽ جولاني پيدا ڪئي ۽ هن پنهنجي شاعراڻي ذات سان ڏسائون رڱي ڇڏيون. ڪيس سنڌي ڪافي سان تمام گهڻو چاهہ هو. ڪافي جي ڪيترن ئي شاعرن جو ڪلام ڪنو ڪيو هئائين. ڪلاسيڪي شاعريءَ جي مطالعي ۽ ڀرپاڙيءَ جي ماحول ۾ سچاڻ سگهڙن جي صحبتن ۽ قرباتين ڪچهرين سبب وٽس ٺيٺ سنڌي لفظن جو وڏو خزانو موجود هو.

تارڪ فقير جي ڪلام جي مطالعي سان معلوم ٿئي ٿو هن گهڻو ڪري ٺيٺ سنڌي الفاظ استعمال ڪيا آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن هو ضرورت آهر عربي فارسي الفاظ بہ استعمال ڪري ٿو. تصوف وارن شعرن ۾ ڪٿي ڪٿي قرآن مجيد جون آيتون، حديث شريف جا ڪي جملا ۽ صوفين جا ڪي مقولا استعمال ڪيا اٿس. اهي اهڙي خوبصورتيءَ سان استعمال ڪيا اٿس جو اهي جڻ سنڌي شاعريءَ جو هڪ حصو بڻجي ويا آهن. ايترا تصوف جا اصطلاح ٻئي ڪنهن عروضي شاعر پنهنجي ڪلام ۾ شايد ئي استعمال ڪيا هجن. هن هيٺ ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا جنهن مان تارڪ فقير جي تصوف سان دلچسپي ۽ صوفياڻي اصطلاحن جي خوبصورت استعمال جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ان سان گڏوگڏ پڙهندڙن کي تصوف جي ڪن نڪتن کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ملندي ۽ اهي شعر، صنعت اقتباس جو ٻہ سهڻو مثال نظر ايندو، نہ صرف ايترو بلڪ اهي شعر تارڪ جي تصوف بابت ڄاڻ جا چٽا اهڃاڻ پيش ڪن ٿا:

’سبحاني‘، ’اناالحمد‘، ۽ ’اني انا الله‘،
مردن سندو آهي اهو آواز طريقت.

—

جي ٿيا ’موتوا‘، سي ’حي“ لايموت‘،
’ثم وجه الله‘ ۾ سريو تن سڪوت.

—

آءٌ ’انا احمد بلا ميم‘ مجي موسن ٿيس،
’من راني‘ مام تي باظاهرو باطن ٿيس،
دل کي رمز فقر فخري ساڻ شامل ٿو ڪريان.

تارڪ فارسي شاعريءَ جو ڳوڙهو مطالعو ڪيو هو. خود فارسي زبان جو سٺو شاعر هو، تنهنڪري سندس غزليه شاعري ۾ فارسي جو رنگ نظر اچي ٿو. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته هن ڪيترائي فارسي لفظ ۽ ترڪيبون استعمال ڪيون آهن، پر هن انهن تذهن ڪيو آهي، جڏهن ڪيس ضرورت محسوس ٿي ۽ پنهنجي خداداد قابليت سان انهن کي اهڙي سهڻي نموني ۾ استعمال ڪيو اٿس جيئن شعر جي خوبي ۽ خوبصورتي برقرار رهي. هتي مثال خاطر هڪ ٻه شعر پيش ڪجي ٿو، جنهن مان ان ڳالهه جو چڱيءَ ريت اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

شعر ملاحظه فرمايو:

شان شاهي، ڪج ڪلاهي، سؤ سپاهي سپ گذر،
شان شوڪت، ناز نعمت، تاب حشمت، چار ڏينهن.

تارڪ جي ڪلام جي هڪ خاص خوبي اها به آهي ته هن ٺيٺ سنڌي لفظ، اصطلاح ۽ پهاڪا عام جام استعمال ڪيا آهن. ان نموني ۽ ايتري تعداد ۾ غزل جي ڪن ٿورن شاعرن ايترا سنڌي اصطلاح پنهنجي ڪلام ۾ پيش ڪيا هوندا. وڏي ڳالهه ته هو اهي اهڙي سهڻي نموني ۾ استعمال ڪري ٿو، جنهن سبب اسلوب بيان نهايت ئي دلڪش بڻجي وڃي ٿو.

ڪيس هن فن ۾ ايڏي ته مهارت حاصل آهي. جو هڪ ئي مصرع ۾ ٻه ٻه ـ ٽي ٽي محاورا استعمال ڪري ٿو. مثال خاطر سندس هڪ ٿي غزل مان ٻه شعر پيش ڪجن ٿا:

پير ڪڻ پرَ جـو پٽي پـؤ، جيئن اتي پهچي وڃين،
سڪ ڪٽي سونهين سچ ۾ ڏي صدق سان ڪر ساهه ستُ.

اٽ انــدر آتڻ وجهي، چرخو چـلائـج چيـت" جو،
ڪڻ پها پوڻيون سنهاري، سڪ جي سٽُ ڪي صاف ڪتَ.

محبوب جي مزاج ۽ سندس مذهب جو بيان ته گهڻن ئي شاعرن ڪيو آهي، پر ذرا تارڪ جو هيءُ شعر ملاحظہ فرمايو جنهن ۾ 'دل کسڻ'، 'دلبو ڏيڻ'، 'ڪاڻ نه ڪيڻ' ۽ 'منهن مٽڻ' جا محاورا استعمال ڪيا ويا آهن:

دل ڪسي دلبو ڏئي، پو ٿو ڪيڏي ڪنهن جي نه ڪاڻ،
ان جـي مذهب ۾ شـروع ڪان منهن مٽڻ آهي مباح.

'سيڙ موڻائڻ' ۽ مهت نه ڏيڻ عام سنڌي محاورا آهن جي سنڌي ماحول جي عڪاسي ڪن ٿا. تارڪ ڪهڙي نه پياري انداز ۾ رٺل محبوب ڪي پرچائڻ لاءِ ميڙ منت ڪري ٿو:

ميڙ موڻائڻ چڱن جو ڪم نه آه،
مهت ڏي آين ڪي ڇڏ انڪار پرچ.

ذرا هي شعر ملاحظہ فرمايو ۽ تارڪ جي محاوره بنديءَ جو دل کولي داد ڏيو:

نـاصـحـا! نـيـسـت دل قرائي تـو،
هاڻ پنهنجي ڪئي جو ڪيتو لوڙ.

ٿو جاڏي دل جو رايو ٿئي، اکيون اوڏهن نهارن ٿيون،
مثل مشهور هي آهي تـه اکـ ۾ گـر پنيان چيلا.

ڀڳڙي ٿو عاشقن کي ڏک جون ڏوريون،
وجهي اغيار کي ٿو پيار جا پيچ.

نه صرف ڪيس ٺيٺ سنڌي محاورا استعمال ڪرڻ ۾ مهارت حاصل آهي، پر هو ڪڏهن ڪڏهن ٺيٺ سنڌي قافيا ۽ رديف استعمال ڪري زبان ۽ بيان جي خوبين سان گڏ، ٺيٺ سنڌي ماحول پيش ڪرڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪري ٿو. هتي مثال خاطر سندس هڪ غزل مان ٽي شعر پيش ڪجن ٿا:

مون کي شايد ڏنئن ٽرڻ جي ميچ،
پائني سا مون اتي هجڻ جي ميچ.
نه ٿو ڍاپان سو ڪيئن ڏيان ان کي،
ان جي ديدار مؤن رجڻ جي ميچ.
ڪو ڳجهارت ٻجي ڏئي مون کي،
ڏني دلدار آ اک ٻجڻ جي ميچ.

مطلب ته عاشقانه مضمون سان گڏو گڏ هن پنهنجي ڪلام ۾ تصوف جا ڪيترائي نڪتا نروار ڪيا. اهڙي ريت هن سنڌي غزل ۾ تصوف جو رنگ ڀريو ۽ ٺيٺ سنڌي اصطلاح ۽ محاورا استعمال ڪري، سنڌي غزل ۾ مقامي ماحول پيش ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي آهي. سندس ڪلام ۾ عشق و محبت اخلاق و نصيحت، جماليات، خمريات ۽ طنز و مزاح جي عنوان تي ڪيترائي اعليٰ اشعار نظر ايندا. جن جي پڙهڻ سان پڙهندڙ داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهي. سندس ڪلام ۾ بيحد سلاست ۽ سادگي آهي جنهن ڪري پڙهندڙ اهو آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو. لفظن جي سهٽي سٽا، خوبصورت ٻولي، دلڪش تشبيهون، ٿورن لفظن ۾ وڏو مقصد بيان ڪرڻ سندس ڪلام جون خاص خوبيون آهن. ڪيس علم بديع ۽ بيان جي

وڏي چاڻ هئي. سندس ڪيترائي شعر، ڪي پورا غزل ڪن خاص شاعرانه صنعتن سان سينگاريل نظر ايندا. لفظي توڙي معنوي صنعتون گهڻي تعداد ۾ استعمال ڪيون ائس، جي صحيح معنيٰ ۾ شعر جي سونهن کي سوايو ڪن ٿيون. مطلب ته سندس ڪلام هر لحاظ کان قابل داد آهي. سنڌي ڪافي، لوڪ شاعري توڙي عروضي شاعريءَ ۾ کيس مهارت حاصل هئي، تنهنڪري کيس سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت حاصل رهندي.

فارسي ۽ ٻين زبانن ۾ شاعري:

سنڌ ۾ فارسي شاعريءَ کي وڏي مقبوليت حاصل رهي آهي. سنڌ ڪيترائي فارسي شاعر پيدا ڪيا آهن. فقير هدايت علي تارڪ به انهن مان هڪ آهي. فقير صاحب فارسي زبان جي مشهور شاعرن جو مطالعو ڪيو هو. ڪن مشهور صوفي شاعر جي ڪن مثنوين جو منظوم سنڌي ترجمو ڪيو هئائين. ان کان علاوه سنڌ جي مشهور فارسي شاعرن جي ڪلام جو پڻ اڀياس ڪيو هئائين. قدرت کيس اڳ ئي موزون طبيعت عطا ڪئي هئي، ويتر فارسي زبان جي نمائنده شاعرن جي گهري مطالعي ۽ پنهنجي همعصر فارسي شاعرن سان ادبي رهاڻين سبب کيس فارسي شعر چوڻ جو شوق پيدا ٿيو ۽ نتيجي ۾ ڪافي فارسي ڪلام چيائين، جيڪو هڪ ڪليات، هڪ ديوان ۽ ڪجهه قطعات تي مشتمل آهي. فارسي شاعري ۾ سندس استاد ميان سلطان علي سالڪ قريشي (متوفي ١٣۴٣هه) هو. جنهن جي مزار وستي پناهه علي، ضلع ديري غازي خان ۾ آهي.

تارڪ فقير فريدالدين عطار (متوفي ٦٢٧هه)، سعدي شيرازي (متوفي ٦٩١هه) ۽ حافظ شيرازي (متوفي ٧٩١هه) جي ڪلام کان گهڻو متاثر هو. حافظ ۽ سعدي جي ڪن غزلن جو منظوم سنڌي ترجمو به ڪيائين، نه صرف ايترو پر انهن

پنهي شاعرن جي ڪن مصرعن تي وڏي خوبصورتي ۽ ڪاميابيءَ سان تضمين ٻڌي اٿس. ان کان علاوه ڪي غزل حافظ ۽ سعدي جي زمين ۾ پڻ چيا اٿس. ان کان علاوه هن شمس الدين بلبل (متوفي ۱۹۱۹ع) ۽ مولوي محمد عاقل عاقلي (متوفي ۱۹۴۱ع) جي تتبع تي به ڪي فارسي غزل چيا آهن، ڪي غزل وري پنهنجي ڪنهن همعصر شاعر جي جواب طور چيائين. هتي نموني طور سنڌس هڪ غزل جا چند شعر پيش ڪجن ٿا، جنهن جي مقطع ۾ مرحوم عبدالباقي اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ پوليس ۽ فقير علي محمد قادري متوفي (۱۹۴۰ع) ڪي به ياد ڪيو اٿس. اهو غزل مرحوم عبدالباقي ڏانهن جوابي غزل طور لکي موڪليو هئائين:

بغمِ فراق چون من تو اگر رسيده باشي،
بمثالِ نيم بسمل، بزمين طپيده باشي.

دوجهان بزير پايت، بفراز عرش جايت،
ز هوا و حرص پا را، تو اگر ڪشيده باشي.

بچمنِ جمال اى دل! ز تغافلت بترسم،
کہ بهار رفته باشد، تو گُلي نچيده باشي.

نہ ڪشاندت وظائف، نہ رساندت لطائف،
ببقا رسيده باشي، چو فنا گزيده باشي.

ز جمالِ قدرِ خوبان، تو دران زمان بداني،
کہ به پيشِ طاقِ ابرو، بادب خميده باشي.

تو 'بقادري' صبا گو، بجوابِ سخن "باقي"،
کہ هم ز فقير 'تارڪ' تو سخن شنيده باشي.

جيئن سنڌي شاعريءَ ۾ سنڌس مکيه مضمون عشق ۽ تصوف آهن، تيئن فارسي شاعريءَ ۾ به انهن ٻن مضمونن تي وڏي خوبصورتيءَ سان لکيو اٿس. سنڌس فارسي ڪلام ۾

سادگي، سلاست ۽ سوز و گداز جون خوبيون نمايان نظر اينديون. عشق ۽ عاشقي سندس اِڏو پسنديده موضوع آهي جو پنهنجي ڪليات جي شروعات ۾ هيٺين شعر سان ڪئي اٿس:

چہ گويم غير وصفِ حسن خوبان حمدِ يزدان را،
بداني بيت ابروي بتان آياتِ ايمان را.

ڪيس پنهنجي عشقيہ شاعري تي وڏو ناز هو. هڪ شعر ملاحظہ فرمايو، جنهن ۾ شاعرانہ تعلّي کان ڪم ورتو اٿس. فرمائي ٿو:

نغمهٔ عشق من اگر شنود،
جنبد از جای شاعرِ شيراز.

مختصر تہ تارڪ فقير جي ڪلام ۾ ڪيترائي مضمون ۽ معنيٰ جا موتي نظر ايندا. جنهن جي پڙهڻ سان دلي ۽ روحاني سرور حاصل ٿيندو.

فقير صاحب فارسي کان علاوه اردو ۾ هڪ مڪمل ديوان لکيو آهي. ان کان علاوه ڪجهہ قصيدا ۽ قطعا پڻ چيا اٿس. نہ صرف ايترو پر سرائڪي زبان ۾ بہ ڪافي ڪلام چيو اٿس جو هڪ ديوان، ڪافين، جهولڻن، هفتي جي ڏينهن ۽ ٻارهن ماه وارن بيتن تي مشتمل آهي، پنهنجي طبع جا جوهر ڏيکارڻ خاطر عربي ۽ هندي زبانن ۾ ڪجهہ ڪلام چيو اٿس. مطلب تہ سنڌيءَ سان گڏوگڏ ٻين زبانن ۾ بہ عمدو شعر چيو اٿس.

آخر ۾ سندس هڪ غزل پيش ڪيو وڃي ٿو، جيڪو ڇهن زبانن ۾ چيل آهي.

عربي: انت رب العالمين و ذوالجلال،
شافع الڪونين يا بدرالجمال.

فارسي: من بدرد عشق غمگين گشته ام،
شاد کن از جلوهٔ حسن و جمال.

اردو: رات دن تيري تصور سي مرا،
هي منور آئينهٔ فکر و خيال.

سرائڪي: تيڏا مئن سگ در ڪرم دي ڪر نظر،
من تون ميڏا لڳ خدا سانول خيال.

ڀاشا: ست گرو ڪر پاڪرو هون ناس ونت،
ساڌ سنگت سي بنون سامي اڪال.

سنڌي: نينهن تنهنجي ۾ رهي تارڪ سدا،
صلح ۾ سڀ سان بنا جنگ و جدال.

ادبي خدمتون:

”تصنيف، تاليف ۽ ترجما“ تارڪ الدنيا فقير محمد هدايت علي صاحب ”تارڪ“ پنهنجي زندگي جو وڏو حصو علم و ادب جي خدمت ۾ گذاريو، تصنيف، تاليف ۽ مختلف زبانن جي ڪتابن جو ترجمو ڪرڻ سندس محبوب مشغلو هو. هڪ اندازي موجب هڪ سؤ کن ڪتاب لکيا هئائين، انهن مان ٤٥ ڪتاب سندس شاگرد رشيد سيد انور علي شاهه ”اظهر“ گيلاني جي ذاتي لائبريري گهوٽڪي ۾ محفوظ ۽ طباعت جا منتظر آهن. باقي ڪتاب فقير جي وفات حسرت آيات کان پوءِ مختلف ماڻهن جي هٿ چڙهي گم ٿي ويا. هيٺ انهن ڪتابن جو ذڪر خير ڪيو وڃي ٿو، جيڪي نظر مان گذريا آهن.

(١) ديوان نجفي:- فقير روشن ضمير جو هي پهريون سنڌي ديوان آهي، جنهن جي ڪتابت فقير صاحب خود ڪئي، ۽ ان کي پوڪرداس شڪارپوريءَ شايع ڪيو. هي ڪتاب ١٩٢٢ع ۾ منظرعام تي آيو، ١٦٢ صفحات تي پکڙيل آهي، ڪتاب ڊيمي سائيز ۾ آهي، ان وقت فقير صاحب جو تخلص ”نجفي“ هو.

(٢) ڪليات تارڪ: سنڌي غزليات ٢١٣ صفحات تي ٻڪڙيل، سنہ ١٩٣٢ع ۾ مڪمل ڪيائين.

(٣) غنائي تارڪ: سنڌي ڪافين جو مجموعہ ٨٤ صفحات تي ٻکڙيل، سنہ ١٩٣١ع ۾ مڪمل ڪيائين.

(٤) گلزار تارڪ: سنڌي ڪافيون ۽ قصيدہ ٢٠ صفحات تي ٻکڙيل آهي.

(٥) مراثي تارڪ: سنڌي مرثيہ، نوحہ، سلام، سوز موجود آهن، بقول سيد اظهر گيلاني هي قلمي ڪتاب جناب ڊاڪٽر نبي بخش صاحب بلوچ جي ذاتي لائبرري ۾ موجود آهي.

(٦) ميثاقي عنبر شمامہ: حافظ شيرازي جي ساقي نامہ جو سنڌي ترجمو ١٦- فبروري سنہ ١٩٣٥ع ۾ لکيو ويو.

(٧) چمڪندڙ گوهر: بوعلي قلندر جي مثنوي جو منظوم سنڌي ترجمو، مارچ سنہ ١٩٣٢ع ۾ لکيائين، هي ڪتابڙو تارڪ مطبوعات گهوٽڪي سنہ ١٩٦٤ع ۾ ڇپرايو هو.

(٨) نظم مقبول: بهلول دانا جي مثنوي جو منظوم سنڌي ترجمو، سنہ ١٩٣١ع ۾ مڪمل ڪيائين.

(٩) جلوس التارڪين: سنڌي غزليات جو مجموعو صنعت ”ابتدا انتهايڪ“ ۾ لکيل، ٨٧ صفحات تي ٻکڙيل آهي.

(١٠) راز اظهار: عطار جي ٻي سرنامي جو منظوم سنڌي ترجمو ١٦ صفحات تي ٻکڙيل، سنہ ١٩٤٠ع ۾ مڪمل ڪيائين.

(١١) زوائد صورت: ڪتاب شاهد عشرت (فارسي) جو منظوم سنڌي ترجمو جنهن ۾ محبوب جي سراپا نظم ۾ قلمبند ڪيل آهي، ١٥ صفحات تي ٻکڙيل آهي. هي ڪتاب ١٤- فبروري ١٩٣٥ع ۾ لکي پورو ڪيو ويو آهي.

(١٢) برهان الواصلين: (سنڌي) قرآن مجيد جي چند آيات جو منظوم ترجمو، منظوم تفسير، تصوف جي رنگ ۾ رڱيل ٢٢٨ صفحات تي پکڙيل ٩- آڪٽوبر ١٩٣٢ع ۾ لکيو ويو.

(١٣) آثارالعرفان: (سنڌي) قرآن شريف جو منظوم ترجمو ۽ تفسير، صوفيانه رنگ ۾ قلمبند ڪيل.

(١٤) ڪشڪول: سنڌي، اردو، فارسي غزليات ۽ قطعات جو مجموعو ٣٥ صفحات تي پکڙيل.

(١٥) سنڌي ٻولي، شعر ۽ شاعري جي تاريخ: سنڌ ي قديم شاعرالڪرام جو تذڪرو، ڪلام جو نمونو ۽ ان تي تبصره ۽ تنقيد، هن ڪتاب جو مولوي حفيظ الرحمان "حفيظ" اردو ترجمو ڪري، ديده زيب ڪور سان ڇپرايو هو. غالباً سنڌي شاعرن جو هيءَ پهريون تذڪرو آهي.

(١٦) مخزن القوافي: سنڌي زبان ۾ قوافي جو بي بها ۽ بي نظير ذخيرو، هن ۾ سنڌي، اردو ۽ فارسي زبان جا مروج ۽ موزون هزارها قافيا لکيا ويا آهن. هي ڪتاب متبدي شعرا لاءِ رهبر ۽ باڪمال لاءِ هڪ ادبي لغات جي حيثيت رکي ٿو، هي ڪتاب وڏي سائيز ۾ ١٤٤ صفحات تي پکڙيل آهي. هي ڪتاب تاريخ ٢٨- ڊسمبر بروز خميس ١٩٣٣ع مطابق ١١- رمضان سنه ١٣٥٢هه جناب غلام عمر صاحب قاضي جي فرمائش تي لکيو ويو، شعر ۾ تاريخ ۽ سن ملاحظه فرمايو-

سال تاريخ ان جو لک "تارڪ"
رک گزن مخزن لقوافيءَ ۾

١٣ هه ٥٢

(۱۷) تحفةالڪرام: مير علي شير قانع جي فارسي دستاويز جو سليس ۽ با محاوره سنڌي زبان ۾ ترجمو، ۴۰۰ صفحات تي پکڙيل.

(۱۸) عاشقانه خطوط: سليس سنڌي ۾ خطن جو دلڪش مجموعو ۴۷ صفحات تي پکڙيل.

(۱۹) حديقةالاوليا: بامحاوره سنڌي زبان ۾ روضةالشهدا جو ترجمو ۸۰۲ صفحات تي پکڙيل. ٦- جولاءِ سنه ۱۹۲۳ع ۾ لکيو ويو.

(۲۰) عجيب معلومات: ڇهن حصن ۾ ورهايل، جنهن ۾ تاريخ، ادب، تنقيد، فلسفو، طب، نجوم، رمل، جفر ۽ دنيوي معلومات جو گنجينه آهي، ۴۷۰ صفحات تي پکڙيل ۱۵- نومبر ۱۹۳۳ع ۾ لکيو ويو.

(۲۱) ارشادات حڪمت: ميزان الطب فارسي جو بامحاوره سليس سنڌي ۾ ترجمو، ۴۰۷ صفحات تي پکڙيل، سيپٽمبر ۱۹۳۱ع ۾ لکيو ويو.

(۲۲) آه سرد: رباعيات مير درد جي ۲۱۷ رباعين جو سنڌي منظوم ترجمو، مارچ ۱۹۳۲ع ۾ پورو ڪيائين.

(۲۳) مسودات: سنڌي، اردو، غزليات، مستزاد، هفتي جا بيت، جهولنا وغيره، ۲٦۳ صفحات تي پکڙيل.

(۲۴) بره جي بندي: واڪي وهي جي نموني هڪ ڪتاب ۲۱۲ صفحات تي پکڙيل، حادثات زمانه کان ان مان چند اوراق اڏامي ويا آهن. ان ۾ سنڌي، سرائڪي، اردو، فارسي، عربي ڪلام لکيل، پاڻ ان کي هڪ نوٽ بڪ وانگر ڪتب آڻيندا هئا، اها بندي سفر توڙي حضر ۾ ساڻ هوندي هين.

(۲۵) چاڻ سڃاڻ: سنڌي ادب ۾ علم قيافه جو نادر مجموعو، هي ڪتاب قصرالارب گهوٽڪي سنه ۱۹٦۹ع ۾ ڇپرايو هو.

(٢٦) محمود نامہ نيچرل: رئيس شمس الدين بلبل جي طرز تي محمود نامي تي تضمين ١٦ صفحات تي پکڙيل.

(٢٧) عمدة الصلالب في انساب آل ابي طالب: ڏن حصن ۾ ورهايل، سليس سنڌي زبان ۾، صوبہ سنڌ ۾ آيل سادات جو عجيب و غريب تذڪره، هي ڪتاب عربي زبان ۾ ڇپيو هو، بعد ۾ تارڪ صاحب هن جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو، ڪتاب ١٦٠ صفحات تي پکڙيل آهي.

(٢٨) گوهر آبدار: سرائڪي زبان ۾ پهريون رديفوار مختصر ديوان، ١٥ صفحات تي پکڙيل ٧- جون سنہ ١٨٣٢ع ۾ لکيو ويو.

(٢٩) ديوان تارڪ: اردو زبان ۾ غزليات جو رديفوار مڪمل ديوان، ١٦٤ صفحات تي پکڙيل.

(٣٠) تحفة ال اصفيا في بيان ال اوليا: اردو زبان ۾ اولياڪرام جو سليس بامحاوره سنڌي نثر ۾ تذڪرو، ٩٦ صفحات تي مشتمل.

(٣١) مضامين تارڪ: "اردو" علمي، ادبي، مذهبي، تاريخي، تنقيدي، اصلاحي، مضامين جو مجموعو، ٧٨ صفحات تي پکڙيل.

(٣٢) شش رسائل حضوريہ: "اردو" عبادت، رياضت، ورد وظائف، طريقہ فقير، ان جي منازل و مقامات جو بي نظير ۽ دلپذير بيان ڪيو ويو آهي، ١١١ صفحات تي پکڙيل.

(٣٣) ڪليات تارڪ: "فارسي" غزليات ۽ نظمن جو دلڪش مجموعو، آخر ۾ مسدس حالي جو بامحاوره فارسي زبان ۾ منظوم ترجمو ڪيو ويو آهي، ٢٤٤ صفحات تي پکڙيل آهي.

(٣٤) ديوان تارڪ: فارسي غزليات جو رديفوار مڪمل ديوان، ١٣٠ صفحات تي پکڙيل آهي.

(۳۵) قطعات تارڪ: فارسي ۾ هين مختلف زبانن ۾ چيل قطعات جو مجموعو، ۱۵ صفحات تي پکريل.
(۳۶) آئينہ قصد گنجينۂ خرد: هزهائينس مير علي نواز خان ”ناز“ والئي خيرپور ميرس جي اُردو رباعيات جو بامحاوره فارسي ۾ منظوم ترجمو سپٽمبر سنہ ۱۹۳۵ع ۾ لکيو ويو.
(۳۷) قوت المدرڪ: ڪتاب ”تحفۃ الصوفيہ“ جو بامحاوره سليس فارسي ۾ منظوم ترجمو، ۸۹ صفحات تي پکڙيل.
(۳۸) جلوهٔ توقف: تصوف جي باريڪ ۽ بي نظير نڪات کي جديد فارسي ۾ حل ڪيو ويو آهي.
(۳۹) مقولات رسولي: ارشاداتِ مصطفيٰ صہ کي بامحاوره فارسي زبان ۾ تصوف جي رنگ ۾ پيش ڪيو ويو آهي.
(۴۰) عمدة المقال: ڊاڪٽر گربخشاڻي جي سنڌي ڪتاب ”لواري جا لال“ جو فارسي نثر ۾ ترجمہ ۱۴۸ صفحات تي پکڙيل، ۱۹- آگسٽ ۱۹۳۵ع ۾ لکيو ويو.
(۴۱) شهنشاه جارجہ ششم: جارجہ ڇهين جي فارسي نثر ۾ سوانح عمري، ۱۲ صفحات تي پکڙيل.
(۴۲) گفتگو نيڪو، سچ جو صدقو: سنڌي ڪتاب ”سچ جو صدقو“ جو بامحاوره فارسي نثر ۾ ترجمو، هيءَ ڪتاب ۴۷ صفحات تي پکڙيل آهي.
(۴۳) پرجوش خم: نورجهان بيگم جي سليس فارسي نثر ۾ سوانح عمري، ۷۷ صفحات تي پکڙيل.
(۴۴) المڪاتيب الجديده: عربي نثر ۾ خطن جي فن تي سليس عربي ۾ سمجهاڻي، ۲۷ صفحات تي پکڙيل.
(۴۵) رموزِ سالڪين: عربي زبان ۾ تصوف جي باريڪ ۽ بي نظير نڪات تي عارفانہ انداز ۾ بحث ڪيل آهي، هيءَ ڪتاب ۶۱ صفحات تي پکڙيل آهي.

دیوان تارک

رديف "الف"

هر روپ ۾، هر رنگ ۾، بيرنگ ٿيو جلوه نما،
منجهه هر اکر، هر انگ ۾، بيرنگ ٿيو جلوه نما.

هر شکل ۾، هر شان ۾، هر امر ۾، فرمان ۾،
مسجد اندر بت خانه ۾، بيرنگ ٿيو جلوه نما.

هر طور ۾، هر دور ۾، هر زور ۾، هر جور ۾،
هر ٿور ۾، هر چور ۾، بيرنگ ٿيو جلوه نما.

هر ملت و هر دين ۾، هر مذهب و آئين ۾،
شادان ۾ غمگين ۾، بيرنگ ٿيو جلوه نما.

سڀ طرح ۾، سڀ تال ۾، هر ملڪ ۾، هر مال ۾،
چا ڏيان ۾، چا خيال ۾، بيرنگ ٿيو جلوه نما.

معشوق ۾، محبوب ۾، هر زشت ۾، هر خوب ۾،
هشيار ۾، مجذوب ۾، بيرنگ ٿيو جلوه نما.

هر ناز ۾، انداز ۾، هر سوز ۾، هر ساز ۾،
سڏ، ٻانگ، ڪوڪ، آواز ۾، بيرنگ ٿيو جلوه نما.

تارڪ سندي اشعار ۾، اشعار ۾، گفتار ۾،
گفتار ۾، رفتار ۾، بيرنگ ٿيو جلوه نما.

•

سيدِ خيرالامم سردار آ،
هر دو عالم ۾ اجهو آڌار آ.

هاشمي، هاتڪ، حبيبِ ڪردگار،
مصطفيٰ، مرسل مٺو، مهندار آ.

پاڪ پيغمبر پيارو ربّ جو،
رهنما امّت سندو سالار آ.

آه بطحا جو ۽ يثرب جو ڌڻي،
دين داور، دادگر، دادار آ.

خود خدا صلواة سر ان جي پڙهي،
ان سندو هو دلربا دلدار آ.

ڇا بشر، تعريف ڪو ان جي ڪندو،
عقل انسان، قاصر ۽ لاچار آ.

آه رهبر منجهه طريقت سرمدي،
منجهه الوهيت، سو خودمختار آ.

منجهه هويّت، منجهه ربوبيّت مدام،
سرّ سالم، ايزدِ غفار آ.

ماهر آه، ناسوت ۾، ملڪوت ۾،
جلوه گر، جبروت ۾ اظهار آ،

سرور آه لاهوت ۾، باهوت ۾،
مهر منجهه هاهوت پر انوار آ.

سو سياهوت اندر آ سر خفي،
سيّد العالم شهِ ابرار آ.

'تارڪ' ان جي در سندو ادنيٰ گدا،
دم قدم سان طالبِ ديدار آ.

•

اڄ ڪو پيار ساغر سرشار ساقيا،
جنهن کان ڏسان مون عشق جا اسرار ساقيا.

تنهنجي خم سخا منجهون، ڇا گهٽ ٿئي ذرو،
جي جام ڏئين ڪئي، يڪبار ساقيا.

خالي نه ڇڏ سي، چاشنيءَ جام باده مون،
ميخانه ۾ جي ٿيا، پس ديوار ساقيا.

آيو بهار، موسم عيش و نشاط ٿي،
ديوانه پنهنجا ڇڏ نه، دل افگار ساقيا.

ساري ۾ جي ستايل، سورن سندا هجن،
سرڪيءَ سان تن جي ساوڻ، لهه سار ساقيا.

هٿ تنهنجي ۾ ٿيو، نشهٔ عشق شهود پاڪ،
منجهه جام تنهنجي غيب جو ديدار ساقيا.

جمشيد سندي جام کان، تنهنجو ٿيو جام وڌ،
ان ۾ تون عڪس پنهنجو ڪو ڏيکار ساقيا.

پيالي کان تنهنجي پُر ٿي، تارڪ ٿيو محو هُو،
تو عشق جو ڪري، اهو اظهار ساقيا.

•

تنهنجو رخ ۽ زلف ڄيا شام ۽ سحر اي دلربا!
حسن کي عشق کي جن کيو پڌر اي دلربا!

سنبل ۽ سيمين، نرگس ۽ بنفشہ زعفران،
ٿيو نزاڪت تنهنجي جو تن ۾ اثر اي دلربا!

نازنين، ناز آفرين، نازڪ بدن، نازڪ ادا،
درد تنهنجي کان ٿيا عاشق دربدر اي دلربا!

سونهن ۾ ثاني نہ تنهنجو ڪو خدا خلقيو ڪٿي،
مر ڏسي ڪوئي نهاري هر بشر اي دلربا!

’تارڪ‘ آهي نينهن تنهنجي ۾ سدا مخمور محو،
شوق تنهنجي جو ٿيس دل ۾ شرر اي دلربا.

•

خدا جي گوهر ڪٿي ڪري ها، فدائي دندانِ يار ٿيون ها،
بنائي لعل يمن جي ها رب، چپن تي ان جي نثار ٿيون ها.

بنائي مشڪِ ختن جي ها حق، تہ خالِ عارض تي ٿيون ها صدقي،
اگر اسان کي ڪري ها عنبر، فدائي زلف نگار ٿيون ها.

خدا اسان کي ڪري ها پٿر، تہ تنهنجي چانئٺ جو ٿيون ها پٿر،
مٽي اسان کي بڻائي ها جي، تہ تنهنجي دڳ جو غبار ٿيون ها.

هي بحرِ الفت نہ خوشنما آ، مگر ٿيون ان ۾ بلا جون موجون،
وڏي مزي سان لنگهي ها پنهنجي، جي بحر اهڙي جي پار ٿيون ها.

•

بزم مشاعره نصير آباد مؤرخه ١ - نومبر ١٩٣٣ع
مصرع طرح: "حمد و ثنا جي لائق سرڪار آه سدا"

حمد و ثنا جي لائق سرڪار آه سدا،
دوجڳ مٿان مدامي مختار آه سدا.

جنهن يار کي سڃاتو، هر فرقه کان ڇٽو،
سو بغض ڪفر دين کان بيزار آه سدا.

محفل ۾ ميڪشن جي ساقيءَ جي اک عجب،
مئي عشق جي سان ساغر شرسار آه سدا.

ديهيم، جم، سڪندر جي، ناه ڪاڻ ڪا،
ان کي جو تنهنجي در تي پينار آه سدا.

قرآن حديث سڀئي ان مؤن، مون کي مليا،
منبع علوم تنهنجي گفتار آه سدا.

جلوو خدا جو هردم ان مؤن ڏسان ٿو پيو،
اي يار اهڙو تنهنجو ديدار آه سدا.

ٿي پير ۽ پيمبر جي اوٽ ڇو وڃان،
هڪ ئي نبي محمد آذار آه سدا.

جنهن ڪين سر سڃاتو، پنهنجو ڪان معرفت،
سو خس ڪان هيٺ ناقص نادار آه سدا.

بزم سخن ۾ "قادر بخش" آه جو امين،
منهنجو سونهارو منعم غمخوار آه سدا.

بدنام عشق اهڙو ڪيو تنهنجي شوخ جو،
عاشق سنده گليءَ ۾ ڏس خوار آه سدا.

صلح ۽ سلوڪ پنهنجو سڀ سان ٿو رهي،
اغيار کي به پانيون ٿا يار آه سدا.

جذبهٔ بقا ڏني آ، تعليم ترڪ جي،
دنيا جو مال ڏيان ۾ مردار آه سدا.

بلبل تون اهڙي گل تي، مفتون ڇو ٿئين؟
جنهن سان چمن ۾ رهندڙ گڏ خار آه سدا.

ملڪِ سخن جي شاهي، معنيٰ جو گنج ٿي،
پڻ کهڙي توکي اي دل! درڪار آهه سدا.

ماهه سيم، زر، يا مايا، سودي ۾ سر جي ناهه،
سر ڏيڻي سر وٺڻ جو، وهنوار آه سدا.

زلفن جي دام اهڙو، قابو ڪيو ڪٿي،
ڏسجڻ ۾ هڪ ٿيو سڄڻ زنّار آه سدا.

محبوب منهنجو آهي، جو صدر بزم جو،
سونهن جي فوج جو سو سالار آه سدا.

جاڻو نہ گهٽ جي 'تارڪ' پانهو ٿيو عشق ۾،
بر مسندِ محبت جو سردار آه سدا.

•

ديد تنهنجي ڪان ٿيا، دانا ديوانا ڪيترا،
ناز جي ناوڪ ڪيا، ناميا نشانا ڪيترا.

ڪيئي عاشق عشق جي ايذا سبب مقتول ٿيا،
خاندانن جا ٿيا برباد خانا ڪيترا.

ناموَر ڪيا نينهن ڪيئي، اصل جي گمنام ها،
ناڻو ان جا برزبان، گذرين زمانا ڪيترا.

تنهنجي الفت ۾ جي آيا، ترڪ ڪيا تن خانمان،
خيال تنهنجي ۾ لٽايا تن، خزانا ڪيترا.

زلف جي سودا ۾ گذري، عمر ساري تن وٺي،
گوش زد عالم ۾ ٿيا، تن جا فسانا ڪيترا.

سبزهٔ صحن چمن، فرش زمرّد آهي چمن،
ابر جا گلشن مٿان ٿيا، شاميانا ڪيترا.

همسفيرن ساڻ هن باغ جهان ۾ ياد ڪر،
اي دل مرغ سخن، پنهنجا ترانا ڪيترا.

بانگ ممبر تي چوڻ جو ڪر نہ اي زاهد غرور،
ڪڪڙيون ٻي ٺان ٺان ڪندي لاهن ٿيون آنا ڪيترا.

ڪين ڪنهن جو وس چلي، توڙي هجي رستمزمان،
شان ڏاڍا گم ڪيا، شوخن شهانا ڪيترا.

شعر جو چڏ شوق 'تارڪ' تو گهڻوئي چيو ڪلام،
تنهنجا رهندا دهر ۾، هي داستانا ڪيترا.

●

اڪين ۾ جوڙي ڏيان جايون، اچين جي يار البيلا،
سوين ٿو سال پايان، جي وڇوڙي جا لنگهن ويلا.

هلي منهنجي اڱڻ اچ تون تہ دل جا غم لهن گوندر،
ڏسي ميلاپ توسان ٿين اغيارن جا منهن پيلا.

ٿو جاڏي دل جو رايو ٿئي اکيون پي ٿيون ڏسن اوڏهن،
مثل مشهور هي آهي، تہ اڳ ۾ گر پٺيءَ چيلا.

جڏهن صنعان جي سر عشق آيو، سوئر ٿي چاريئن،
تڏهن چا ٿيو جي مون منجهہ عشق مارن چوڙيا چيلا.

شهيد عشق جا مرقد، مدامي رب ڪيا روشن،
نہ ٻُڌلٽن جي مزارن تي، ڏٺم 'تارڪ' ڪڏهن ميلا.

●

صورت ۾سي سڄڻ جي سهاڻا ٻه ڏيا ڇريا،
ڇا ٿيو اسان جيها جي ڪي عامي ڪٺي ڪريا.

جـي آتشين مـزاج، سندم دلـربـا نہ هو،
هيڻن هوند اسان جي دل ۾ ٻارڻ نہ هي ٻريا.

مشڪل ٿيو قيد زلف مون، دل جو ڇٽڻ وري،
ڦاهي جي ان جي ڦاڙا، سي ڳاري اندر ڳريا.

مون تي جـو آزمايش قسمت سندي ڪئي،
تـا بـرخـلاف نفس جـي ڍارا وڃي ڍريا.

هـرگـز نـہ پهتا منزلِ مقصود تـي اهي،
جي راه سندي رنج ۽ ڏک کي ڏسي ڏريا.

هن باغ بي بقا جـو ٿيو، رنگ و بو عبث،
جو ڪيئي غنچہ ري ڪلئي، ڏرتيءَ اندر ڏريا.

اي دل نہ ٿي ملول، جي هو دلربا ٿيو دور،
ان جي وصال جـا هي وري ڏينهڙا وريا.

تارڪ گهٽوئي موڙيو سي، منهن مہ رخن ڪنان،
ليڪن بنا انهن نـہ حياتيءَ جـا دم سريا.

●

ڳلي تـو سندي آه عرفات پيارا،
بنا تـو سندم خانہ عرصات پيارا.

پڙهان توتي پرتئون، هزارين سوين لـک،
سـلام و درود تـحـيـات پـيـارا.

ظهورو ڪيو تو مظاهر مون موزون،
صفت ۾ ئي ظاهر سندءِ ذات پيارا.

سٽي ”ثم“ وجه“، سخن تو سندي ڪي،
ڏنو عاشقن تنهنجو اثبات پيارا.

وڇوڙو سندءِ ٿيو، عذابِ جهنم،
ملڻ تو سندو آه جنّات پيارا.

غريبانه ”تارڪ“ بسر ٿو ڪري هت،
سندءِ ياد ۾ پنهنجا اوقات پيارا.

●

اڄ ٿا هن گهوٽ جا گهر گهر ۾ پڏائن سهرا،
سهڻا سهڻي جي وڃي ڪاڄ جا ڳائن سهرا.

وڃي عطّار جي دڪّان تي قيمت ڏيئي،
سيم جي تار ۾ موتين جا پوائن سهرا.

سر تي لاڏي جي وه وه سونهين دستار جو پيچ،
پيچ دستار مٿان پيچ ٿا پائن سهرا.

جيئن خورشيد لڪل، زير سحاب آ ٿيندو،
گهوٽ جي منهن کي ٿا تيئن هي ﺑﻪ ڇپائن سهرا.

آتشين رخ تي وَني جي، جو سرون ٿيون لڙڪن،
بيخبر باهه ۾ ٿا چڙهي جلائن سهرا.

جو اگهي چمڪ ۾ هو، چنڊ کان چندان سهڻو،
واهه ويتر ان رخ تي ٿا رهائن سهرا.

جا ڪري ڪيس تي، سينگار بنائي صورت،
حسن اهڙي کي ته ويتر ٿا وڌائن سهرا.

گرچه آهن ڇپا سهرا ﺑﻪ سخن وارن اڳ،
تنهنجا ”تارڪ“ ﺑﻪ نڪا گهٽ ٿا لکائن سهرا.

•

جي آنءِ طالبِ موليٰ تہ پيءُ شرابِ فنا،
انهيءَ ڪيف کان مدهوش ٿي خرابِ فنا.

سماع انجي ۾ ٿي محو ٿي خوديءَ کان دور،
دم ۽ قدم سان وڄائيندو رهہ ربابِ فنا.

علوم عقل پرائڻ نہ پرت وارن ڪم،
جي علم عشق جو چاهين، تہ پڙهہ ڪتابِ فنا.

هواؤ حرص رکڻ تا، اجائي هستيءَ ۾،
خيال خطرا دنيا جا ٿيا، حجابِ فنا.

مريدِ پيرِ مغان صدقِ دل سان رهہ "تارڪ"
اتاهون حاصل ٿيو طالبن کي بابِ فنا.

•

ٿي بحرِ وحدت ۾ فنا، چؤ "من خدايم، من خدا"،
محوِ لقا ٿي منجهہ بقا، چؤ "من خدايم، من خدا".

پنهنجو وڃائي پاڻ کي، ڇولي تون ڏس هن ڄاڻ کي،
ڪان جسم جان ٿي تون جدا، چؤ "من خدايم، من خدا".

بيچون ۾ بيچون ٿي، منجهہ محويت مرهون ٿي،
جذبہ جلالت جي صدا، چؤ "من خدايم، من خدا".

منجهہ "وَهُوَ معڪم" غرق ٿي، ڏي ڀڻ ٻولي فرق جي،
ڪر منجهہ حقيقت سر فدا، چؤ "من خدايم، من خدا".

ري ميم احمد عين حق، سرور جو صوفين کي سبق،
سالڪ سو پڙهہ، بيخود سدا، چؤ "من خدايم، من خدا".

خود کي فنا ڪر منجهہ خدا، رڳي رڳ انالحق ۾ فنا،
ٿي محو ذاتي، سڻ ندا، چؤ "من خدايم، من خدا".

"تارڪ" هوڻ اولو وڏو، هن رمز ليءَ رولو وڏو،
جڏ دل ٿئي محوِ ضيا، چؤ "من خدايم، من خدا".

•

مصرع طرح:

”ڇا ڪري سگھندو ڪوئي الله اڪبر جي ثنا“

ٿي وٺي هروقت مون کي دوست دلبر جي ثنا،
جيئن گداگر کي وٺي، اڪثر تونگر جي ثنا.

عاشقن ۾ ڏيئن رهي معشوق جي تعريف ٿي،
جيئن ٿي هر امت ۾ ٿئي، پنهنجي پيمبر جي ثنا.

نفس آهي اژدها هڪ، ڪيئن نه چيريان تنهن کي مان،
ڪيئن نه غالب ٿيان، ڪريان ٿو شاهه حيدر جي ثنا.

اهڙو آهيان مان شرابي، جو مرڻ جي بعد ٻي،
هوندي جاري منهنجي لب مؤن، باده ساغر جي ثنا.

جي گهرين زاهد ته محشر ۾ پيالو پُر ملي،
ڪر تون ساقيءَ جي ثنا، ڇڏ جام و ڪوثر جي ثنا.

لاٿو قاتل منهنجو سر جو، هو ڪُلهن تي بار ٿيو،
مون انهيءَ احسان تي ڪئي، ان جي خنجر جي ثنا.

ٿيو ظهور و ذات اقدس، گرچه سڀ صورت منجهان،
پر ڪيائين پاڻ آدم واري مظهر جي ثنا.

اهل دنيا جي نه ٿئي تعريف هن دفتر ۾ درج،
آهه ڪا قرآن ۾ ڪٿ، ڪنهن به ڪافر جي ثنا؟

جنهن زبان حرص کي، ڪاتي قناعت جي وڍيو،
تنهن ڪان ڪهڙي وات سان ٿئي، سيم ۽ زر ثنا.

جي ڏسين تون منهنجي هيءَ دل صاف، جيڪر نا ڪرين،
جام جمشيديءَ جي آئينهءِ سڪندر جي ثنا.

ڪيئن نہ مرغانِ چمن ها، گوش آواز سڀ،
صبحدم ڪئي باغ ۾، قمريءَ صنوبر جي ثنا.
ڏس تہ ڪيئن قدرت جي ڪاريگر سڀن کي ڏني چڙي،
ڪعبہ جي مومن کي ۽ ڪافر کي مندر جي ثنا.
عقل عاجز، فهم قاصر، جملہ مخلوقات جو،
ڇا ڪري سگهندو ڪرئي، الله اڪبر جي ثنا.
عالمِ ارواح ۾ جامي، نظامي، ٿو ڪري،
ڪان نزاڪت نظم هن "تارڪ" جي دفتر جي ثنا.

•

زلف دلبر جي آه ڇن ڪاري بلا،
عاشقن جي لاءِ تنهن ڏاري بلا.

رات ڪاري، منجهہ تصوّر زلف جي،
سربسر مون لاءِ ٿي ساري بلا.
ساٺهو مارن ٿا بلائون ڪيتريون،
زلف دلبر جي نہ ڪنهن ماري بلا.
هو بلا مون ليءَ تصوّر زلف جو،
پر تصوّر رخ اها ٿاري بلا.
ڪيئن وٺان مون لطف روءِ دلربا؟
زلف جي هر وقت آ، چاري بلا.
يادگيري ٿي زياده زلف جي،
ڪالهہ جوڳيءَ مون کي ڏيکاري بلا.
جوڳي ٿا ڏارن بلائون گرچہ لک،
ليڪن آهي زلف جي پاري بلا.
ات گرو گوگي جي ڳرندي ڪين دال،
سخت آ، زلف صنم واري بلا.
مصرعِ توصيفِ گيسو نانگ آه،
منجهہ سخن "تارڪ" تو سينگاري بلا.

●

زلف دلبر جي سان ٿيندي، ڪنهڪي همسر بلا،
عاشقن جي لاءِ ڌاري آه، هي دلبر بلا.

مون بلا سان ٿي ڏني، تشبيهه زلفِ يار کي،
پاڻ فرمائين، ”بلا کان، منهنجي آ بهتر بلا“.

عاشقن ٻوليو ”بليٰ“، جڏ يار فرمايو ”الست“،
تنهنڪري سي هجر ۽ حرمان جي پيا در بلا.

تون تصوّر زلف جو هجرِ صنم ۾ ڇو رکين؟
بيوقوفي ڏس جو چاهين ٿو، ڪري واهر بلا.

پنهنجي زلفن کي ڪنڌائي، هو ستو کٽ تي سجڻ،
عاشقن ٿي چيو،”ڪرين ٿو ڪيئن تون همبستر بلا.“

ڪيئن اسان کي دسترس ٿيندي، صنم جي زلف تي،
آه ورتي، ڪنهن اڳي، ريءَ منڊ يا منتر بلا.

نفس جي آهي بلا، چيرن ٿا تنهن کي اهلِ عشق
سهڊ طفلي ۾ هئي چيري جيئن حيدر بلا.

ٻاهريون مارين بلائون لک، نه مرندي آه سا،
مار جيڪا آه تنهنجي، نفس جي اندر بلا.

مارِ گيسوءَ جي ڏنگڻ کان آهه ٿيو”تارڪ“شهيد،
حشر ان جو ڇو نه ٿئي درڪشتگانِ ڪربلا؟

رديف "ب"

تو کي سهڻا ساهه ساري روز شب،
تو بنا گوندر گذاري، روز شب.

ري ملڻ تنهنجي مرڻ جو ڊپ اٿر،
هي مون کي ڳاراٿو ڳاري، روز شب.

بي سبب رانول رسي آهين ويو،
تنهنجو روسامو رئاري، روز شب.

ڪيئن اچهامي، ري ملڻ تنهنجي مٺا!
برهه ٿو جا باهه ٻاري، روز شب.

چوطرف تنهنجي اچڻ جي چاهه ۾،
دل سندم واٽون نهاري، روز شب.

عشق جي آتش رهي شعله فشان،
موم جيئن من ٿي پگهاري، روز شب.

ياد ڪيون تو يار کي هر نيڻ، نيڻ،
هر زمان هنجهون ٿو هاري، روز شب.

عشق جي آزار جو دارون نه ڪو،
مرض هي ماريون ٿو ماري، روز شب.

توتي تنگي، تنگ "تارڪ" جو سدا،
هيو تڪڻي تنهنجي پناري، روز شب.

•

جهاتي وجهي جي پاڻ ۾ لاهين هوڻ حجاب،
تو ۾ آ پونءِ، اپ ۽ مهتاب، آفتاب.

درياهه بي ڪنار حقيقت سندو تون آنهن،
هيءَ جسم تنهنجو آهه جڻ پاڻيءَ مٿي حباب.

شب روز ذڪر ذات حقيقت جي نور ۾،
ڪر دور خيال پنهنجي ڪان، ظلمات، خورد خواب.

بيچون، بيچگون، حقيقت آ تو سندي،
باطن ڏسين تون، لاهي جي ظاهر سندو حجاب.

علم لدّني درس ڪهين ۾ نه ٿئي حصول،
جيسين رکين نه زير نظر، دل سندو ڪتاب.

ٿي مام 'من عرف' جي فقيرن جي واسطي،
ارشاد خاص شيرِ خدا شاهه بوتراب.

"تارڪ" جي منجهه تصوّرِ حق محو ٿي ويا،
هر جاءِ حق ڏسن ٿا، ڇڏي ڏوهه ۽ ثواب.

•

سچائي 'ثم وجه الله' ٿي لاهوتي لا مذهب،
جو ٿي آهه رات، سو ٿي ڏينهن، جو مشرق آ سو مغرب.

سچاتي تن سچي صورت، پڇي پولو پيائيءَ جو،
پڙهيو جن هيڪڙائيءَ جو سبق منجهه معنوي مڪتب.

اڏاريو جن قفس جسميءَ منجهان شهباز روحاني،
لنگهي تن عرش ڪرسيءَ کان، لڌو منجهه لامڪان منصب.

وساري پاڻ، تون پس پاڻ ۾، تا پاڻ روشن ٿئي،
پروڙج مام "معڪم" ۽ "وفي انفسڪم" ۽ "اقرب".

سچائي سِرُ" پنهنجي ريءِ، جيئن جڳ ۾ اجايو آه،
جنهن تي "من عرف "ڪشوف" تن "موتوا" ڏلو مطلب.

سدا پيءَ جام فيض، "فاذ ڪروني"، عشق مۇن "تارڪ"،
دوئي جي درد وارن ليءِ، دوا هيءَ آه وه مجرب.

●

ناهه سهڻا توکي ضرورت زيب،
ڪونه تو ۾ خدا ڪيو ڪو عيب.

ٿو ڏسان، تو تڏهن چوان بي خوف،
آءِ صورت سندءِ ڪي مظهرِ غيب.

تو ٿيان برهه تنهنجي ۾ بيران،
ٿو ڪريان چاڪ پنهنجو دامن و جيب.

جو چکي چاشني، چوي تو هيئن،
آه شيرين تہ لعل لب لا ريب.

مون نہ چاتو تہ هيئن جدا ٿيندين،
ڪيو مون سان وڏو فراق فريب.

درد وارن جي سا دوا آهي،
تا چون جو سندءِ ذقن جو سيب.

سو سکيو ڪيئن رهي سکهي "تارڪ"،
مليو قسمت ۾ جنهن ڏکن جو ڏيب.

●

عاشقن کي اصل کان دل آه ديواني نصيب،
آه زاري، انتظاري، زخم پنهاني نصيب.

خلق جي خواري، مٿن جا طعن ۽ ناصح جي پند،
ڏک ڏهاڙي، درد دائم، رنج روحاني نصيب.

ڪيئن سو منجهه فردوس حورن سان گذاري، خوش ٿئي،
ٿيو جهان ۾ جنهن کي عشق، صورت انساني نصيب.
جن مسلمانن ڪئو منجهه ڪربلا آل، نبي،
ٿي نہ ڪنهن ڪافر کي شل اهڙي مسلماني نصيب.
جي ٿئي حاصل تہ ٿئي ديدار جي دولت حصول،
ڇا ٿيو جي ٿي ڪٿي هيءَ دولت فاني نصيب؟
جن فدا ڪيو يار تان سر کي ڪري مردانگي،
شل ٻين کي ٿي اهين همّت ٿئي مرداني نصيب.
قيصر و فغفور کي آئيان نظر ۾ ڪين ڪي،
جي در، اقدس سندي ٿئي، مون کي درباني نصيب.
اي رقيب، خرخصالت، ٿا پٽن توکي عشاق،
رهندين فڪر، رزق ۾، ٿيندءِ نہ شل ماني نصيب.
جت مڙين کي ٿي نصيبؐ ان بارگهہ حق مؤن مليو،
ٿي اتي "تارڪ" کي سهڻن جي ثناخواني نصيب.

●

ڇڏ دنيا جا سڀ تون ڏنڊا، جي ٿي مولىٰ جي طلب،
ڪين مولىٰ جي طلب ٿئي، جي ٿي دنيا جي طلب.
طالب الدنيا مخنث، طالب المولىٰ ٿيو مرد،
تا چون آهي مونث، جنهن کي عقبىٰ جي طلب.
عاشقن کي دم قدم سان، مقصد آهي وصل، دوست،
لاءِ جنت زاهدن کي، زهد، تقوىٰ جي طلب.
نشہءِ ذاتي وڏائي لِيءِ وڏو آهي سبب،
تڏ* صفت ۾ سالڪن کي، آهہ صهبا جي طلب.

---

* تڏهين

رچيو آ پيرنگي نمايان ٿيو بتن جي روءِ ۾،
عاشقن کي ٿي تنهن رخسارِ زيبا جي طلب.

منجهه همه اوست آ مقامِ صوفيءَ سرمست خاص،
عالمن کي دين، ملت، فقه، فتويٰ جي طلب.

حالت حلاج ”تارڪ“ ان کي حاصل ٿي ٿئي،
جنهن کي صورت جي رهي سڪ، اهل معنيٰ جي طلب.

●

مصرع طرح:

”توسان ملان مون اهڙو ڪري شل خدا نصيب“

تنهنجي فراق ۾ ٿيو مون کي يار ڇا نصيب؟
رنج و غم و ملال ۽ جور و جفا نصيب.

توکي خدا جمال ڪيو هر طرح عطا،
ليڪن نه ٿئي مروّت و مهر و وفا نصيب.

اغيار تي عنايت، عشّاق تي ستم،
هرڪنهن کي يار ڪان مليو پنهنجو جدا نصيب.

توبه ڪان گرچه هوس، مون شرمندهٔ شراب،
ليڪن ڪرم سان پير مغان ڪئي صلا نصيب.

ٿيا رند رستگار ته عجز و نياز ڪان،
زاهد غرور وارا چون ٿا ته ”يا نصيب“.

پيرن سنڌ جي مون کي هٿي جي ڪٿي ملي،
جاٽان ته چڻ ٿي آهه، اها ڪيميا نصيب.

سوکين نه مڪ جان منهن هٽي، توڙي اڏي مٽي،
جنهن کي ٿيو هن جهان ۾، حرص و هوا نصيب.

جنهن تي سندء عنايت، آرام ۾ آهي،
نہ تہ تا وتن پٽيندا، ھتي ڪيترا نصيب.

اعجاز ۾ سندء ٿو مسيحا، خلل پوي،
بيمار عشق جي ڪي، نہ ٿي جي شفا نصيب.

سو چو نہ خوش نصيب ٿئي ھر دوجهان ۾،
دنيا ۾ جنهن کي ٿيو، ھتي فقرو فنا نصيب.

”تارڪ“ رسيدہ آنهن، تون معنيٰ جي ملڪ جو،
تو کي ٿي آہ صورتِ طبعِ رسا نصيب.

رديف "ب"

'يا ٿيان' پڙهندو وڃي وٽ يار ٿيو،
ڪوئي دم منجهه دولتِ ديدار ٿيو.

جيئن مقابل ٿئين وڃي محبوب وٽ،
مڪر ڪنهن اهڙي سان اي مڪّار ٿيو.

تو وڃي سيرِ چمن تي هو صنم،
باغبان ٿي، بر درِ گلزار ٿيو.

پوءِ پلي توکي تڙن محفل منجهان،
ڪنهن هنر سان حال تا هڪوار ٿيو.

من ڪرين حاصل قدم بوسي ڪڏهن،
خاڪ ٿي پيرن جي منجهه پيزار ٿيو.

خار جيئن ڇو تو رقيبن سان رهين؟
گل بڻي منجهه طرّهء دلدار ٿيو.

حسن جي هٽ تي سُڃي جو ناهه ڪم،
نقد دل جي ساڻ منجهه بازار ٿيو.

ڇو لڪين ٿو لوڪ کان، لڄ ڇو ڪرين؟
نازنين وٽ "تارڪا" نروار ٿيو.

رديف "ٻ"

زمانــي ۾ محبت آه اڻ لڀ،
صفائــي ســاڻ ظلمت آه اڻ لڀ.

پئي آ بزدلــي دنيا ۾ ڪاهي،
رهي مردن ۾ حشمت آه اڻ لڀ،

سچي سڪ آ وئي سڀ مؤن چڏائي،
گهٽو مهر ۽ مودت آه اڻ لڀ.

ڪري جا رهبري راهه خدا ۾،
انهيءَ سالڪ جي صحبت آه اڻ لڀ.

جهان سارو ٿيو مــاتم ڪده آه،
تنهن ۾ امــن راحت آه اڻ لڀ.

نه آهــي اعتبار ان جي دلاســي،
وفــا ۾ خوبصورت آه اڻ لڀ.

جنهين ۾ ٿئي ميسر وصل دلبر،
سا مشتاقن جي قسمت آه اڻ لڀ.

عجب ديوان "تارڪ" ليڪ ان ۾،
سخن سنجيءَ جي صفت آه اڻ لڀ.

•

عشق الـفـت ۾ مرڻ، هيءَ عاشقن جي سونهن سوڀ،
ڏک ڏسي ڪان نا ڏرڻ، هيءَ عاشقن جي سونهن سوڀ.

ٻـره جي دريـا مـٿي، تـرهـو تـوڪّل جـو ڪٽي،
تـار اوپـارو تـرڻ، هيءَ عاشقن جي سونهن سوڀ.

ڪاڪلِ پيچان جـا گردن ۾ وجهي پيچن تي پيچ،
زلف جي ڳاري ڳرڻ، هيءَ عاشقن جي سونهن سوڀ.

جـي ڪـٽـي مـوذي ڏيـن آزار اهلِ عشق کـي،
سر سندن سرنديءَ نرڻ، هيءَ عاشقن جي سونهن سوڀ.

روز شب منجهه يـادگيري يـار جـي يڪدل رهڻ،
ريءَ سجڻ دم نا سرڻ، هيءَ عاشقن جي سونهن سوڀ.

پاڻ کي پاسي ڪري، "تارڪ" ٿيڻ حق ساڻ هڪ،
طرف وحدت جي ورڻ، هيءَ عاشقن جي سونهن سوڀ.

•

ٿي چريو منجهه چال جي، پر کي ڏٺاسون يار سڀ،
ٻـيـا سيٺي ڪم آيـا، پـر آيـا نـه دنيادار سڀ.

ڪو قياس ان تندخو کي، منهنجو اڄ تائين نه پيو،
عـشـق ان جـي ۾ اگـرچه، سـر سـٺم آزار سڀ.

سڀ مڙي پير ۽ فقير آيـا جـو مون سان ميڙ تـي،
پـر نـه پـرتو سو پرين، چونـدي ٿيا لاچـار سڀ.

جـي گهرين تـان منزلِ محبوب کـي ماڻيان وجي،
لاهه سانگـو ساهه سر جو، هل سٺي سينـگـار سڀ.

جي نه هوءِ حق جي عطا "تارڪ" سخن سنجي ڪرڻ،
ريس تـي ماڻهو ٿي شاعـر هـا چون، اشعـار سڀ.

رديف "ٽ"

ماهروين جي محبّت جو نہ مُلّھ سمجهيو مٽ،
چار ٽٽ عالم ڏنا سمجهن، پر ٽ پنجون آه ٽٽُ.

خون دل کائڻ آهي ڪم عاشقن جو روز شب،
ناهہ تو جيئن زاهدا، کائڻ وڃي ختمي جو پٽ.

جي گهرين جانب سان گڏ جالين، سمهڻ جو ساء چڏ،
ڏس تہ سسئي کي سمهڻ مؤن، ڪيئن ڪري ويو جاڙجَٽ.

پير ڪڻ پر جو پني ھؤ پنڌ تا پهچي وڃين،
سڪ ڪٽي سونهين سڄڻ ڏي ڪر صدق، سر َساهہ سٽ.

من اندر آتڻ وجهي، چرخو چلائج چيٽ سندو،
ڪڻ پها پُوٽيون، پريٽڻون، سڪ سندو سُٽ صاف ڪٽُ.

نازنين نروار پيهيَ آيو "تارڪ" جي اڱڻ،
هاڻ اي اغيار تون تنهن ساڙ ۾ ويگهاڻو وٽ.

●

بزم مشاعره نصير آباد (لاڙڪاڻو)

مصرع طرح: "سيمتن جي عشق ۾ بيدل سندو بيدار بخت"

تو سان لاتم نينهن پنهنجو تنهنڪري ٿيو يار بخت،
عشق تنهنجي ۾ رهي منهنجو سدا تيار بخت.

علم، فن ۽ سهم، زر ۽ هوش، عقل ۽ عيش، امن،
سڀ اجايا جي نہ آهي ياور ۽ غمخوار بخت.

حسن جي سلطان جو منزل ڪٿي الفت اندر،
شان مان ان جا هئا پانها ۽ سپهہ سالار بخت.

حسن وارا ڏين بوسو اڄ وٺي ٿا سيم کي،
برهہ جي بازار ۾ ڪوليو سندن رخسار بخت.

تو رقيب روسيہ کي جاڪون پاٽان ڪيو پري،
تاڪون ان جو عقل آهي زار ۽ لاچار بخت.

مال دنيا چو نہ ڏاري، مر هجي قارون جيئن؟
جي بخيل آهي تہ ان جو آهہ چڻ بيمار بخت.

مر چون ماڻهو، تہ تنهنجي عشق ۾ آهي چريو،
مون ٿو چاٽان، عشق تنهنجي ۾ اٿم هشيار بخت.

منهنجي ياڪر ۾ جو آئين ناز مان نازڪ بدن،
ان خوشيءَ کان پيو نڙي، منهنجو ٿيو گلزار بخت.

رخت کي ۽ تخت کي ۽ تاج کي سڀ ٿا گهرن،
ڪين ۾ ٿي ڪين ڳولهي ڪو قلندر وار بخت.

تنهنجي در تي جي گداگر ٿا رهن، تن کي نواز،
ڏي زڪواتِ حسن تا تنهنجو وڌي دلدار بخت.

سڀ پيچي هڪ جيڏا ويا طوفانِ غم جي ۾ پيس،
ڪين ڪي مون سان ٿيو ڪنهن جو ڪرڻ واهار بخت.

ڪالهہ هيئن مشاطہ چيو مون کي انهيءَ دلبر سندي،
"سيمتن جي عشق ۾ بيدل سندو بيدار بخت".

دردو عالم ڪر ڦٽي "تارڪ" ۽ تارڪ ٿي گذار،
ڇڏ اهي اشمار جو ناهي سنديءَ اشعار بخت.

●

عاشق آهين تہ سڪهو پاڻ وسارڻ ڪنهن ريت،
همت ۽ هوڏ ڇڏي، نفس کي مارين ڪنهن ريت.

معرڪہ قتل ۾ جت عاشقِ جانباز اچن،
سر وڍائڻ ڪان اتي ساهہ نہ وارين ڪنهن ريت.

دل جي ڪوري ۾ سندءِ ڇٽنگ پيل جا آهي،
ڏوڪي آڙاهہ ڪري، تنهن کي اٿارين ڪنهن ريت.

فقر، فاقہ ۽ قناعت تي سدا رهہ قائم،
ريءَ رياضت جي گهڙي دم نہ گذارين ڪنهن ريت.

جي گهرين تا ٿيان مشهور، نظر باز، عشاق،
سڪ ۾ سهڻن جي سدا پاڻ اجارين ڪنهن ريت.

گلشنِ عالمِ بالا جو پکي تون آهين،
پڃي پڃرو بدني، پاڻ اڏارين ڪنهن ريت.

ڪرين يڪ دل، ٿي تڏهن قرب قديري حاصل،
هيڏي هوڏي جڏ *"تارڪ" نہ نهارين ڪنهن ريت.

●

در صنعت تقليب قافيہ

[شعر ۾ اينديڙ قافيہ، ابتو ڪري رکجي، جيئن
بات، تاب وغيره]

روز تنهنجي روح ۾، سڪ ۽ طلب جي تار، رات،
بيخودي ۾ بره جي، بيوس ڪريان، بي تاب، بات.

خيال ۾ ان خوبرو جي، خوشنوائي تي سندم،
جنهن اڳيان ڇاٽان ٿو، بلبل ٿو ڪري بي تال، لات.

---

* جڏهين

SOORIH SINDHI ADAB

جي چوان ڪجهہ ٿو صفت، ان آتشيْن رخسار جي،
خشڪ لب گرميءَ ڪان ٿئي ٿو، ۽ سخن جو تاؤ وات،

حسن تنهنجي سان ڇا نسبت، ٿئي قمر جي نور ڪي؟
رشڪِ مه جي مُنهن اڳيان، ڏسجي ٿو ماهِ تام مات.

تو ڪي اي مشتاق مهلت آهہ قاتل ڪان ملي،
وٺ ڪري ديدار دلبر جو ڪسين تون تاڪ ڪات.

مرد جي ”تارڪ“ تون آهين، ڪنهن جي منت ڪيم ڪِٿ،
برلب دريا مرين تہ بہ، تن ۾ تسيو تاس سات.

●

سر مست، جگر مست، ۽ دل مست، ۽ دم مست،
مون ڪي ڪيو ديدار سندي چشمِ صنم مست.

هر ڪوئي هتي آيو منجهان ڪتم عدم مست.
ڪو مست گدائي ۾، تہ ڪو منجهہ خيالِ حشم مست.

ڪو فقر ۾ ٿيو مست، تہ ڪو مست غنا ۾،
ڪو بخل ۾ ٿيو مست تہ ڪو ساڻ ڪرم مست.

اڄڪلهہ جو نہ مست آهيان، مگر روزِ ازل ڪان،
مئي نوش آهيان ٿو رهان سرتا بقدم مست.

اڄتي چئي ”تارڪ“ نئو مستيءَ ڪان سخن ڪو،
مس مست، تہ خط مست تہ هٿ مست، قلم مست.

●

نڪر جلدي منجهان هن نقل ناسوت،
وري وڃ اصل تي تون ساڻ ملڪوت.

بجذ بہءَ معنوي مدهوش ٿي تون،
جدا صورت ڪان ٿي، پي جامِ جبروت.

اڏائي خيال پنهنجو جسم ڪان ڪيءِ،
لنگهي لاحد اندر ڏس لال لاهوت.
خوديءَ ڪان بچ بيخود "من خدا" چؤ،
فنا ڪر قطره کي منجهہ بحر ياهوت.
بقا باالله ٿي "تارڪ" فنا سان،
وڃائي چاڻ ڏس ري پاڻ هاهوت.

●

جي ٿيا 'موتوا'، سيِ 'حيءُ'، 'لايموت'،
'ثم وجه الله' ۾ سريو تن سڪوت.
ٿا پڌن گپانا ملامت سر مٿي،
ڪان قصد ڪُوڙائي سي ريش و بروت.
جن جو ڪشڪولِ قناعت آهہ پُر،
ڪين گهولن ڪاپڙي سي وجہِ قوت.
آنهہ تون يونس نبي، هي تنهنجو آهہ،
جسم اونداهو مثالِ بطن حوت.
جي پسين هر جاءِ جلوهء ذات حق،
ڀؤ نہ ٿيئي جي ڏسين تون جنّ ٻوت.
چاڻ جي چائين تون پنهنجي چاڻ جو،
حرڪتَ اعضا مؤن ڏس حق جو ثبوت.
'ڪُلّ شيءٍ هُوَ' نہ ڪر "تارڪ" ڪوشڪ،
نعره هڻ: 'اني آنا الله'، ڇڏ قنوت.

●

پسيو جن پاڻ ۾ آ نور وحدت،
رهن سي روز شب مامور وحدت.
ڇڏي سڀ بحث مذهب ٿيا نيارا،
رهن مستيءَ ۾ سي مخمور وحدت.

ڪيو جن ماسوا کي گم خدا ۾،
سي سڀ هر دوجهان منظور وحدت،

سي ڪثرت ۾ نہ جهيڙن ٿا ڪنهين سان،
رهن جي روز شب مسرور وحدت.

مرڻ تن تي ٿيو آهي معافي،
مٿا جي سرهٿي ساطور وحدت.

سدا محفل اندر رندن جي ”تارڪ“،
بڻي بيخود وڄاءِ طنبور وحدت.

•

حسنِ صنم جي هر گهرَ هردم هلي حڪايت،
مُلڪين مقال تنهنجي، وائي آ هر ولايت.

کهڙو انهن کي ڪم آ، قرآن سان، دعا سان،
صورت مڙن تنهنجي جن پڙهي آهي اکين جي آيت.

عاشق جي تنهنجا آهن، تن تي جفا ڪرين ٿو،
اغيار جا جي، انهن سان هردم رکين رعايت.

تنهنجا نوان نوان ٿيا، نازو ادا ڏهاڙي،
اي نازنين، نہ تنهنجي ٿي ناز جي نهايت.

ٿي عشق جي ادب ۾، ان جي زبان وڍجي،
عاشق ڪري جو ڪاڻي، هن شوخ جي شڪايت.

ڪان پرت پنجتن جي، نروار ٿيندو ”تارڪ“،
جنهن کي ڪري ٿو مهرون مولا علي هدايت.

•

ڪٿ مڙي عاشق وڃڻ ڪان، تو رهي دلدار جت،
ايندو بلبل بي شبه، هوندو ٿيل گلزار جت.

جنون کي هوندي سڪ سڄڻ جي ڪيئن رهي سگهندو پري؟
ڪاهي ويندو قصد مون ٿئي دوست جو ديدار جت.

ڪٿ بچي ايمان سگهندو، زاهدِ ٻي ٻير جو؟
نازنينن جو لڳي ٿو غمزهٔ خونخوار جت.

اي ادا ليءِ گلرخن جي، آهيون ڀونرن جي مثل،
واس اتهين ٿا وٺون، ٿئي حسن جو هڪار جت.

ڪين آيو اعتبار ان تي بتِ دل سنگ کي،
روبرو ڪيو مون جو پنهنجي عشق جو اظهار جت.

ڇو اجايو عشق وارن کي ڏئين ٿو ساڙ هيئن؟
جو اتي ڪوٺائين تن کي ٿو رهي اغيار جت.

ڪٿ اچي آرام توڙي سايهٔ طوبىٰ هجي؟
روح راحت آهه تنهنجي سايهٔ ديوار جت.

ڪٿ بچي ”تارڪ“ سندءِ شعر و سخن خامي ڪنان،
شاعرانِ نڪته چين جاچيندا جڏهن اشعار جت.

•

عزيزو ڪيئن ملي مون عشق جي بيمار کي صحت،
سوا ديدار ناهي، طالبِ ديدار کي صحت.

مليو محبوب مون کي اڄ، رقيب ان رشڪ ڪيو بيمار،
حياتي تائين ٿئي شل ڪين ان اغيار کي صحت.

اسان کي ڪين ٿي حاصل، ته ان جي ناهه ڪا پروا،
اسان جي ڀي خدايا ڏي، اسان جي يار کي صحت.

دعا جي لئي کليو دستِ سبو ۽ دستِ ساقي اڄ،
جو ڇاتائون تہ مسجد ۾ نہ آ ميخوار کي صحت.

الاهي ڪاروبارِ عشق وارن کي سلامت رک،
نہ بخشج تا قيامت، پرہ کان بيزار کي صحت.

پڙهو مون کلهہ تہ هڪڙي طالب الدنيا کي صحت ٿي،
چيم، "افسوس جو ٿي مائلِ مردار کي صحت!

اسان مستن جو صبح و شام هي ورد ۽ صدا آهي،
هجي پيرِ مغان جي شال هڪ هڪ وار کي صحت.

چون ٿا شعر اڄ کلهہ شاعرانِ سنڌ جذبہ ٿؤن،
مگر ڏسجي نہ ٿي اڪثر سندن گفتار کي صحت.

هجي جنهن کي سخن سنجيءَ جي دعويٰ، تنهن کي لازم آهہ،
بطور اصلاح ڏئي "تارڪ" سندي اشعار کي صحت.

●

اچي ٿي عشق جي اهڃاڻ ۾ رات،
پرہ بيچون واري پاڻَ ۾ رات.

اديِن اسم حق جي سان اجاري،
ٿي اونداهيِ ڇڻن جي ڇاڻ ۾ رات.

طلب جي تار جا تارو لنگهائن،
محبت موج جي مهرياڻ ۾ رات.

عجبن ساڻ ڏيندي داد الفت،
لنگهي ويئي سندم ڇڪتاڻ ۾ رات.

ڏِلائون هيڪلائيءَ جي حقيقت،
گذاري پرت وارن پاڻ ۾ رات.

جنين هيءَ جسم جو جامو جلايو،
سمائي عشق جي تن آڻ ۾ رات.
پڙهان الحمد جو "تارڪ" جي گذري،
سچيءَ سڪ پاڪسان سيوهاڻ ۾ رات.

●

لنگهي ٿي رنج ۽ ارمان ۾ رات،
پوي ٿي سڪ سندي سامان ۾ رات.
تڪي تارا اچي ٿيو پره پيدا،
گذاريم حسرت و حرمان ۾ رات.
گذاري رات ايئن دل منهنجي منجهه زلف،
پئي يوسف ڪي جيئن زندان ۾ رات.
لنگهي وئي رات اندر اشڪباري،
هئي جڻ نوح جي طوفان ۾ رات.
جنون جي جوش ڪان منهنجي عزيزو،
بسر ٿي جذبهء و جولان ۾ رات.
اهو ڇا چائي منهنجي رات جو حال،
گذاري جو تنبو طولان ۾ رات،
فقيرن فڪر حق ۾ رات گذري،
اسيرن آه دُنوي ڏيان ۾ رات.
پڙهان جيڪر دوگانهء شڪر در صبح،
سمهان جي دوست جي دامان ۾ رات.
ڪري هيڪل، پڇي ويا علم ۽ عقل،
پئي جو عشق جي ايوان ۾ رات.
قلندر لعل جي الفت ۾ "تارڪ"،
ٿو جاڳي شهر سيوستان ۾ رات.

رديف "ٺ"

ٿيو جلوه نما آ يار جت ڪٺ،
عيان آهي سندس انوار جت ڪٺ.

ڦٽو ئي ڪل جي ڏسين پرده ڪٿي تون،
رکيل آه مخزن اسرار جت ڪٺ.

ڇٿي سگهجي نه ٿو تا هيت نه هُت ڏس،
ٿيو جاني اچي اظهار جت ڪٺ.

ڪري ڏس سير ساروئي صفاتي،
کليل آه حسن جي ٻازار جت ڪٺ.

اسان سان همدم و همباش "تارڪ"،
رهي ٿو عشق جو آزار جت ڪٺ.

رديف "ٽ"

ڀرين توکان ڀري ناهي دل اندر جون اکيون کي ڀٽ،
ڀروڙي مام 'اقرب' ڏس تہ ويجهو آهہ سو تو وٽ.

کيو جنهن 'وهو معکم، اينما کنتم' اشارو آہ،
اچيئي ان تي نہ جي ويساهہ، تا تو ۾ کا آهي گهٽ.

کمر بستہ جي کاهيندين تہ ماڻيندين وڃي منزل،
ڏسين جي رنج رولا راهہ جا تہ بہ منهن نہ موران مٽ.

صفا کر دل جو آئينو تہ دلبر جي پسين صورت،
انهيءَ آئينہ جي زنگار صيقل ساڻ 'لا' جي ڪٽ.

اجل توکي اچي ماري، تنهن کان ڀاڻ اڳ ۾ مر،
ڏرن نئي ڏوڙ ۾، تنهن کان اڳيئي سر سڄڻ وٽ سٽ.

کرين ماتام ڇو مومل، ٿي راڻي لئي رئين هردم؟
پنهنجي من ميندڙي کي ڏس، وڃين ڍولئي ڇو ڍٽ؟

هي آهي سر سندو سودو، مهانگو ٿو ملي ڏاڍو،
مڇي ڀاڄي نہ آهي جو وکامي ٿي کنهن جي هٽ.

سڄاڻي ڀاڻ کي تا ڀاڻ ساڳيو آهين تون سوئي،
جدا جانيءَ کان ناهين کي، ڀري ڳولڻ ۾ جيءَ نا ڦٽ.

وهائج هي وکر "تارڪ" اٿي جان نقد جان هٽ ۾،
وڃي هليا جي واپاري تہ ساري عمر ڇپ ڀيو ڇٽ.

•

پاڻيءَ پٽي لهي نہ سگهي عشق جي اساٽ،
ويتر وڌي ٿي دل جي اندر آڳ لنؤ جي لاٽ.

هن روح ساڻ گهٽ نہ ٿئي باھہ برھہ جي،
ٿي چمڪندي رهي وچ جهڙ مون وسي جي چاٽ.

غالب ٿيو گرچہ عشق ٿس عاقبت ڪٽي،
ليڪن ويچارو عقل وڙهڻ لئي ٿيو لائو ماٽ.

جيئن شڪ وڌي ٿي دل ۾، تيئن ٿيون اکيون روئن،
دريا چڙهي تہ وهن ٿا بي اختيار ڦاٽ.

سر جي ويو اسان جو تہ ان جو نہ آه فڪر،
سنگين دلو اوهان تہ ڪيو پوري پنهنجي آٽ.

ڪافي اشارو ابرو جو آه قتل واسطي،
گهائڻ جي لئي دلين جي پيا چو گهڙيو ٿا گهاٽ.

تو سان اگرچہ صلح صفائيءَ سان ٿا هلون،
تہ بہ ٿي اچا هلي اچي تنهنجي عشق جي اچاٽ.

جڏ چوٽ عشق جي اچي دل تي ٺڪاءُ ڪيو،
تڏ بيخوديءَ ڪان بيوس وَيڙا ڪلي ڪپاٽ.

تنهنجي فراق ۾ ٿا ڦٿي هياؤ ڪيون رڙيون،
جيئن جُوءِ اندر جاليون وڳ ۾ رڙن ڪنواٽ.

زاهد ڪي حسن حور جو آه جيترو پسند،
تنهن کان وڌيڪ اسان کي وڻن نازنين جا ناٽ.

ناهين ٿيو جي صحبتِ زاهد مؤن فيضياب،
پيرِمغان ڪان پڇ وڃي "تارڪ" خدا جي واٽ.

●

آفـرين عاشق انهيءَ کي عشق ماريو جو اڦٽ،
ماهروين جي مقابل، چار چشميءَ سان ٿيو چٽ.

زلف جي سودا ۾ ٿيو وابستہ مجنون جـي طرح،
ڪاڪل خمدار جو پڇجي ويس گردن ۾ وٽ.

تير مژگان جي تصور" جو لڳو جنهن کي اثر،
سو نهوڙيو چوڪ چشمن، نوڪ نيڻن جي نپٽ.

ماهرويان جـي محبت دل کي مونجهارو ڏنـو،
سڪ سڳو سولو ڇنڻ ناهي مُنجهيو ڇڻ آه پٽ.

ٿا ثناخواني ڪريون سهڻن جي تن جي روبـرو،
جيئن پڏائڻ لئي ٿئي ڪنهن، پير پويان پان پٽ.

ناهہ آسان نـازنين سان نينهن جـو نـاتو رکڻ،
سڪ اندر ثابت قدم ٿي پير پائي پوءِ نہ هٽ.

هٿي اڪيئي دل ويچاري سيف ابـروءَ جي سٽيل،
مرغِ بسمل وانگي ويتر ٿي ڏسي نيڻن جو نٽ.

ڪوزهٔ مسجد جو پاڻي جسم کي اطهر ڪري،
دل ڪري اطهر جو آ پـرآب ميخانہ جو مٽ.

ساقيءَ ڪوثر جي محفل ۾ ملي ڪيئن ان کي راه؟
حبِ حيدر جو نہ "تارڪ" سان جنهن سرٽيفڪٽ. *

---

* سرٽيفڪيٽ = سَنَد

•

صفت الزوم ما لايلزم ، التزام

[هن کي اعنات به چيو ويندو آهي. شاعرُ، هڪ يا چند امور، جي لازمي نه هجن، سي غزل يا قصيدي وغيره جي هر شعر ۾ پاڻ تي لازم ڪري، ان کي لزوم ما لايلزم سڏيو ويندو آهي.]

عشق جي اوقات ۾ ڪثرت جو ڪاروبار ڇٽ،
شهر ڇٽ، دڪان ڇٽ، واپار ڇٽ، بازار ڇٽ.

اڄ شراب اهڙو ڏنو ساقيءَ جو پيئندي ئي ويو،
جام ڇٽ، خمخانہ ڇٽ، مدهوش ڇٽ، ميخوار ڇٽ.

حسن جي غمزه کان ئي ويو زاهدِ بي پير جو،
نفل ڇٽ، اوراد ڇٽ، تسبيح ڇٽ، اذڪار ڇٽ.

باغ ۾ دلبر ويو ٿيو رشڪ ان جي حسن کان،
مرغ ڇٽ، اشجار ڇٽ، اثمار ڇٽ، گلزار ڇٽ.

تنهن جي زلفِ عنبرين جي رشڪ کان ٿيو اي پرين،
عطر ڇٽ، عود ۽ اگر ڇٽ، نافءِ تاتار ڇٽ.

جذبءِ توحيد کان "تارڪ" رهيو ڀيو ڪينڪي،
دوستي ڇٽ، دشمني ڇٽ، يار ڇٽ، اغيار ڇٽ.

رديف "ٽ"

فصل گل آيو چمن ۾ مستي سندو هٿ جام وٽ،
فڪر ڪان فارغ بڻي، فرحت ڪري، آرام وٽ.

زندگي ضايع ڪيئي، سود و زيان ۾ پر هينئر،
امن ۽ آزادگي ڪاڏهن غم ِ ايام وٽ.

ساقي و مطرب سڏي ڪن ساڻ ڪر سير ِ چمن،
باده نوشان بيخوديءَ ۾ بوسهءِ گلفام وٽ.

خود پرستيءَ کان مٽي منهن، ڪر بتن جي بندگي،
زلف جو زنار پهري، ڪفر ڇڏ اسلام وٽ.

مان نه توکي ٿو چوان ڪر باده نوشي دائما،
موسم ِ گل ۾ فقط هي حظ صبح و شام وٽ.

جي اٿئي صياد مرغ ِ دل کي ڦاسائڻ جو خيال،
وڃه تون اول ڇٽون، آڻي پوءِ هٿ ۾ دام وٽ.

ڇو نه قاصد کان ٿو احوال ِ زباني ڪجهه پڇين؟
پرت وارن جو پرين ڀر ِ خدا پيغام وٽ.

منجهه لباس المومنين آهين قلوب الڪافرين،
ڇڏ بتن جي بات کي "تارڪ" خدا جو نام وٽ.

●

ڪر نہ هيئن ساڻ هرگز هوڏ هٺ،
ناز وارا! نياز جي ڪا واٽ وٺ.

تيئن سندءِ موئي ميان آه دل ڪڙي،
جيئن ڪمر تي تو ٻڌين ساهي اڪٺ.

تو بنا هر دم ٿـپي بيتاب ٿو،
دل سندو آهي چٽو ۽ برهه ٻٺ.

آتش فرقت ۾ ائين تو جيءُ جلي،
جيئن ٿي سوناري جي ڪوٺاريءَ ۾ سٽ.

جسم ٿيئو آه جڏ "تارڪ" فنا،
تڏ چڙي ڏي سر سندو سڀ ٿاهہ ٿٽ.

●

ڪين اُکڙيو دل مون تنهنجي برهه جو بنياد نيٺ،
مون گهڻو توکي وساريو، پر ڪيو دل ياد نيٺ.

مون گهڻو ٿي عشق جي آزار کي مخفي رکيو،
پر اندر مون اوچتو نڪري وئي فرياد نيٺ.

هيئن نہ هو معلوم تا ڪو ظلم ڪيئن آهين وڏو،
مون ٿي پانيون درد وارن جو ڪندين ڪو داد نيٺ.

هن تغافل کان نہ ڪيئن سو جان کان بيجان ٿئي؟
ڪين ڪيئڙءِ ياد پنهنجو عاشق ناشاد نيٺ.

شاه خوبان کي ڪيم جو دل جي آباديءَ جو عرض،
چيائين، تي سگهيو تہ ٿيندو ملڪ سو آباد نيٺ.

سالها صنعان وانگي هوس ۾ تقويٰ و زهد،
اي بتِ ڀي ڀير تنهنجي ڀره ڪيو برباد نيٺ.

مرغ دل جو آشيانو، گرچه هو آزادگي،
پر وجهي دامِ بلا نيون، سونهن جي صيّاد نيٺ.

عمر ساري صرف ڪئي "تارڪ" بتن جي باب ۾،
ماهرويان جي محبّت ڪان نه ٿيو آزاد نيٺ.

SOORIH SINDHI ADAB

رديف "ث"

دلربا ڪان آهہ هجران، الغياث!
مه لقا ڪان درد حرمان، الغياث!

سينہ پر سوراخ ٿيو ڇاٽي جيان،
منجهہ تصور تير مژگان، الغياث!

درد دوري آه ڪيو بي اختيار،
سرو سندم سروِ خرامان، الغياث!

تنهنجي اوسيئڙي ۾ دلبر رات ڏينهن،
ٿا رهن هي نيڻ نگران، الغياث!

آتشِ فرقت ڪان آهي دل ڪباب،
ڏس اچي هي سينهِ سوزان، الغياث!

زلف جي پيچيدگيءَ ڪان اي پرين،
ٿي رهي دلڙي پريشان، الغياث!

تو سوا ڪونهي گذاري دل سندم،
مبتلا منجهہ فڪر ارمان، الغياث!

اشڪباري ٿي اکين کي ايتري،
تر ٿيو جنهن ڪان جيب و دامان، الغياث!

تنهن ڪري دلبر رهي ٿو تنهنجي در،
نينهن ۾ "تارڪ" ٿيو نالان، الغياث!

SOORIH SINDHI ADAB

•

مصرع طرح: فرقت ۾ تنهنجي مون ٿو مران يار الغياث:

غمگين غمن ڪيو اچي غمخوار الغياث!
”فرقت ۾ تنهنجي مون ٿو مران يار الغياث!“

دلبي سان ڦرجي دل وئي ديدار آسري،
ديوانہ درد هن ڪيو، دلدار الغياث!

فصلِ بهار، عشق، جواني، صنم وٽم،
ساقي برائي ساغرِ سرشار الغياث!

بارِ گران، پيادگي ۽ پنڌ رات جو،
ڪر ڪا مدد، اي قافلہ سالار الغياث!

هندو پسر جي عشق ۾ مٺي پي ڪريان ٿو ڪفر،
اي شيخ پاڪ دامن و ديندار الغياث!

اي پير مون ڪان اچ تہ ٿيو رهن مئي فروش،
تو وارو ڏنل خرقہ و دستار الغياث!

مون ٿو مڃان تون آهين مسيحِ زمان پرين،
وقتِ رمق لئي بره جي بيمار الغياث!

وقتِ خير آيو وئي وصل جي اميد،
هاٿي سڄڻ تہ واسطي ديدار الغياث!

خانو سندم سواء تو روشن نہ ٿو ٿئي،
وجهہ روشني ڪا اي مهِ رخسار الغياث!

سر" خفي، جلي، ٿو رهي درد سر مثال،
ڏيکار طور سالڪِ اطوار الغياث!

روزِ قيام چونـدا گنهگار يڪ زبان،
هـن وقـت يـا محمّدِ مـختـار الغياث!

خيرخوديءَ سندو ٿو پٽيان هٿ همت جي سان،
ڏي ڏي مدد يـا حيدرِ ڪرّار الغياث!

”تارڪ“ جي نظم جو نہ رهيو قدر لوڪ ۾،
اي قـدر دانِ نـاظـمِ اشعار، الغياث!

رديف ”پ“

بي مهر شوخ ظالم کي ڏچ خدا جي ڊپ،
مستن کي ڪين مار ۽ پوءِ نا چرين سان چپ.

ڪر ڪا تلاوتِ مصحف رخ سندي صنم،
ڪوڙا نہ ڪر مسئلا قاضي ڪتاب ٿپ.

توسان جو عهد آهي سو مَتَرُ پڙي اچي،
راهِ وفا ۾ جي سِر ڪپڻو اٿي تہ ڪپ.

جيسين ٿي رام سو بتِ ڪافر اچي ملي،
تيسين تون ڪفر ۾ رام رام جپ.

چلہ نشين زاهد سهڻن جو سير ڪر،
حور و قصور واسطي ويهي نہ مار چپ.

”تارڪ“ ڪمان ابرو، تيرِ مژه اگر،
ماري مقابلي ۾ تہ سيني مٿي سي جهپ.

●

پنهنجي مشتاقن اڳيان اي مه لقا نا مار ٽپ،
ناهہ طاقت تاب تنهنجي جي ڏئي بيٺا جي ڏپ.

ڇو اجايو ڏيئي سهڻون دل ڪي ساڙين ٿو سڄڻ؟
تنهن ڪان جي ڪپڻو اٿي سر ڪپ، ڪپڻ لئي آڻ ڪپ.

ٿڻهن جي ڪعبي ۾ ٿيو آهہ خال هندوءَ کي دخل،
پوءِ ڇا ٿيو جي ڪٿي تسبيح تي پڙهيو مي جپ؟

تهنجي سنڌ زلف دوتا ۾ آه قابو دل سندم،
جيئن ٻڌن ڪافرن کي هڪ ٻئي ۾ ملائي ڪن ٿا نپ.

نقد دل جيڪو هيو سو سڀ لٽي لحظي ۾ وٺين،
هيئن ڪرڻ گهرجي نه توکي مال مسڪينان هڙپ.

پره تنهنجي ۾ جڏهن بدنام ٿيا سي بي‌سبب،
پو مٿا ماٺا ڪري، لالن ليو پاڻي نه چپ،

حد ٿئي هرڪوئي ٿو بيحد ٿئي سو پير آه،
جي فقير آهين تون ”تارڪ“ حد ۽ بيحد ٻئي نپ.

●

[در صنعت لزوم، ما لا يلزم، التزام]

عشق جي آثار ڪان ٿي ويا سڀئي يڪبار چپ،
عقل چپ، ادراڪ چپ، انڪار چپ، انڪار چپ.

ڪالهه ميخاني ۾ ساقي مئي ڏني، جنهن ڪان ٿيو،
مست چپ، هشيار چپ، بيهوش چپ، بيدار چپ.

مه لقا جو منهن ڏيکاريو، ٿي ويو تنهن جي سبب،
رنج چپ، ارمان چپ، افسوس چپ، آزار چپ.

عاشقن تي جڏ ڪليو سرّ حقيقت تڏ ڏٺون،
ڪفر چپ، اسلام چپ، تسبيح چپ، زنّار چپ.

ڇا سبب جو هن بتِ طنّاز ڪان سڀ ٿي ويو؟
عار چپ ۽ پيار چپ، انڪار چپ، اقرار چپ.

هجري واري رات مون کي ٿي نظر آيو ائين،
خويش چپ، بيگانہ چپ، بل هي سڄو سنسار چپ.

موج محويّت سبب ”تارڪ“ جي دل مون ٿي ويو،
ذڪر چپ ۽ فڪر چپ، اسرار چپ، انوار چپ.

•

نہ ﭘانئيج زلفن جا سنهڙا هي سپ،
هڻن ڏنگ جيڪر تہ ڏين ليئنگ ٽپ.

اما آہ مشتاط مارَن سان جا،
بنا منڊ منتر ٿـي ڏني ڳن" ڪپ.
چگو ٿـا چون آہ چاہِ ذقن،
پيار يو پياسن کي تنهن مُوڻ ڪا لپ.

ٿيو جان بخش تنهنجو تبسّم پرين،
ٿيءَ اعجاز عيسىٰ جي چورين ٿو چپ.

محبّت ۾ محنت اچي ٿي مٽي،
هلي ڪين هرگز اتي لمّ ٽپ.

سچن آئي راحت سري روح کي،
ٿئي عطر کان دور بدبوءِ ڏپ.

نہ دنيا مان "تارڪ" چٽي ڪو سگهيو،
نہ نڪتو ڪو ڦٽڙي منجهان چور-گپ.

ردیف "ڦ"

قاصد نجهئين پيام، هي ٿورو اسان تي ٿڦ،
دلبر کي ڏج سلام، هي ٿورو اسان تي ٿڦ.

جاڪون جدا ٿيو آهين تون، تاڪون ٿيا جيءَ جڏا،
ڳڏ رهہ سدا مدام، هي ٿورو اسان تي ٿڦ.
آبِ وصال سان اچي فرقت جي باهہ ٺار،
جاني پيار جام، هي ٿورو اسان تي ٿڦ.
گلشن ۾ اچ، تہ گل ٿئي خجل ۽ لهيس لاڏ،
ڪنهن ويرِ صبح و شام، هي ٿورو اسان تي ٿڦ.
ڪيو بي سروپا بره سندءِ ٺل اچي اڱڻ،
اي سروِ خوش خرام، هي ٿورو اسان تي ٿڦ.
"تارڪ" نمائو پرتو اٿي هر طرح پرين،
هٿ رک مٿي غلام، هي ٿورو اسان تي ٿڦ.

رديف "ج"

ڀانڊي ڀرين کي مون سندو هيڻو هي حال ڪج،
ماندو مري نه تنهن سان ڪو وهندو وصال ڪج.

بي پرده عاشقن ۾ تون حسن و جمال ڪج،
تازو وري تهين مٿي خوش خط و خال ڪج.

توڙي نه ڪن وفا، تون وفادار ره سدا،
لائي پريت قرب ۾ پنهنجو ڪمال ڪج.

چوريم جو ذڪر وصل جو ٿي تار منجهه طلب،
فرمايو يار، "اهڙي نه خواهش محال ڪج".

عشق بتان ۾ جي اچي تعذير تو مٿي،
منصور ٿي مچيج، نه موران ملال ڪج.

بوسه جو عرض ڪيم ٿي فرقت ۾ تلخ ڪام،
چيو خشمگين ٿي يار، "نه اهڙو سوال ڪج".

اغيار جي شڪايت چيو يار هيئن، ڀڃي:
"جي جوان آن رقيب سان جوڙي جدال ڪج".

مون درد دل جو پيش ڪيو يار جي اڳيان،
چيئن، "پيو نه ڀڏلو آه نڪي قيل قال ڪج".

راهِ وفا ۾ جي ڪرين عاشق جو سر قلم،
تڪبير تيغ ابروء جي سان حلال ڪج.

"تارڪ" جي نقد جان ڏئي بازار عشق ۾،
سودو ڪرين سڄڻ سان ته دل کي دلال ڪج.

●

ادا طرف حق جي هليو پيو هليج،
سدا غير کان دل پليون پيو پليج.

محبّت جو سن ۾ مچائي تون مچ،
اچل سر انهيءَ ۾ جليون پيو جليج.

پلي جيئن سياڻو نه تو ڪي سڏن،
چريائيءَ جي چالي چليون پيو چليج.

ڏين مهڻا ماڻهو سي منظور ڪر،
سڄڻ ڪاڻ سر تي جهليون پيو جهليج.

ڪڍي ڪينو اسلام ۽ ڪفر جو،
همه ساڻ هڪ دل رليون پيو رليج.

نه ٿي يار ڳهلو ڪي ڳڻ ڳوت ڳالهه،
سدا نينهن نڪتا ٽليون پيو ٽليج.

رهي رنگ رندن رچي لال ٿي،
اڳيائون انهن جي ڀليون پيو ڀليج.

ڪٿي خاڪ "تارڪ" درِ شه نجف،
محبّت مون منهن کي مليون پيو مليج.

●

ساقي ڀري پيالو ڪو ڀنگ جو پيارج،
خط خوبروءِ جي سبزي جي ياد ڳيري ڏيارج.

مهجور جي مرڻ تا، جاني اهي جيارج،
اعجاز عيسويءَ کي سرندو وري اجارج.

قتل عاشقن جي مؤن ڪجهه، هٿ ڪين آه اچٿو،
تو کان جو سر کي واري، موذي کو اهڙو مارج.

ڪُنج ِ فرح ٻيو ڪو، ميخانه جهڙو ناهي،
پير ِ مغان جي پاڙي ڪو دم حياتي گهارج
ڪاچوڪ جي شعر ”تارڪ“ ۾ نڪته چين ڏسين تون،
جي وس ۾ جي سگهيئي، ڪلنڊي ڪٽي سڌارج.

•

ري پاڻ سڃاڻڻ پيي تمنا ڪر تاراج،
وٺ استعفا عشق ڪان ٿي ٻئي جو نه محتاج.
غم ۾ نه جي غمگين ۽ شادي ڪان نه شادان،
هڪ جهڙو ٿيو تن ڪي ته چا ماتم چا ڪاج.
ڏس حسن صنم ذات صفت ۾ ڪيو ظهورو،
ڪشڪول رکي ڪڇ ۾ ڪٽي، ڪٿ رکي سر، تاج.
ڪر خيال جدا جسم ڪان، تون فڪر فنا سان،
تا صورت ريءَ حاصل ٿئي معنوي معراج.
رک ذڪر روان هر جا هر وقت همه حال،
منجهه جاڳ اٿڻ ويهڻ، منجهه ننڊ ڪرڻ حاج.
اي ساقيءَ ميخانهء توحيد هي ”تارڪ“،
ڪر بيخود ڪان جام مئي حالت ِ حلاج.

•

سمجهه سر جي سير ڪي هن جسم جان مؤن ڪر عروج،
عالم ِ بالا متي هل، هن جهان مؤن ڪر عروج.
آيو تون جنهن جاء ڪان آهين وري اوڏاهين وڃ،
لامڪان ۾ ڪر مڪان، ڪون و مڪان مؤن ڪر عروج.
عالم ِ ناسوت ۾ آرام ويهي ڪين ڪر،
ڪر همت ِ هاهوت ڏي هل، آسمان مؤن ڪر عروج.

قال الرّحمان علىٰ لعرش استوىٰ، ور حق طرف،
رهه زمين تي ڪينڪي، دورِ زمان مڙن ڪر عروج.
ذات قدسي آهين "تارڪ" مختلط روح و بدن،
موٽي هل ملڪِ بقا، بندِ گران مڙن ڪر عروج.

●

تارڪ الدّنيا کي سيم و زر جو ڪهڙو احتياج؟
تارڪ العقبىٰ کي حور اطهر جو ڪهڙو احتياج؟

تارڪ الدّنيا و ما فيها ٿيو طالب خدا،
ان کي ذوقِ خمر ٌيا ڪوثر جو ڪهڙو احتياج؟

جنهن کي روشن ٿو رهي سير الىٰالله دم قدم،
ان کي صحرا جو و يا بازر جو ڪهڙو احتياج؟

جو گداگر ڪوچهء جانانه ٿيو ڪشتو بدست،
تنهن کي ڪنجوس ۽ سخي جي در جو ڪهڙو احتياج؟

جو پسي عين اليقين سان نور 'وجه الله' ٿو،
ان کي جاچڻ اولهه ۽ اوڀر جو ڪهڙو احتياج؟

جنهن کي آئي سمجهه 'افلا تبصروني' جي اندر،
ان کي بيت الله يا مندر جو ڪهڙو احتياج.

صوفيءَ بي سر کي "تارڪ" آهه سو ري سيج جيئن،
محو ذاتِ حق کي پاؤ سر جو ڪهڙو احتياج.

●

دل کسڻ ڏيئي دلاسو آه دلبر جو رواج،
اعتبار ان تي ڪرڻ، عشاق بيسر جو رواج.

درد وارن جون دليون ٿو زلف دلبر جو ڦري،
ديندارن کي ڦرڻ هن آه ڪافر جو رواج.

سر ڏيئي ري ڪين ڪنهن کي وصل جي نعمت ملي،
عاشقن جي لئي ڪڍيو تڏ يار خنجر جو رواج.

ساقيا! فصلِ بهار آهي وري ٿيو جوش ۾،
ڪر تون جاري هاڻ بخشش باده ساغر جو رواج.

جاڪون تنهنجي زلف جي خوشبو صبا آندي کڻي،
تاڪون عالم مون ويو گهٽجي، مشڪ عنبر جو رواج.

سلڪِ دندانِ صنم جي ڇا صفائي ٿئي بيان،
چمڪ کان ويو جنهن جي گهٽ ٿي درِّ گوهر جو رواج.

خانهء دل ۾ ڏٺو جن آه اسرارِ نهان،
ويو ڇڏائي تن مون سيرِ باغ بازر جو رواج.

منهنجي دل دلبر جي دل سان ٿي رکي اڄ وچ ڳجهي،
مون ڇڏيو تنهن کان رکڻ قاصد ڪبوتر جو رواج.

صبر ڪر دل تون غمِ جورو جفائي يار تي،
ناهه انصاف و عدالت، هن ستمگر جو رواج.

منهنجي دل دلدار جي ٿي درد ۾ ديوانه وار،
هر دو عالم کان جدا ٿيو هن قلندر جو رواج.

ناهه جنهن ۾ اهل دنيا جي، نه دنيا جي صفت،
ڪيئن پلا دنيا ۾ ٿئي "تارڪ" جي دفتر جو رواج.

رديف ”ج“

ڏسڻ اسان ڏي جي مانع اوهان کي آهي لڄ،
اسان ته تنهنجي ڏسڻ سان ڇڏي آه لاهي لڄ.

الائي ڪاڏهن افسوس! تنهنجي ۽ منهنجي،
ملڻ جي وقت پئي وچ ۾ آه ڪاهي لڄ.

جون ٿا هڪڙي لڄ نٿي بهشت، ٻي دوزخ،
ڏسون جي توڏي نه ٿا، تا ڳجهو ٿي ڳاهي لڄ.

ڪرين ٿو وقت ملڻ يار کو نه ڪوئي عذر،
ڪهي حياءُ، ڪهي شرم، ڳاه ڳاهي لڄ.

چيم ته ”پيا ته نه معشوق ڪن ٿا لڄ مون سان“.
چيئن، ”وڏيڪ اسان ڪان ڪهين ڪي ناهي لڄ“.

وجهي بگاڙ ٿي هر دو فريق جي دل ۾،
اگر هو ماڻهو هجي ڏيان وچي مان ڦاهي لڄ.

وچي ملبس مان جيئن ان سان ڪنج خلوت ۾،
ڪڇيائين ڪين، سڄاڻين، وڏيسين ٿاهي لڄ.

متيون ڏيو نه اسان عاشقن کي اي ناصح،
حياءُ شرم ڇڏ ڇا ڪي ٿا؟ ۽ ڇاهي لڄ.

•

الائي ڪهڙي سبب ٿو رهي چمن ۾ روڄ،
مري ويو بلبل شايد پيو گلن ۾ روڄ.

پريشان زلف ڏسي ٿيو پريشان سنبل اڄ،
پيو آ سوسن و سيمين و نسترن ۾ روڄ.

ڪٿي نصيب ٿين عاشقن سندا اهڙا؟
جو تن جي موت کان پئي ان جي دلبرن ۾ روڄ.

جي تيغ ناز سان عاشق شهيد ٿيا آهن،
ڪري ٿي شمع سندن قبر تي گلن ۾ روڄ.

مرڻ جي وقت نه جن کي تو منهن پسايو هو،
رهي اچا ٿو سندن قبر ۾ ڪفن ۾ روڄ.

متا نه وڃج تون هن وقت الوداع ڪري،
سرور سڪر ۾ وجهه ڪين انجمن ۾ روڄ.

تڏهن بس ڪين پيو رحم ان ستمگر کي،
اچي پيو حال سندم تي ننڍن وڏن ۾ روڄ.

رئڻ جو عشق جي آزار ۾ سو آه پيو،
وگر نه موت تي پوندو آهي مرد و زن ۾ روڄ.

رهي ٿو ظاهر اگر ڪين ديده تر "تارڪ"،
ڪري ٿو صفحهء قرطاس تي سخن ۾ روڄ.

•

زلف دلبر جي اڙدها کان ڏڄ،
متان ڪائي وجهئي بلا کان ڏڄ.

مون جو اظهار عشق جو ڪيڙو،
چيو دلبر، "سندم جفا کان ڏڄ".

ڏئي وعده، وري نہ يار ملي،
اهڙي دلبر سندي دغا ڪان ڏڄ.

ڇو ڪرين ابتدا ۾ تون انڌير؟
خوبرو ان جي انتها ڪان ڏڄ.

عرش تي ٿيون وڃن سندم آهون،
نازنين نالہء رسا ڪان ڏڄ.

جو ڏئي دلربا، سو وٺ دارو،
ٻي طبيبن سندي دوا ڪان ڏڄ.

نينهن لائج نہ نازنينن سان،
خلق جي خواري ۽ گلا ڪان ڏڄ.

مون کي ناصح ڪيئي نصيحت هي،
”نينهن جي داغ بدنما ڪان ڏڄ“.

جيڪو سانگو سريءَ جو لاهي ٿو،
اهڙي بانڪي کي ٿيندو ڇا ڪان ڏڄ؟

ڪر نہ ”تارڪ“ سان نازنين نهڪر،
اڄ اڳي ان جي ڪي خدا ڪان ڏڄ.

رديف "جهه"

ٿو ڳوليان تو سان حال اورڻ جو وجهه،
مگر ناهه ڪنهن ذڪر چورڻ جو وجهه.

جڳائي ٿو سهڻن تان صدقي هي سر،
ڪلهون جي ملي توکي ڪورڻ جو وجهه.

مون کي ڇڏ ته پوري ڪريان آرزو،
ڏي پنهنجي مٿان سر کي گهورڻ جو وجهه.

خلاف عاشقن جي اوهان وٽ سدا،
رقيبن کي ٿيو ڇيٽي ٻورڻ جو وجهه.

ڪمائيءَ جي ڪَڙهه ۾ ٻڌل آهه ٻلو،
نه گهٽ نفس جي گهوڙي ٽورڻ جو وجهه.

ٻچر ڪر ته توکي ٻچارن ٻرين،
اٿيئي سڀي سڪ جي سورڻ جو وجهه.

ڳلي ڳولي دلبر سندي ڪر صحيح،
اٿيئي اچا ڏيهه ڏورڻ جو وجهه.

سگهو ئي تون تصحيح اشعار ڪر،
جو "تارڪ" تڪڻ ۾ ٿي تورڻ وجهه.

•

نہ ڏي ڪجھ عجيبن کي الفت جو منجھہ،
متان ڪن سهي سي محبّت جو منجھہ.

وڌائيندا ويتر سي جورو جفا،
جي معلوم ٿيندن مؤدت جو منجھہ.

ٻڌن جي پرين ٿو، اسان وٽ اچين،
تہ ڏج ڪين تن کي محبت جو منجھہ.

لڪائين گھڻو گرچہ دل پنهنجي ٿو،
مگر ٿو لهي چور دولت جو منجھہ.

ڪجي ڪين ڪنهن سان ڪا سرڪشي،
جي معلوم ٿئي نياز نوڙت جو منجھہ.

تڏهن پي سهي صاف ڇھري مون آہ،
اگرچہ ڏئين ٿو نہ نفرت جو منجھہ.

نہ پهچايو آهي جو پيغام يار،
صبا ڏئي نہ ٿي اهڙي غفلت جو منجھہ.

ائين جذبہءِ عشق دل ۾ سماءِ،
ڏين جيئن نہ ڪامل ڪرامت جو منجھہ.

اٿس ٻاجھہ ٻئي مون سندي حال تي،
لڌم يار جي مهر شفقت جو منجھہ.

ڪيو آہ ارشاد پيرِ مغان،
نہ ڏيو ڪنهن کي مستيءَ جي حالت جو منجھہ.

رهن ٿا سي ڪثرت ۾ ڪنهن ساڻ ڪين،
موحد ڏين ٿا نہ وحدت جو منجھہ.

سوا جهيڙي "تارڪ" نہ پيو آہ ڪجھہ،
لڌم جو تشيعَ ۽ سنت جو منجھہ.

●

يار پنهنجي کا بيوفائي سمجھہ،
عاشقن ساڻ ڪج ادائي سمجھہ.

حسن تي ڇو ڪرين تو ايڏو ناز؟
ساڻ صورت نہ هيءَ سدائي سمجھہ.

عاشقن ڏي گمان بڇڙو نہ ني،
ان جي سيني اندر صفائي سمجھہ.

آب انگور جي ڪم آڻ ساں،
پرت وارن جي پارسائي سمجھہ.

هٿ پنهنجي ڪان شيءِ آه جا پري،
گرچہ تنهنجي، تہ پڻ پرائي سمجھہ.

گرچہ ماهر آن فن" عشق ۾، پر
مون ڪان دستور دلربائي سمجھہ.

برخلاف عاشقن جي جيڪو چوي،
ڳالهہ ان جي ڪي ژاژخائي سمجھہ.

تا نهارين نازنين جنهن ڏي،
عشق جي آفت ان تي آئي سمجھہ.

نازنين ڪر نہ نينهن ڪان نفرت،
عشق هڪ طاقت خدائي سمجھہ.

جو لڪائي تو لوڪ کان لنؤ ڪي،
پاڻ تي خلق ان کلائي سمجھہ.

گرچہ ڪثرت ۾ لا تعد" تيو،
ليڪ وحدت ۾ هيڪڙائي سمجھہ.

اعتبار آه عمر تي ڪهڙو؟
جسم ماڙي بِنا هوائي سمجھہ.

سور، سختيون ۽ سوز آه سمر،
پرت جو پنڌ پياده پائي سمجھ.

سر تي صدما سهڻ ملامت جا،
هيءَ به هڪ بره جي پلائي سمجھ.

ڇو ڏٺين قتل جا اشارا تو؟
سڪ وارن سري ڪپائي سمجھ.

ٿي ڇيهو باغبان کي هيئن صياد،
هي تون بلبل به جهٽ ڦسائي سمجھ.

سڪ ۾ صبر سانڍڻ آه مشڪل،
منهنجي هيءَ ڳالهه آزمائي سمجھ.

توکي ڇورن اسان جي ٿا ابتڙ،
هيءَ لڇن جي سڄڻ! لڇائي سمجھ.

طرز اهنجي اندر غزل جوڙڻ،
طبع "تارڪ" سندي رسائي سمجھ.

رديف "ج"

مرد ٿي منصور ٿهدل ٿن مٿي تعذير ۾،
جو اچيئي سر تي سو تيغ تبرّ تير ۾.

ناهه حجّت ڪا حبيبن سان اسان هيٺن سندي،
بي خطا توڙي هجين ته به پنهنجي تون تقصير ۾.

عشق ريءَ انسان سي مردار جي آهي مثال،
ٿي حلال ابروءَ سندي تلوار جي تڪبير ۾.

ٿو ميجين ڪنهن جي چوڻ ڪي ڪين ڪي گهرجي نه هيٺن،
ڪجهه ته عرض عاشق سندو ٻي اي ٻتر ٻي پير ۾.

ڪاسهٔ گردون سندي جو روءَ ٿـي آهي سياهه،
ان تي پنهنجي عاشقن جي آه جو تاثير ۾.

رک توڪّل برخدا، تدبير تي تڪيو نه ڪر،
وصل هجران ڪي هميشه ڪان طرف تقدير ۾.

مقبلانِ حق مڃون "تارڪ" صدق دل جي سان سدا،
احمد و حيدر بتول و شبّر و شبيّر ۾.

●

عجيبا عاشق مستانه ڏي وڃ،
هلي اي شمع رو پروانه ڏي وڃ.

ٿي هشيارن تي حق مستن جي خدمت،
دلارا پنهنجي تون ديوانه ڏي وڃ.

رهيــن تــو آشــنـا، نــاآشــنـا ســان،
يـگـانـہ کين کنهن بيـگـانـہ ڏي وڃ.

رهين جـي منجهہ رهت رنـدن جي راضي،
نہ کنهن فاضل نہ کنهن فرزانہ ڏي وڃ.

صبوحي صـاف نـوشـن سـان وڃي کر،
اٿـي اڄ رات جـو مـيـخـانـہ ڏي وڃ.

رهـي الـفـت نـہ آبـاديءَ ۾ آهي،
هـلـي کنهن واديءَ ويـرانـہ ڏي وڃ.

ڇـڏي سڀ ننگ ۽ نـامـوس "تارک"
ٿي بـيـخـود محفلِ رنـدانـہ ڏي وڃ.

رديف "چ"

غصو ڇڏ غمّار دلبر يار پرچ،
مهر مشتاقن تي ڪر منٺار پرچ.

سڀ مِيارون سر مڃيون سي تو سنديون،
توبه وارن سان ڇڏي تڪرار پرچ.

ڪين موٽائي ڇڏج هيڻن سيڙ ڪي،
دَرَ تي آين سان نہ ڪر انڪار پرچ.

عندليبن جي مڃي آزي مٺا،
ڪول پرده ڪي اي گلرخسار پرچ.

ڇو رسين تو؟ ڇڏ رسڻ ڳهوريو رسڻ،
ڇٽي رقيبن جي نہ ڪر ڪجھ عار پرچ.

پاس خاطر پرت وارن جي ڪجي،
دردمندن ڪي ڏسي، دلدار پرچ.

نينهن وارن ڪي ڪجي ڇو نا اميد؟
هوت تن سان هيج مؤن هڪ وار پرچ.

راستبازن سان نہ رک رنجيدگي،
ترب وارن ساڻ ڪَج رفتار پرچ.

رحم ڪر "تارڪ" جي هيٺي حال تي،
بره جا ان تي پسي ڪي بار پرچ.

•

هيم ايئن دلربا دلدار جا ٻيچ،
ٻيا بلبل کي جيئن گلزار جا ٻيچ.

رهي شب روز تو سو سر پريشان،
پون جنهن ڪاڪل خمدار جا ٻيچ.
ڇڏي تو زلف گردن ۾ وڪوڙي،
وجهي تو پنهنجي ڳل ۾ مار جا پيچ.
هي دام دلربائي جا ٿيا حلقہ،
جي ڦڙڪن طرہ طرار جا پيچ.
ڪيئي سوگهي سچن دل عاشقن جي،
ڏيکاري منهن، وجهي ديدار جا پيچ
ٻڌي تو عاشقن کي ڏک جون ڏوريون،
وجهي اغيار کي تو، پيار جا پيچ.
ڏٺم قاضيءَ کي کلهہ غمزهٔ بتان کان،
پيل ڪنڌ ۾ هيس دستار جا پيچ.
هڻي نعرهٔ انا الحق ٿيو نشانبر،
تڏهن منصور کي پيا دار جا پيچ.
پريءَ جي پيچ ڪاڪل وانگي "تارڪ"،
ٿيا پيچيده ڏس اشعار جا پيچ.

رديف "ڄ"

عاشقن کي اي سڄڻ سهڻا تون سيم و زر نہ آڄ،
مال جا محتاج ناهن لعل دُر گوهر نہ آڄ.

ري ملڻ تنهنجي تنين کي ٻي تمنّا کا نہ آہ،
عيش عشرت دولتِ فانيءَ سندا هر هر نہ آڄ.

جي ڏئين تا پنهنجي ڏي آغوش ۾ کا جاءِ تون،
ورنہ تن کي اطلس و مخمل سندا بستر نہ آڄ.

جي اٿي ڏيڻو تہ ڏي بوسہٴ لب و چشم و دهن،
نہ تہ مزا قندِ مکرّر جا شهد شکّر نہ آڄ.

بره جي بيهوش کي کو مشک زلفن جو سنگهاءِ،
کر پلائي هيءَ وگر نہ طبلہٴ عنبر نہ آڄ.

خاک کر پنهنجي گِليءَ ۾ سر اسان جا اي سڄڻ،
خاکسارن کي خدارا مسجد و مندر نہ آڄ.

کين کي تنهنجي گِليءَ مٽ ملکِ اسکندر ٿئي،
کر گدا در پنهنجي جو ملکِ اسکندر نہ آڄ.

جي چڙي پيا در اچي سي تنهنجي در آهن پيا،
تن مٿي رک پنهنجو هٿ ۽ پيو وري کو در نہ آڄ.

عشق جي اسرار جي ٿوري گهٽي جن کي خبر،
تن سوا "تارڪ" ٻين کي شيعر جو دفتر نہ آڄ.

•

مون ڏني يار کي لڇڻ جي ميڇ،
ڏسي مون کي ڏنئن وڇڻ جي ميڇ.

مون کي شايد ڏنئن ڳرڻ جي ميڇ،
پاڻئي سا مون اتي هڄڻ جي ميڇ.

ڇو ٿا مون کي اوهين پڏايو ڇئي،
مون سڀي ڪئي آهي سڄڻ جي ميڇ.

نہ تو ڊاپان سو ڪيئن ڏيان ان کي؟
ان جي ديدار مؤن رڄڻ جي ميڇ.

عاشقن کي سريءَ جو سانگو ناهہ،
ڇو ٿو تن کي ڏئين ڪهڻ جي ميڇ؟

منهن کي ڦيرائي ٿو ڪري پاسي،
جيڪڏهن ٿو ڏيان ملڻ جي ميڇ.

ڪو ڪجهارت پڇي ڏني مون کي،
ڏني دلبر آه اڪ پڇڻ جي ميڇ.

سيف ابرو اسان تي اولاري،
ڏني هر هر ٿو سر هٽڻ جي ميڇ.

رمز 'لاتقنطوا' منجهان "تارڪ"،
ملي اميد ۾ رهڻ جي ميڇ.

•

بزم مشاعره ڪراچي: ٢١-آڪٽوبر ١٩٣٣ع
مصرعِ طرح: "مزو انگور جو ميخوار کان پڇ"

مزو انگور جو ميخوار کان پڇ،
نشي جو لطف مئي جي يار کان پڇ.

سوا حق جي ڏسڻ ٿيو ڪونہ هرجا،
ھي ڪفر و دين جي بيزار ڪان پڇ.
پيا ڪيئن قيد زلفن جي ۾ عاشق؟
اھا سڌ حسن جي سرڪار ڪان پڇ.
مان ديوانو سندءِ الفت ۾ آھيان،
تون ساري ڳوٺ جي هر ٻار ڪان پڇ.
نہ ڄاڻي زاهدِ خلوت نشين عشق،
سو رسوائي سرِ بازار ڪان پڇ.
رکيو عاشق نہ ٿي ڪي اهلِ مجلس،
تون مسڪينان پسِ ديوار ڪان پڇ.
خبر خوش حال، خوش دل کي نہ آهي،
تون دردِ عشق دل افگار ڪان پڇ.
رکي خيرات جي ناھيس ڪا ڳھرج،
ڪپڙي ڇا ٿيو بہ هيڻن پيمار ڪان پڇ؟
جنون ڪان مون ڪيو چاڪِ گريبان،
اھا ڳک ڪر سڄي سنسار ڪان پڇ.
بسلکِ نظم پوئڻ دُرِّ معنيٰ،
تون "تارڪ" شاعرِ اشعار ڪان پڇ.

رديف "ح"

سڄڻ يار سهڻو مسلّم صبيح،
نه مٽ تنهن سان ٿئي ڪو منوّر مليح.

ڪڏهن ماريون ماري، ڪري مات ٿو،
ڪڏهن ٿو جياري مثالي مسيح.

ڀري دل ڦٽي ٿو، بڻي جي حسين،
ڏئي ٿو ڪرامت، ڪڏهن ٿي قبيح.

ٿو سوريءَ تي سر عاشقن جا سٽي،
هٽي ٿو، ڪٽي ٿو، بڻي سو ذبيح.

ڪڏهن عبدهٗ جو ڪري قول ٿو،
ڪڏهن ٿو "انا احمد" آکي صريح.

ڪرين جنهن جي تعريف ٿو "تارڪا"
سو ممدوح، سو مدح، سوئي مديح.

•

ڏي منهنجي هٿ ۾ پرُ ڪري، مئي عشق جو ساقي قدح،
پيئندي سندم هيءَ دل ڀري، مئي عشق جو ساقي قدح.

من ڪي ڪري مدهوش سو، جذبو وڌائي جوش سو،
ڏسندي ڏيڻ سر جو سري، مئي عشق جو ساقي قدح.

چپ تي رکان دل ڇور ٿئي، بيخود ٿئي مخمور ٿئي،
هٿ تي جيئن آتش ٻري، مئي عشق جو ساقي قدح.

ذاتي وڏائي ذوق کي، پرشور آئي شوق کي،
وڻندي نظر حق ڏي وري، مئي عشق جو ساقي قدح.

”تارڪ“ ٿيو ميخاني ۾، تنهن کي نه ڇڏ ارمان ۾،
پيارينس جهٽ پرتئون ڀري، مئي عشق جو ساقي قدح.

●

سينو جنهين جو آهه مصفا مثال صبح،
سو سر سڄائي پنهنجو ٿي خندان بحال صبح.

تو ۾ ٿو ڏينهن آٻري ۽ تو ۾ ٿي رات ٿئي،
تو ۾ شعاع شمس جو، تو ۾ جمال صبح.

برقع ۾ رات جي به تجلي سنڌءِ ٿئي تام،
پر ٿو ڏيکاري تو سندو حسين ڪمال صبح.

سر بقا ۾ آهه سمائڻ جو وقت واهه!
عرش برين کان ٿو لنگهي خاصو خيال صبح.

گرچه ڳجهو ٿيو نور لقا اولي جسم جي،
ته به ابر ۾ لڪي نه ٿو خورشيد فال صبح.

”تارڪ“ جي خيال حق سان ٿيڻ هڪ سندو رکين،
خوش عاشقن جي لاءِ آهه ساعت وصال صبح.

●

جي ڪهرين سينو صفا ٿئي، پي تون اول جام صلح،
تفرقه تڪرار کي ٽالان ڪري، آرام صلح.

مذهب و ملت مڙئي جنگ و جدل سان ڀُر رهن،
مشرب رندان ۾ ٿيو، آغاز تا انجام صلح.

شيعه و سنّي و هندو مومن اندر آهه گول،
صوفيءَ بي سر جي گهر ۾ ناهه ڪي ري نام صلح.

جنهن حضورِ حق ۾ پنهنجي جان دل حاضر رکي،
سو قدم پيو قرب جا پائي، پري پيو گام صلح.

لمّرَ تفرقه کان نظر ايندو نه جانيءَ جو جمال،
"ثم وجه الله" تون چائج تجلّي تام صلح.

جڏ مليو پيرِ مغان کان صلح جو "تارڪ" سبق،
هن غزل جو ناؤ مون آهي رکيو پيغام صلح.

•

هرگز نه چوان حسن سندءِ حور جي طرح،
روشن نه آهه حورَ سندءِ نور جي طرح.

ڪاڪل سندءِ تہ سنبل پيچان جي ڏيو صفت،
ٿيا نين عجيب نرگسِ مخمور جي طرح.

چو باوجود ناز ۾ هن حسن جي پرين،
لاهين نہ ٿو نقاب تون مستور جي طرح.

تابِ جمال تنهنجي کان بي تاب ٿا جلن،
سينا سوَن سڪايل جا، طور جي طرح.

جنهن کي لڳي ٿي برهه بلا اوچتي اچي،
کائي انهيءَ جو ماس ۾ هڏ سور جي طرح.

جنهن کي توهان جي تار رهي تار تار ۾،
'تن تن' تنهين جو تن ڪري طنبور جي طرح.

هوندو هميشه ڪينکي، تو سان سو سدا،
هل ڪين حسن تي هيئن مغرور جي طرح.

نروار ٿي تون "تارڪ" نعرو "انا" هڻي،
سانگو سريءَ جو لاهج، منصور جي طرح.

●

دلبرن وٽ عاشقن جو سر ڪٽڻ آهي مباح،
يا هڻي پيڪان پنبڻين جا ڦٽڻ آهي مباح.

دل ڪسي دلدار، بس پوءِ ٿا ڪين ڪنهن جي نه ڪاڻ،
تن جي مذهب ۾ مگر هي منهن مٽڻ آهي مباح.

سونهن جا صيّاد ٿيا سڀ متفق هن راءِ تي،
طير دل لئي، زلف جي ڦاهي وجهڻ آهي مباح.

جي هجن گلچن، انهن کي گل چڻڻ آهي روا،
بلبلين کي ڪونه ڪاٽي گل پٽڻ آهي مباح.

سيم تن کي عاشقِ مفلس سان ٿيڻ بيوفا،
۽ دنيا وارن جي الفت ۾ جٽڻ آهي مباح.

جي اهو شيرين دهن، اچلي ڪٽي آبِ دهن،
عشق ۾ فرهاد کي ان جو چٽڻ آهي مباح.

سوزِ فرقت جو اگر ساڙي وجهي "تارڪ" هنيون،
ورِه وارن وٽ وڃي واڪ جهڻ آهي مباح.

●

مصرع طرح: "ٿي پيو آهيان پريشان جي طرح".

عاشقِ دلدار آهيان هر طرح،
ڪين دل خوش ٿئي، ٿئي سان هر طرح.

عالمِ دنيا و عقبيٰ ۾ پرين،
تو رهان مان تنهنجو خواهان هر طرح.

تهه دل تي منهنجي، يوسف جي مثال،
تنهنجا تيا هي زلف زندان هر طرح.

صورتِ جانان نه وسري ٿي مون کان،
هي ڪيو مون ياد قرآن هر طرح.

ڪينڪي چاهِ زنخ جو مت ٿئي،
اي عزيزو چاهِ ڪنعان هر طرح.

چو لڪائين رخ نقاب اندر پرين؟
منجهه گلن آه شمع عريان هر طرح.

شاهِ دوران جي ڪري ڪيئن بندگي؟
خادمِ درگاهِ خوبان هر طرح.

ساقي و مطرب، مئي، دلبر مليا،
آهيان مون هن وقت سلطان هر طرح.

ڪالهه دلبر عاشقن کي هيئن چيو،
”وصل جي چاهيو، ڏيو جان هر طرح.“

جي ڏسين زاهد تون زلفِ دلربا،
ڏين ڇڏي تسبيح پيچان هر طرح.

واديءِ وحشت ۾ مجنون چيو مون کي،
”آهين تون سرخيل مستان هر طرح.“

تيغ ابرو جا ڪٿا سي حشر ڏينهن،
تو سندي پڪڙيندا دامان هر طرح.

ٿو رهان تنهنجي جدائيءَ کان پرين،
سينه بريان، چشمِ گريان هر طرح.

زهد، تقويٰ جو ٿيان پابند ڪيئن؟
آهيان مان هم بزم رندان هر طرح.

عالم دنيا نه آ جائي خوشي،
ڪيئن رهي تنهن ۾ ڪو شادان هر طرح.

"تارڪ" اج ڪلهه زلف جي سودا سبب،
ٿي پيو آهيان پريشان هر طرح.

رديف "خ"

ڪسن ٿا درد وارن جون دلون ديدار ۾ گل رخ،
ٿا پائن پيچ ڪاڪل جا هٿي هر وار ۾ گل رخ.

ڪجل سرخي ڪري حنهن ڏي نهارن ناز مؤن هيڪر،
وجهن سوهي اهو ماڻهو، سڀ سينگار ۾ گل رخ.

جيئن عاشق ڪري آزي اڳيان ان جي، ٿين تئين خوش،
رهن راضي ڏسي عشاق کي آزار ۾ گل رخ.

ٿين ٿا منهن ڦڪا سيني گلن ۽ عندليبن جا،
جڏهن سينگار جي سهڄنون، هلن گلزار ۾ گل رخ.

ڪرن ٿا ڪين اوٖن گڏ رهڻ، گڏجڻ ڪان سي نفرت،
مگر پوءِ ناز ڪان ساڳي، اچن ٿا عار ۾ گل رخ.

هٿي پيڪان پنبڻين جا، ڦٽن عشاق جون دلڙيون،
رهن ٿا خوش دل ان جي خاطر افگار ۾ گل رخ.

وجهن ٿا دام زلف اوٖل، ڪرن قابو ٿا جنهن سان دل،
تنهان پوءِ هٿ وجهن، ابرو سندي تلوار ۾ گل رخ.

گدا ڪان بادشه تائين، هلن فرمان سهڻن جا،
بنا تيغ و تبر سوين ڪٽن پيڪار ۾ گل رخ.

سيائن سچ چيو آ، "حسن بس هر دل عزيز آهي"،
رهن مرغوب سڀ ڪنهن کي، سڄي سنسار ۾ گل رخ.

انهيءَ ني حسن جي هنگام هر دم سر هجڻ سبيان،
ٿين مذڪور ٿا "تارڪ" سندي اشعار ۾ گل رخ:

•

ارزان ٿيو تنهنجي لب ڪان عقيقِ يمن جو نرخ،
دندان جي گهٽ ڏرن ڪيو، ڏرِ عدن جو نرخ.
اڄ ڪلهه پسند سڀ کي ٿيو زلفن جو مشڪ آهِ،
جنهن ڪان پڇي ٻه ڪو نه ٿو مشڪِ ختن جو نرخ.
جاڪون هو سرو قامت، عالم کي پيو نظر،
گهٽ تاڪون ڪاٽ ڪان ٿيو سروِ چمن جو نرخ.
شايد گهٽا ٿيا هن گل رخ جا مشتري،
جو ويو لهي بزار ۾ آهي گلن جو نرخ.
”تارڪ“ تہ پي متاع سخن جو اٿم گهٽو،
آهي رهيو اگرچہ نہ شعرو سخن جو نرخ.

•

شيرين لبِ صنم جي اڳيان باده ناب تلخ،
شڪّر، نبات، مصري قند و گلاب تلخ.
دل کي ڪندي سوال تي حيرت وڌيو وڃي،
شيرين لبن مؤن تنهنجي جو آهي جواب تلخ!
دل ڪان نہ ٿو زهر سبب زخم مژه جي،
تنهنجي نہ آهي لائق ان جو ڪباب تلخ.
پڙندين سگهو تہ عاشق تنهنجو مري ويو،
جو ان جي زندگي ڪئي تنهنجي عتاب تلخ.
شايد ڪنهين جي دام بلا ۾ سو ڦاسندو،
جو طير دل کي آهِ ٿيو داڻو ۽ آب تلخ.
عهدِ شباب همدميءِ يار لازم آهِ،
جنهن ۾ نہ آهِ وصل، سو عهدِ شباب تلخ.
”تارڪ“ غمِ فراق جي آخر ٿي عيش وصل،
خوش ڪيف آهِ اصلِ نتيجہ شراب تلخ.

•

ماڳ محويّت ڏي آهي سالڪ دانا جو رخ،
بيخوديءَ جي باب ۾ ٿيو طالب جويا جو رخ.

صوفيءَ ٻي سر کي تحصيل فنا جو آه شوق،
ڪنز، ڪافيه ۽ قدوريءَ ۾ آهي ملّا جو رخ.

اڪ جي ٻيڙي ڪين ڦيري، هردو عالم جي طرف،
ياد مولىٰ ۾ سدائين، طالب المولىٰ جو رخ.

ساڻ احديّت سدائين سر ٻڪن سورهه رهي،
ڪين سوريءَ کان مڙي ٿو رند پي سرپا جو رخ.

عالم زير آه "تارڪ" لائق ترڪ نظر،
هن جهان کان ٿي جدا، وٺ عالم بالا جو رخ.

•

مصرع طرح: "ٿيو آهي اسان سان بيوفا چرخ."

ٿيو آهي اسان سان بيوفا چرخ،
رهي ٿو برسر جورو جفا چرخ.

جي ڏيندو عاشقن کي ايترو غم،
ته لهندو ڏينهن ڪنهن پنهنجي جزا چرخ.

رسائي خير شر سو ڪيڙو سگهندو؟
ڀلا سمجهو ته ڇا آهي خدا چرخ؟

لکيل حق جنهن جي ۾ نيڪي بدي آه،
رسائي تو سگهي تنهن کي اها چرخ.

وڃي ڪاڏي ڀڄي ڪو تنهن جي حد کان؟
محيط آهي سڀن سان جابجا چرخ.

نه ٿئي مست گردش چشم صنم سان،
اگر گردان آهي صبح و مسا چرخ.

نہ آهي وصل جي اميد تنهن ۾،
جداڪنهن ڪان ڪندو ڀوءِ مون ڪي ڇا چرخ.

ڪريون ٿا چرخ ڪي ايتو تہ ٿئي خرچ،
اسان جو دشمن آهي خرچ يا چرخ؟

رهي ٿو زلف جو سودا جو سر ۾،
تنهين ڪان ٿو مٿو ڪاٽي سدا چرخ.

وڃن ٿيون عاشقن جون آهون عرشين،
جنين جي آه يارو ابتدا چرخ.

اٿس ڏک جيڪي ڏيڻا سي پلي ڏئي،
ڪندو سو نيٺ پنهنجي انتها چرخ.

جهليندو جي اثير شب روز آهون،
تہ هڪڙي ڏينهن ٿي ويندو فنا چرخ.

ڏسي جي منهنجي اکين سان سو دلبر،
تہ مون ڪان اڳ ٿئي ان تي فدا چرخ.

سڪندر قيصر ۽ فغفور جهڙا،
ڪريون ويٺو آهي ڪم ڪترا چرخ.

ادا ڄاڻج تہ ڪنهن کي پي بقا ناهه،
تڏهن هي ڪيتري وٺندو بقا چرخ؟

چون ٿا وصل و هجران چرخ ڪان آهه،
تڏهن ڏيکاري مون تنهنجو لقا چرخ.

رهي ٿي گردش نظم سخن ۾،
ٻئي "تارڪ" جي آه طبع رسا چرخ.

SOORIH SINDHI ADAB

رديف ”د“

جنهن جي دل کي وجهي ڦُــو عشق ڪمند،
قيــد مـذهـب ۾ ڪين ٿئي سـو بـنـد.

عـشـق ۾ آهه ڪـونـه ڪـو آرام،
جيـئـن آتـش ۾ دانـهـائي سـپند.

جـان نـه عـاشـق ٿئي فنا فـی الله،
تـان نـه آسوده دل رهي خورسند.

عـام کـي ڪين سـجهـه ۾ ايندي،
جـا ڳـجهي رمـز آهه خـاص پـسـنـد.

فـرق وحـدت وجـود ۾ نـاهـي،
جـوئـي زهـر آب، آهه سـو گـلقـنـد.

”جو پسو ٿا، پرينءَ جي صورت آهه“
سالڪن صاف چيـو ڪـئي سوگـنـد.

ڪين تـرڪ وجـود ٿـئي جيـسـيـن،
زلـف جـي مـار جـو لـڳـي نه گـزنـد.

نفـي ٿئي نفـي جنهن ۾ ”تـارڪ“،
ڏي هـوءَ جو ڇڏي تون فـڪـر ۽ ڦـنـد.

SOORIH SINDHI ADAB

•

جنهن کي دنيا جا امورات ٿيءُ ڪيئن آزاد؟
گرچه صد بار پڙهي نفل، نماز ۽ اوراد.

تا نه آوارگيءَ عشق ٿئي دامنگير،
منجهه حقيقت نه رسي توڙي ڪري سير ملاد.

حسن عشق آهه صفت برق جهان سوز سدا،
جي پوي جاتي ڪري خرمن هستي برباد.

رنج راحت ۽ نفع سود عقل ۾ ٿي آهه،
عشق ۾ سو رهي سنرو، جو سدا غم ۾ شاد.

روز شب ڪر طلبِ عشق خدا کان سالڪ،
اهڙو منجهه هر دوجهان ڪونه ٻيو زاد.

جي گهرين جلوهٔ آن ذات مقدس هردم،
”تارڪا“ چشم ’همه اوست‘ سان رک تون آباد.

•

محو ٿي منجهه ذات ڪر ترڪ وجود،
حق ٿئي اثبات ڪر ترڪِ وجود.

ري طلب مولىٰ طلب ٻي ڪر تمام،
تار ڇڏ ٻي تات، ڪر ترڪِ وجود.

هن ٿبي منجهه بحر بيرنگي شتاب،
ڪي ڏ ُر تجلات، ڪر ترڪِ وجود.

خيال کي مدهوش رک منجهه محويت،
رک هوَس کي مات، ڪر ترڪِ وجود.

ڪر نظر آئينهٔ دل کان نه دور،
ڏينهن توڙي رات، ڪر ترڪِ وجود.

جي پسين تو ۾ سدا موجود آهه،
جملہ موجودات، ڪر ترڪ وجود.

نفيءَ ۾ ۽ نيستيءَ ۾ "تارڪ" آهه،
شام تا پريات، ڪر ترڪ وجود.

•

سوا تنهنجي نہ پيو ڪي آهه موجود،
تون ساجد آهين، تون سجده، تون مسجود.

تو ڳوليـن پاڻ کي، ڳولائو بڻجي،
تون قصد آهين، تون قاصد، آهين تون مقصود.

تون بيچون آهين، گونا گون بہ آهين،
تون حد آهين، تون لاحد، آهين تون محدود.

عبادت تو ڪرين تون پاڻ پنهنجي،
تون آهين عبد، تون عابد، تون معبود.

تون سچو آهين، تون سائو، تون پينو،
تون آهين شوم، تون آن صاحب جود.

تون "تارڪ" تون نجف، تون شہ نجف جو،
تون آن احمد، تون حامد، آهين محمود.

•

مدام عاشق صادق کي ڏئي ٿو نينهن نويد،
جو ڪين حاصل دارا کي ٿيو نہ کي جمشيد.

جو اڇلي سر ڏئي ميدان عشق ۾ بيخوف،
سو سر ٿو چمڪي، هر دوجهان ۾ ٿي خورشيد.

اڏام عرش معلّيٰ مٿي ببال خيال،
وجود اعليٰ تنهنجو نہ ٿيو ڪم از ناهيد.

طلب جي راھہ ۾ تي چست ساڻ چالاڪي،
پسين جي ناز پرينءَ جو تہ ڪين ٿي نوميد.

رموزِ عشق نہ عالم پروڙي، نہ زاھد،
علوم عشق نہ مرقوم منجھہ ڪتاب ۽ ويد.

ڪرين جي دور تون درجا دوئي سندا دل مان،
تہ عين وحدت سان ھڪ ڏسين سياہ سفيد.

پياريو ساقيءَ توحيد جام وحدت جو،
ٿيو انھيءَ مان ھي "تارڪ" بہ زندهٔ جاويد.

●

دريائي بيچگون مان موجون ٿيون پديد،
منصور، شرف، شبلي، عطار، بايزيد.

صورت مون سِرّ جي پيدا ٿيو شعاع ذات،
سمجھون پسي ٿي صوفيءَ جي درد واري ديد.

زاھد تہ روز حشر جي وعدہ اتي رھيا،
اثبات اندر آہ ڪئي عاشق اتيئي عيد.

ھڪ وڻ مون شاخون، ٽاريون، ميوا لکين ٿيا پن،
ھڪ ذات مان ٿيا ظاھر، چا پاڪ چا پليد؟

نورِ شھود جن جي تو دل ۾ ٿئي جلوہ گر،
صورت مٿي سجڻ جي سي شائق ٿين شھيد.

دامن بدست آڻ شھنشاھہ عشق جي،
گرچہ ھجين شقي، تہ بہ سالڪ ٿئين سعيد.

"تارڪ" ڏئي سيو سر و سامان ھست جو،
باصدق دل تون ڪر ڪٿي فڪرِ فنا خريد.

●

مون ڏي نہ نهارين ٿو پلا يار رکج ياد،
پيو دور گذارين ٿو، پلا يار رکج ياد.

جي ڪالهہ ويهي خلوت ۾ مون سان ڪيا هيءَ،
سي قول نہ پارين ٿو، پلا يار رکج ياد.

جنهن وقت ڏسان ٿو، تہ ڪٿي پاڻ لڪائين،
منهن ڪين ڏيکارين ٿو، پلا يار رکج ياد.

هيئن هجر جا صدمہ ڏئي، ساڙين ٿو دل و جان،
ڏئي جام نہ جيارين ٿو، پلا يار رکج ياد.

هيئن تلخي ۽ فرقت جو ڪرين ڪونہ ٿو دارون،
تيئن زهر پيارين ٿو، پلا يار رکج ياد.

هي مرغ سندم دل جو وڌءِ زلفِ قفس ۾،
تنهن کي نہ اڏارين ٿو، پلا يار رکج ياد.

"تارڪ" ڏئي ڪهڙو توکي ڏوراپو اي ڏاڍا!
مون ڏي نہ نهارين ٿو، پلا يار رکج ياد.

●

ڏٺو سي عاشق ٿيو ڪونہ گل رخن ڪان شاد،
پڏو سي ڪونہ ٿيو، رنج ۽ محن کان شاد.

جنهين جي بلبلِ دل آہ گل رخن وٽ قيد،
ٿئي اهو نہ ڪهين سير گل چمن کان شاد.

ستيزہ خوءِ جنهين کي هجي زن و فرزند،
رهي اهو ڪيئن خاوند گهر، وطن کان شاد.

گهٽو ئي زهر جدائيءَ کان تلخڪام رهيس،
ڪيو نہ يار ڪڏهن شڪرين دهن کان شاد.

زماني جو آهي دستور اصل کان اهڙو،
جو ڪي ٿيا ڪن کان غمگين، ته ڪي ٿيا ڪن کان شاد.

غم ۾ زمانہ انهيءَ دل کان هوءِ دور سدا،
رهي جا صبح و مسا مهر پنجتن کان شاد.

اگرچہ دولت ۾ دنيا نہ تو وٽ آ "تارڪ"،
جڳائي توکي رهڻ دولت ۾ سخن کان شاد.

●

بزم مشاعره حيدرآباد: ١٤- اپريل ١٩٣٧ع

مصرع طرح: "آب دانو ڇو ڪيو بيمار جو تو يار بند"

فرقت ۾ دلدار ۾ منهنجو ٿيو ڪم ڪار بند،
عشق کان آزادگي ڦيرائي ڪيو ناچار بند.

موسم ۾ گل، گل نڙيل ۽ پرهہ جو وقت آ عجيب،
باغبان هھڙي مهل ڇو ڪيو در ۾ گلزار بند؟

شب جدائي جي جو آئي، تنهن سندي تاثير کان،
ڇاتو مون ڇڻ آهہ سارو لوڪ ۽ سنسار بند.

عشوه ۽ غمزه سان دل منهنجي ڏتاري ڇو وٺين؟
۽ وري تنهن تي ڪيئي پنهنجو مٺا ديدار بند!

نينهن تون ڀولڻ نباهين آس تو ۾ آ اها،
برهہ واري بات کر ڪڏهين نہ اي دلدار بند.

شل جواني مائين، جانب رهين سرهو سدا،
ڪڏ رهڻ، ڪڏجي کهڻ، مون سان نہ ڪر منٺار بند.

اڄ تہ گلشن ۾ هلون، سير چمن سهڻا ڪريون،
ڪينڪي تنهنجو هجي سينگار ۽ جنسار بند.

ڪالهہ عاشق منجهہ چپن ۾ ضعف فرقت ڪان چيو،
"آب داڻو ڇو ڪيو بيمار جو تو يار بند"؟

هر طرف هر جاء تنهنجو جلوو ڏسجي ٿو ڇڻو،
عاشقن جي سو اکين تي ڪيئن ٿئي نروار بند؟

مطربا پڙهہ هي غزل "تارڪ" جو بزم يار ۾،
هُو جڏهن تنها هجي ۽ هوء ونس اغيار بند.

●

تضمين بر غزل حافظ شيرازي

[ڪنهن شاعر جي شعر جي هڪ مصرع يا پورو شعر پنهنجي ڪلام ۾ آڻڻ واري ڪاريگريء کي تضمين چيو ويندو آهي.]

فصلِ گل ٿيو چار ڏينهن ۽ ناهہ ڪي مدّت مديد،
دور سي ميخواهم و مطرب کہ ميگويد رسيد.

بلبل و پروانہ کي گل شمع مليا، مون جدا،
اي فلڪ اين شرمساري تابڪي بايد ڪشيد.

پيو نہ جي مهماني ان دلبر جي لئي هٿ ۾ هجي،
بادهٔ و گل از بهائي خرقہ مي بايد خريد.

هيء جماعت ميڪشن جي تنهنجي در ساقي پئي،
از ڪريمي گوئيا از گوشہء بوي شميد.

پوء جو مستيء جي بدناميء ۾ ڦاٿي، تنهن ڪان اڳ،
جامہٴ در نيڪنامي نيز مي بايد دريد.

هي چا آهي تير مژگان خود تو چاڙين تون سڄڻ،
وان تطاول کز سرِ زلفِ تو من ديدم کہ ديد.

بر سرِ بيداد جي دلبر رهيو هيئن دائما،
گوشه گيران راز آسايش طمع بايد بريد.

ناھه ظاهر تا ڪٿي "تارڪ" کي زخمِ عشق هو؟
اين قدر دانم ڪه از شعرِ ترش خون مي چڪيد.

تضمين

عمر سڄي عشق جو بار سٺو مون شديد،
من نرسيدم بدوست ڪار بجانم رسيد.

آهيان نشانو سندءِ تير مڙه جو سدا،
سنگ نيم اين جفا چندا توانم ڪشيد.

ڇو ٿا اجايو اڃي مغز کپايو سندم؟
عاشقم اي دوستان پند نخواهم شنيد.

جوندا ته آهي چريو تنهنجي محبت ڪيو،
گريه نخواهم ڪشاد جامه نخواهم دريد.

يار جي آرام گاه مون جو لنگهيس تا ڏٺم،
باد بره مي وزيد زلفِ سيه مي پريد.

تير نظر جو اي يار تو جو هنيو هو مون کي،
شب همه شب تا سحر در دلِ من مي خليد.

برق صفت هڪ نگه سان تو ڪرين خيره اک،
کافت جان پيش زين ما نتوانيم ديد.

روبرو دلدار جي عاشق کي عشق جو،
قصه بلب مي گذشت اشڪ فرو مي رويد

پيچ سندءِ زلف جو ائين پيو "تارڪ" کي جو،
ڪار بسه تيغ اوفتد هم نتواند بريد.

•

مصرع طرح: "طبع شاهيءَ تي نه آيو وعده وارو وار ياد"

ياد آهن يار کي سي، جن کي آهي يار ياد،
سا ملي دلدار سان دل، جا ڪري دلدار ياد.

ناه مون کي ڪا ضرورت سير گل گلزار جي،
چشم نرگس، زلف سنبل، آه گل رخسار ياد.

يادگيريءَ يار جي ري سود ناهي جي هجئي،
مطلع الانوار ياد ۽ مخزن الاسرار ياد.

ناه ڪا آسيد جو هاڻي بچي توبه سندم،
فصلِ گل ۾ آيو، ذوقِ ساغرِ سرشار ياد.

زاهدا پيرِ مغان کان پي وڃي جامِ شراب،
جي چوين ٿو آه مون کي رحمتِ غفار ياد.

منجهه ڪليءَ دلدار جي منهنجون اکيون هارين جر،
آه مون "جنات تجري تحتها الانهار" ياد.

مون کي نالو يار جو ياد آه، ٻيو ڄاڻان نه ڪجهه،
نفل، نا اوراد نا دعلوت، نا اذڪار، ياد.

رند آهيان، مست آهيان، پڻ موحد جو نه ٿم(١)،
ڪفر، ايمان، دير، مسجد، ڪافر و ديندار ياد.

جي ڏسين تون هو بتِ طناز جيڪر زاهدا،
ڪين ات هرگز ڪرين هي جبه و دستار ياد.

ڪين ڏئي ڪي فائده ذڪرِ خدا تنهن شخص کي،
روز شب دل ۾ جنهين کي، درهم و دينار ياد.

جي وفاداري ڪري، هڪ وار تون مون سان ملين،
نا ڪريان تنهنجو پرين، جور و جفا آزار ياد.

---

(١) اٿم.

دل ۾ ڇاتم ٿي، ته ملندو يار چوندس دل جو حال،
پر ڏٺم ان کي، ته آئي ڪا نه ڪا گفتار ياد.

ڪٿي ڏهون تون مون ملڻ جي ڳالهه تي اي تند خو؟
تو کي آهه انڪار ياد، ۽ مون کي آهه اقرار ياد.

هو ملڻ منظور مون سان شاه خوبان کي مگر،
”طبع شاهيءَ تي نه آيو وعدو وارو وار ياد“.

شڪر لِلّٰه هن جهان ۾ ڪو نه ٿو ڀانيان عدو،
ڇو جو دل ۾ آهه مون کي دوست جو ديدار ياد؟

شاعرن ٿي مار سان تشبيهه زلفن کي ڏني،
يار چيو، ”ڪي پيو ٻه چاٽو يا اٿو هي مار ياد“؟

ڪين ڪي پڙهه تون وظيفا وصلِ دلبر واسطي،
ڪر وظيفن جي بجا ”تارڪ“ سندا اشعار ياد.

رديف "ڏ"

اسان جي آه نازنينن کي سڏ،
آهي حسن جي حسن بيتن کي سڏ.

اسان جي ته هن عشقبازيءَ سندي،
اسان کان اڳي هيءَ حسينن کي سڏ.

مکينن جي کهڙي مسافر کي ڳل؟
مسافر جي کهڙي مکينن کي سڏ؟

اسان جي کندا عشق تي آفرين،
پئي جي ڪٿي نٿي امينن کي سڏ؟

سندن چاهه غبغب ۾ جي غرق ٿيا،
انهن جي ڏيو مهجبينن کي سڏ.

جي ڪوليائون ڪوڙو ته ڇا ٿي پيو؟
اسان جي آهي صاف سينن کي سڏ.

ڇڏن ڪين رسوا ڪرڻ جي سوا،
پوي عشق جي جي ڪمينن کي سڏ.

نهاني جڳائي رکڻ راز عشق،
جيئن پئي نه سا همنشينن کي سڏ.

سي ديوانِ "تارڪ" جا جاچيندا عيب،
جڏهن ڪا پئي نڪته چينن کي سڏ.

•

صورت سڄڻ جي روشنيءَ شمعِ شبستاني کان وڌ،
قامت سڄڻ جي آهه سڌي، سروِ گلستانيءَ کان وڌ.

عارض گلابي، لعل لب، هٿڙا ٻئي مينديءَ رتا،
ياقوتِ رمانيءَ کان وڌ، لعلِ بدخشانيءَ کان وڌ.

ابرو ڪمان قوسِ قزح، خونخوار خنجر يار جو،
آهي تکائيءَ ۾ تکو، تلوار ايرانيءَ کان وڌ.

هيڪر هلي جي دلربا هن ڏور سان بازار ۾،
رفتار ۾ چوَنيس سڀئي ڪبڪِ ڪهستانيءَ کان وڌ.

توڙي سنڌءِ ويس ۽ وڳا آهن انيڪ ۽ ڪيترا،
ليڪن نه ٿيو ٻيو ڪو آتم، هن ڪسوت انسانيءَ کان وڌ.

خرقهءِ بزرگي زيب تن، ڪبرو ريا ۾ محو من،
صد بار منهنجو ڪفر آ، اهڙي مسلمانيءَ کان وڌ.

"تارڪ" فراقِ يار ۾ دل کي ڪرڻ خوش واسطي،
چاهي ٻيو جام مئي، رقص و غزلخوانيءَ کان وڌ؟

رديف "ڏ"

ائين شبِ فرقت ڪيم ساجن ڪي سڏ،
رحم آيو روح ۾ هر ڏاهم ڏڏ.

تا نهالِ عشق ٿئي سرسبز خوش،
اشڪ جي تنهن لئي وهي اکڙين مون اڏ.

عشق جي آتش ۾ جن جا جيءَ جليا،
خود جلي ڪائي هما جي تن جا هڏ.

باغِ عالم ۾ مون سهڻن ڪي ڏسي،
ديده بازيءَ لاءِ لائي آه لڏ.

سر زمينِ شعر ۾ لئي يادگار،
مون سخن جا ڏس اڏيا آهين مڏ.

مون ٽيس محبوب پنهنجي جي طرف،
راند ۾ ڪئي نازنين نندي وڏ.

"جهڙي ڪرني تهڙي ڀرني" سچ ڪي آه،
تئي پرينده سيڪو ماڻهو پنهنجي ڪڏ.

پر لٽو نا، هو ستمگر هوڏ تان،
گرچه واري، مون گهٽوئي تنهن سان تڏ.

ٽي چيو ماڻهن، "ٽيو 'تارڪ' چريو"،
"ائين شبِ فرقت ڪيم ساجن ڪي سڏ".

●

فراق سان ڦٽين چو دل، تهين ڪان يار ماري ڇڏ؟
معافي خون آه توکي بلاشڪ ڪر هي ڪاري ڇڏ.
تبه فرقت جي لئي دارو ڏسيو هي عشق جي ڏاهن،
ته ان بيمار کي شربت لب شيرين جو پياري ڇڏ.
سندم جي خون جي خواهش اٿي تان جلد ڪر جاني،
اشاري تيغ ابروءَ سان اهو اڏڪو به ٽاري ڇڏ.
پريءَ پيڙيءَ ۾ جي واٽيءَ صفت آهيان ٿيو ڪورو،
ته پوءِ تون پنهنجي محفل مون فقط مون کي اٿاري ڇڏ.
رهين رنجيده دل ڇو تون دنيا جي دور ۾ هردم،
ٻڌي کي اڻ ٻڌو ڪر ۽ ڏٺي سڀ کي وساري ڇڏ.
لکيل ٿي ڪاغذات مختلف تي شعر جي "تارڪ"،
فراهم ڪر آهي ساري، سي دفتر تي آتاري ڇڏ.

●

رهي تو يار ائين اغيار سان گڏ،
جيئن گلزار ۾ گل خار سان گڏ.
اچي تو ياد تڏ اعجاز عيسىٰ،
سچن مرڪي جڏهن گفتار سان گڏ.
مون ڪان دل تنگ ۽ مون تنگ دل ڪان،
رهون ٿا پاڻ ۾ لاچار سان گڏ.
ٻڌي پيغام پنهنجي وصل جو يار،
ڪيو اقرار پر انڪار سان گڏ.
وڃي پير مغان اڳيان مون لاٿو،
ٻڌي تسبيح کي دستار سان گڏ.
رخ ڪعبه ۾ آهي خال هندو،
تڏهن سجن رکيم زنار سان گڏ.
الٰهي ڪر تون هن "تارڪ" جو محشر،
شهنشه حيدر ڪرار سان گڏ.

ردیف "ڊ"

ٿا مڙيي ماڻهو ڏسن تا ٿيو اڄوڪيءَ رات چنڊ،
پر ڏسن جي مہ لقا منهنجو نہ آئن وات چنڊ.

ماه مہن روشن سدائي ۽ هي ماه بدر ريءَ،
ڪين ٿو روشن رهي، سانجهيءَ کان تا پرڀات چنڊ.

گرچہ آهي چنڊ جو ڀي حسن ڏاڍو دلربا،
ليڪ هن خورشيد عارض جي اڳيان آه ماتِ چنڊ.

ٿو سياهي زلف جي ۾ مہ لقا منهن کي ڍڪي،
زير ڪڪرن جيئن اچي منجهہ موسم برساتِ چنڊ.

ڪلبہٴ احزان ۾ منهنجي، گرم چين اي مہ رخا،
مون ائن ڀانيان تہ ڄڻ آيو اندر محلات چنڊ.

آه سرگردان توهان لئي سيّدا سڪ ۾ سدا،
روشنيءَ جي ٿو گهري تو کان سدائي ذاتِ چنڊ.

آه "تارڪ" جي اکين ۾ نور تنهنجي حسن جو،
جئن هميشه نور سج جي ٿون رکي تجلاتِ چنڊ.

•

ڳالهہ ڪندي اچي وٺي ان نازنين کي ننڊ،
ليڪن نہ آئي عاشقِ اندوهگين کي ننڊ.

شورِ فلڪ ڪان ڪين ميسّر ٿو وصل ٿئي،
ذي يا الاهي گردشِ چرخِ برين کي ننڊ.

شامِ فراق ۾ جي ڪري دانهن دردمند،
تا صبح ڪينڪي اچي اهلِ زمين کي ننڊ.

وحش و طيور ننڊ ۾ پيا، تہ بہ نہ ٿي اچي،
چشمِ رقيب رهزن پُرفتنہ ڪين کي ننڊ.

شب روز انتظار اچڻ تنهنجي ۾ مٺا،
نيٺين نہ آہ "تارڪ" غمگين حزين کي ننڊ.

رديف "ي"

ساقي ٻهار آيو ڪو جامِ شراب ڪي،
مطرب سرود گهرجي ٿو چنگ و رباب ڪي.

اي مئي فروش منهنجو هي خرقه قبول ڪر،
وٺ منجهه ادائي قرض نه مون سان حساب ڪي.

ساقي قدح شراب ڏيڻ ۾ نه شرم ڪر،
رطلِ گران اسان جي پيڻ لئي شتاب ڪي.

ڏيکار پنهنجو محفلِ رندن ۾ خوب سحر،
جو بند ڪَيئي شيشه ۾، سو آفتاب ڪي.

اوراق مصحفِ گل ڏس کولي عندليب،
فالِ بهار واسطي امُ الڪتاب ڪي.

جو آشنا نه بادهٔ و شيشه و قدح جو آه،
مستن جي بزم نوش مؤن سو شيخ شاب ڪي.

خوشبوء زلف منهنجو معطر ڪيو دماغ،
ڏي ٻاه عود، عنبر کي مشڪناب ڪي.

"تارڪ" نجف جي شاه جو دائم غلام ره،
تون ڪين هٿ مؤن بندگيء بوتراب ڪي.

رديف "ذ"

چکيو مون لبِ لعل دلبر ملذّذ،
لڳي کين ٿو شهر شڪّر ملذّذ.

ته ٻي لطف شيرين لبن جو نه ڏيندي،
مڪرّر ٿي قندِ مڪرّر ملذّذ.

دلارام ريءَ تنهنجي آرام عشرت،
مگر ڄاڻندو ڪوئي ڪافر ملذّذ.

سڄڻ تنهنجو سيبِ ذقن منجهه سواد آهه،
ملذّذ بس از ميوهٔ تر ملذّذ.

جي اصلاح استاد "تارڪ" ڪري ٿا،
ٿئي شعر شاعر جو اڪثر ملذّذ.

•

ٿيو سدا وردِ زبان مون کي سنڌ نام لذيذ،
ياخدا نامِ صنم ڪان ٿي سندم ڪام لذيذ.

لبِ نوشين ته سنڌ قند شڪر کان شرين،
چشم تنهنجي ته صفت ميوهٔ بادام لذيذ.

ساغرِ عشق مون ٻي ڀرَ ليا، تن کي نه لڳي،
خواب، خور، ناز، نعم، عيش ۽ آرام لذيذ.

پاڪ ٿـي جملہ لذائذ کان ہے افڪار فنا،
پيچ ميخانہ ”مٿوتوا“ مون پري جام لذيذ.

اي شہِ ڪشور ڪونين مدد ”تارڪ“ ٿـي،
ڪام دل ذڪر ۾ تنهنجي ٿي سحر شام لذيذ.

●

چا جنّ، چا انسان تي، ٿيو حڪم سندءِ نافذ،
چا حور، چا غلمان تي، ٿيو حڪم سندءِ نافذ.

چا ديؤ تي، چا دد تي، چا نيڪ تي، چا بد تي،
جاندار چا، بي جان تـي، ٿيو حڪم سندءِ نافذ.

چا شمس تـي، چا مه تـي، چا پينو، چا شه تـي،
انسان چا، حيوان تـي، ٿيـو حڪم سندءِ نافذ.

چا ماه، چا ماهيءَ تـي، صيّاد تـي، قاهيءَ تـي،
چـا مـرغ گـلستان تـي، ٿيـو حڪم سندءِ نافذ.

چا عرش تـي، انجم تي، چا برگ، چا شبنم تـي،
چـا غنچہ خندان تـي، ٿيـو حڪم سندءِ نافذ.

”تارڪ“ جي دل و دين تي، شادان آتي غمگين تي،
چا حال جـي بـرهان تي، ٿيـو حڪم سندءِ نافذ.

●

ادا قاصد سڄڻ کي رک، وڃي پيشِ نظر ڪاغذ.
ڏسڻ سان سنگدل ان کي ڪري من کو اثر ڪاغذ.

ڪٿان ٿو جي قلم، تا جوش کان جنبان رهي ٿو هٿ،
اکين جي اشڪباريءَ سان ٿئي ٿـو تربتر ڪاغذ.

گهڻي مدّت کان دل جو درد، جو پنهان اثر دل ۾،
ڪريان اظهار ها ليڪن ڏسان ٿو مختصر ڪاغذ.

لکان ٿو حال فرقت جو مگر ان جي گواهي لئي،
کريان ٿو سرخ ساروئي منجهان خونِ جگر ڪاغذ.

ڏسي هن دردنامہ کي ڏئي من دوست دلداري،
وسيلي وصل جي ڪارڻ لکي ارسال ڪر ڪاغذ.

پڙهي "تارڪ" سندو ڪاغذ، لکيو دلبر جواب ان جو،
"اسان جي دل ڪنڊيل توساڻ آه رک پنهنجي گهر ڪاغذ.

•

مصرع طرح: "قند و نبات شهد کان تنهن جو دهن لذيذ"

تنهنجي ڏسڻ بنان نہ لڳي ٿو چمن لذيذ،
تو ساڻ رهڻ بنان نہ لڳي ٿو وطن لذيذ.

آسيد عيش وصل جي دل مون تئي وڃي،
تنهن لاءِ منهنجي دل کي ٿيو رنج و محن لذيذ.

جي جان تن ڏيڻ سان ٿئي يار جو ملڻ،
عاشق نہ آه چاٿي ٿو جو جان تن لذيذ.

قد و رخِ صنم جو پيا ياد باغ ۾،
دل منهنجي چاتو ڪوئي نہ سرو سمن لذيذ.

درگاه عشق سان جتي محنت کي مانُ آه،
ڻاکڻ جبل جو چاٿي ٿو ات ڪوهڪن لذيذ.

جي جام بيخودي پيئن پيرِ مغان وٽان،
دنيا جو لڳئي ڪينڪي هي پاڻي آنُ لذيذ.

همسايہ جي سچي ڏسي، هڪ نا ٿڪر گهرانس،
اهڙو ٿو چاٿان پنهنجي مون مانيءَ جو آنُ لذيذ.

زلفن جي بوسہ مون چا ڀلا لطف کي اچي؟
آهي چکڻ ۾ ڪينڪي مشڪِ ختن لذيذ.

جڏ ”وابتغوا اليہ“ وسيلو چيو خدا،
تڏ ذوق اثر بندگيء پنجتن لذيذ.

مان هڪ نہ ٿو چوان هئن شاعر ٿا سڀ چون،
”قند و نبات شهد کان تنهنجو دهن لذيذ“.

رب جو قسم تہ تنهن کان تون صد بار آنءُ منو،
آه جيترو تونگر کي پنهنجو ڌنُ لذيذ.

ڇو ٿا اجايو مغزخوري شاعرو ڪريو؟
اڄ خلق ۾ تہ شعر سندو ناه فن لذيذ.

ڪاٿي اکيون، جي شعر اوهان جي تي ڪن نظر،
اڄ ڪونہ ڄاڻي شعر کي ٿو ڪوئي ڪن لذيذ.

عشقِ خدا جي بوءِ تہ پي ٿي اچي منجهانس،
توڙي چوي ٿو ڪين ڪي ”تارڪ“ سخن لذيذ.

ردیف "ر"

حسن يار آه تہ گلدستهٔ گلزار بهار،
عشق ان جو آهي چڻ صورتِ گلنار بهار.

هر شڪن ڪاڪل مشڪين سندو خوشبوءِ جي سبب،
آه لاريب صفت نافهءِ تاتار بهار.

تو رکي فتنهءِ ايام کان وڌ فتنہ گري،
چشمِ فتان جو آهي نرگس بيدار بهار.

سرِ دست دو پا سرخ حنا چيوم ڏسي،
"هي کليو باغ سراپا ۾ تہ اسرار بهار."

هڪ نگہ سان ٿو ڪرين بلڪل بي هوش وحواس،
چشم تنهنجي آهي هڪ ساغرِ سرشار بهار.

حسن تنهنجو آهي هڪ باغ صباحت جو چمن،
سارو اسرار بهار آه، سو انوار بهار.

ڏسي هن شوخ سندو عارضِ گلگون "تارڪ"،
بيخودانہ ٿو پڙهي پرت مؤن اشعار بهار.

تنهنجي تابان روءِ تي صدتاب ماه و خور نثار،
تنهنجي زلفِ مشڪبو تي طبلهءِ عنبر نثار.

سلڪِ دندان جي صفائي ۽ ڏسي همواري،
ٿو ڪري بحرِ عدن عقدِ دُرّ بهتر نثار.

تنهنجي لالا لب کان لالا ٿي گذاري داغدار،
ٿو ڏئي ياقوت مرجان ۽ گل احمر نثار.

مرده دل کي ٿو روان بخشي تبسم تو سندو،
تنهنجي شيرين گفتگوءَ تي صد قدح ڪوثر نثار.

قد رعنا جي مٿان سروِ خراسان سر فدا،
نقش پا تؤن معدنِ گوهر ۽ ڪانِ زر نثار.

آن صنم دلبند جو "تارڪ" گهرين ٿو جي ملڻ،
عشق ان جي ۾ جگائي ڪر تون اول سر نثار.

•

صنعت ردالعجز علي الصدر

[جيڪو لفظ صدر يعني پهرين مصرع جي پهرين جز ۾ آندو وڃي، اهو ئي عجز يعني ٻئي مصرع جي پهرين جز ۾ اچي ته ان کي ردالعجز علي الصدر چيو ويندو آهي.]

بار تنهنجي بره کان دل بار بار،
ٿي نزار آهي، روئي ٿي زار زار.

وار هڪ ناهي تفاوت تنهن اندر،
جو ٿو ساري تو کي منهنجو وار وار.

خار آهي بي الف جانان رقيب،
جنهن کان آهي عاشقن کي خار خار.

مار مار آهي ڳليءَ تنهنجيءَ ۾ روز،
زلف جو ويٺو ڪري آه مار مار.

ٻار پهٽين جي سندس سرتي ٿي ٿئي،
تنهنجي ديواني کي ماري ٻار ٻار.

ڏار پائڻ سان ڪجل جي ڏو ڪرين،
درد وارن جون سريون، ڏڙ ڏار ڏار.

چار چشميءَ ساڻ هڪ تون ڏو ڏرين،
ره مسافر، پم پم، ٿي ٿي، چار چار.

تار "تارڪ" کي لڳي تن تو سندي،
تنهنجو ذڪر ان جي ڪري هر تار تار.

صنعت ترصيع

[جڏهن هڪڙي مصرع موزون ڪئي وڃي ته ٻي مصرع ان جي مقابل اهڙي ريت آندي وڃي جو ٻنهي ۾ ٻي مصرع جا الفاظ همقافيه هجن. ان کي ترصيع چيو ويندو آهي.]

ساقي شراب پيار جو آيو نظر بهار،
ڪو باده ناب ڏيار سوايو ڪو پر پيار.

دورِ قدح هلاءِ ته هر دل ٿئي در سرور،
شورِ قدح سڻاءِ ته حاصل ٿئي خوش خمار.

سرشار ڏي پيالہ تہ ميخوار ڪن خوشي،
گلزار تي آ ڙالہ گُهَرَبار بار بار.

نسرين، سمن جي روءِ منوّر ڪيو چمن،
رنگين گلن جي بوءِ معطّر ڪئي جان راز.

آغوش ۾ صنم ٿيو، در دست جام مئي،
۽ جوش ۾ هي خم ٿيو سرمست باده خوار.

پُر نور نور روءِ ٿي رهي ساغر جي باده جي،
پر پور جوءِ ٿي وهي عرعر جي درڪنار.

"تارڪ" ڪلام ۾ تون رکج صنعت عجيب،
هاتڪ نيام ۾ تون رکج تيغ آبدار.

•

جوڀن جمال تنهنجي مؤن پيدا بهار عمر،
گل حسن تنهنجو آه مٿي شاخسار عمر.

تنهنجو رخِ منوّر ۽ ڪاڪلِ سياه،
آهين عاشقن جا ليل و نهار عمر.

هوندي حياتي توکي جڳائي ملڻ پرين،
جو ڪين آه عاشق پاپائدار عمر.

هڪ دم جنهين ۾ تنهنجو ميسّر ملڻ ٿئي،
آهي هزار بار چڱو کان هزار عمر.

خاڪِ لحد سندم تي به پيدا ٿيو نقشِ چشم،
منجهه انتظار تنهنجي ٿيو هي افتخار عمر.

اي نازنين جي ناز مؤن هڪڙي نظر ڪرين،
ان ناز جي نگاه کان چاڙهان قرار عمر.

جيتوڻي عمر تي وڃي عاشق رهن پيا ٿا،
تہ بہ آه فنا پذير هي نقش نگار عمر.

”تارڪ“ سخن سراءِ جو حافظ ڏسي چيو،
”اين نقش مانداز قلمت يادگار عمر.“

•

صفت ذو قافين

[شعر ۾ هڪ کان وڌيڪ قافيا آندا وڃن، تہ ان کي ذو قافين چيو ويندو آهي.]

سر ڏئي جن سر سمجهيو، سي سدا سردار سر،
بي سرن جي صف اندر سي ٿيا چڙهي بردار بر.

پوءِ خبر ڏي خيال جي ڪر ”من خدايم“ جي بحر،
شاهدِ قالِ خود اوّل پنهنجا تون ڪردار ڪر.

مفت فرصت ۾ ڪرين جي معرفت حق جي حصول،
پاڻ پياڻيءَ ۾ نه ڀوڙين پنهنجي ڪر واهار ور.

دل سندي بستان سندو جي دُرِ ڪلڻي ديدن مٿي،
ڪين وٺيءَ سير جي لئي تون ڳهمين گلزار گر.

ترڪ تن ڪر تات ڪي ٿيءَ ديد منجهه ديدار حق،
ڪين حائل ٿي سگهي ڀوءِ پردهِ ديوار در.

”وهو معڪم اينما ڪنتم“ بدج هيءُ قول تون،
پنج پياڻيءَ ۾ نه تون، ڊج ڪين ڪنهن ڏهڪار ڏر.

خاڪ جي من ۾ لڪي نا آفتابِ تيز تاب،
ڪين ڪجهه پنهان رهي، منجهه پردهٔ زنگار زر.

ڏس تون ”تارڪ“ ڪيئن منزه ٿيو مشبه ۾ عيان،
بادشاهِ ملڪِ ڪونين ٿو ڪري پينار پر.

●

چو اڙيو عالم ۾ آهين، خيال ڪي عرشين آڌار،
تون ’علي العرش استوا‘ آهين زمين تي نا گذار.

عرش و ڪرسي انجم و افلاڪ تنهنجو سير آه،
لامڪان ۾ ڪر مڪان، ڪون و مڪان ڏي نانهار.

صورتِ خاڪي پسي پائنج نه پنهنجو پاڻ جسم،
خيال ڪي چائج خدا، ٿي بيخوديءَ ۾ خوش بهار.

تون خدا آن، تون نبي آن، تون ولي، تون دستگير،
آهين تون ’سرِ علا‘ اسفل اندر ڪر نا قرار.

”وهو معڪم اينما ڪنتم“ تون وچ ۾ ڪين آهي،
ري وجودِ ذات مطلق ناهه پيو ڪي آشڪار.
صدق سؤن ”تارڪ“ ”انا الحق“ ڪلمي تي ايمان آڻ،
ڇڏ خوديءَ جي خيال ڪي ٿي عشق ۾ منصوروار.

●

ڇيو ٿي همسايه ته هجر دلبر ۾ ڪين اهل بڪا، بڪا ڪر،
نه پنهنجو سائي غم والم ڪر، نه ساڻ دافع عنا عنا ڪر.
گهٽائي ڦاسيءَ ۾ جنهن جي ڦاسن ٿا ڪين ڦاسڻ سان ڪن ٿا ڦٽڪا،
تون شوخ اهڙو نه خوشنمائي ۾ خوب زلفِ دُوتا دُوتا ڪر.
اجايو شاهي وزيري جي ٿو رکين تمنّا و حرص بيحد،
ٿي با قناعت ۽ فقر وارو ڪڏهن نه دل ۾ هما هما ڪر.
ننڊو جي آهين ته فڪر ناهي وڏن جون رهڻيون هميشه هٿ ڪر،
وڏو نه ٿيندين منجهان وڏائي، وڏائي ڇڏ، ڪم وڏا وڏا ڪر.
پروڙي فرقِ مراتب اول، لڳاءِ دل ڪي پيو ياد حق ۾،
ڀلا ڀلا ڪر، ڀلا ڀلا ڪر، ڪڙا ڪڙا ڪر، مٺا مٺا ڪر.
سگهو پيار بن شراب صافي، جو ساقي ميخوار سي گهرن ٿا،
ته آهه فصلِ بهار آيو ڪو جام خوشتر عطا عطا ڪر.
جڏهن وڃائين وجود پنهنجو ۽ بود پنهنجو، نمود پنهنجو،
پر مثلِ منصور بنجي بيخود، ڀلي پيو نت انا، انا ڪر.
سڏن ٿا بزم سخن ۾ توکي، سخن جا پرور، سخن جا گوهر،
اتي اي طبعِ رسا، رسا ٿي، سخن عيان تون سنا سنا ڪر.
نه آهه زاهد تون ريش فش ڪي، لڳائي مندي، بنائي ڳاڙهو،
انهيءَ ۾ رندن جي قتل جو آهه رت نه تنهن کي حنا حنا ڪر.
ڇڏي خوديءَ کي اصل ٿي بيخود، خدا نه ”تارڪ“ خوديءَ ۾ ملندو،
”خدا جا بندا خدا خدا ڪر، خدا جا بندا خدا خدا ڪر.

•

بزم مشاعره حيدرآباد ٢٠- مئي ١٩٣٧ع

مصرع طرح: "شبِ فرقت جي اي مولا سحر ڪر"

الاهي آه منهنجي ۾ اثر ڪر،
"شبِ فرقت جي اي مولا سحر ڪر".

نه ڪر خلدِ برين جي ڪا تمنّا،
ڳليءَ ۾ دوست دلبر جي بسر ڪر.

قدِ دلبر سان مت ناهي صنوبر،
نه منجهه تشبيهه ماڏهوءَ سان شجر ڪر.

سندس جلوو آ تنهنجي ڪنج دل ۾،
نظر ڪي نا طرف ديوار و در ڪر.

وڃي منجهه هيڪڙائي محو ٿي رهه،
دوئي جا دور سڀ خوف و خطر ڪر.

رهي وحدت ۾ ڪثرت کي ڇڏي ڏي،
ڇڏي جنّت کي دوزخ ۾ نه گهر ڪر.

بهار آيو چمن ۾ ڇهڇٽو آ،
شرابِ ناب سان لب پنهنجا تر ڪر.

رقيبن جي گلا عاشق ڪرين ڇو؟
نه لائق ٿئي پرائي ڪا پچر ڪر.

سندءِ هردم وڏي ٿيو مرتبي سان،
انهيءَ سان ڪين مٽ دُرّ و گُهر ڪر.

پوي فتنو جي ڪاهي ڪو وطن ۾،
جڳائي تان اتان نڪري سفر ڪر.

رديف "ڙ"

اڄ پرين واڳ ڪا ملڻ جي موڙ،
اڄي منهنجي اڱڻ تون خيما ڪوڙ.

ڪري ويس ۽ وڳا سڄڻ سائين،
سُهڻ سڪ ماڻ يار سه سڪ چوڙ.

قاصدا! اهڙو پڌ تون ڪاغذ ڪي،
جو نئي نازنين جي اڳيان چوڙ.

دلربائي سان دل ڪي ڦاسائي،
بيوفا پوءِ نه نينهن ناتو توڙ.

اشڪباريءَ سان نالهء و افغان،
آه برسات سان شامل ڳوڙ.

ناصحا! نيت دل ڦرائي تو!
هاڻ پنهنجي ڪيئي جو ڪيتو لوڙ.

پاڻ ۾ ڀيچرو پنهل جو ٿي،
ڪين سسئي وچي وندر ۾ ووڙ.

تڏهه آرام وصل جو ملندءِ،
پرت ۾ پاڻ پنهنجو خوب پتوڙ.

ناز وارن سان تو جڳائي نياز،
"تارڪ" ان شوخ ڪي ٻئي هٿ جوڙ.

•

جت جلي شمع لقا تائي پروانہ سڙُ،
خاڪ ٿي پوءُ پاڪ تون جنهن تي پوي پوش پڙُ.

عاشق جا استخوان درد جي دانهن سان پُر،
خاڪ لحد جي اندر ائين ٿا وڃن جيئن نڙُ.

راه محبت ۾ گام ڪڻ تون سدا شوق مؤن،
پهچندين تنهن پر جڏهن ڪانهين رهندين نہ آڙُ.

آهي هي افسوس جو عاشق ناچاڪ ڪان،
ڪڏ نہ پڇيءِ اي پرين تا آهين ڪي چاڪ پڙُ.

تار نفس ڪي وڃاءِ محو ٿي اندر سماع،
وجد ۾ رقصان رهي روح محبت ۾ رڙُ.

ڪيئن سهي دلڙي سندم تا پرين مون هٿي پري،
ڪو نہ ڪو پنهنجو گهري تا ٿي جدا سر ڪان ڌڙُ.

عشق جو اوپڙ ائين دل ۾ وڏي ٿو وڃي،
هيڏي هوڏي ٿو هٽي پنهنجي جٿن ڀاڙ ٻڙُ.

هجر سندو زخم جنهن، چو نہ سو داهون ڪري؟
ٿو رهي نالان سو ڪئن جنهن ڪي فقط آه ڪڙُ.

صلح سندو ساءُ چڻ سير بهشت آه ڪرڻ،
تيز نہ دوزخ ڪي ڪر پاڻ تي ڪنهن سان نہ لڙُ.

"تارڪ" تي دربدر سير نہ ڪر حسن جو،
لالہ رخن جو ڏسي لنگهہ وڃي ويهہ تڙُ.

•

ٻره جي بستان ۾ لاهي پرده اي گلرُو نڙُ،
يا تہ ٿي مه آسمان جي بام تي تون خوب ڪڙُ.

جي چريو ڪي پي چوي ويچائي سيالو دل ۾ سو،
چئي رقيبن جي لڳي، چنچل عشاقن تي نـہ چيڙ.

خنجر چشم صنم جا جي شهيد آهن ٿيا،
تا قيامت تن جي ماتم لاءِ تائم رهندو پيڙ.

حال دل تنهنجي اکيان ظاهر ڪريان مون سر بسر،
هيڪواري ڪاٿهين نالي خدا مون سان ميڙ.

وضع رندانہ جڳائي جا رکڻ منجهہ ميڪده،
سا سکڻ لئي "تارڪا" پير مغان جي کول ڪيڙ.

●

صبر ڪر ناصح سکهو هي لاه لڙ،
ڇڏ نصيحت ڪي خدا جي نانءَ مڙ.

بوسہءِ لب جي حلاوت ڇا چوان!
ڪئن مٺو چوندو جي گونگو کائي گڙ.

دانہ آهيون گردش اندر آسيا،
جنهن جو ڌرتي آسمان هرهڪ ٿيو پڙ.

ڪين ايندين تہ بہ ڪبي توکي دعا،
تا سدا جاني تون پنهنجي جاءِ جڙ.

حلقہءِ وحدت کان ٻاهر پا نہ پاءِ،
شاخ ڪثرت تي نہ وڃ ڇڏ ڪير ٿڙ.

مهر جي اميد مهرويان ۾ ناه،
پنهنجي مطلب جي اٿن هيءَ لڙه وڙ.

نالہ ريءَ نيٺن ڪيو آڪم "تارڪ" آه،
جئن وسي سياري سندو ريءَ گاج جهڙ.

•

وڏي شل سدا ور ه وارن جي ويڙ،
الڏهي پري تائين تنهن کي پڪيڙ.

خبردار! تن تي ڳران جان نه ٽي،
نه مستن تي عقلي قصا آئي چيڙ.
سدا محو منجهه حيرت و عبرت گذار،
پسي واقعاتن تي واچون نه نيڙ.
هي بازار جڳ لئي خريد و فروخت،
ڏئي نقد مالِ محبت کي ميڙ.
آهي هرڪو پنهنجي نفس ۾ خفي،
اي زاهد تون مستن تي دوڙا نه ٽيڙ.
وٺي ساهه هڪوار ڏس صلح جو،
وٺي وڻي جي "تارڪ" پوءِ ڪنهن سان نه جهيڙ.

رديف "ز"

سندء زلفن اکيان زنجير عاجز،
اکيان پيکان پنهنجين تير عاجز.

کمندِ زلف جانان صيد افگن،
ڏسڻ جنهن جي ٿئي نخچير عاجز.

اکيان رائي سجڻ جي راه عاشق،
جيئن تقدير کان تدبير عاجز.

جمالِ بي نشان جي کيئن کڍي سو؟
ٿئي 'ماني' ڏسي تصوير عاجز.

نه تنهنجو حسن محتاجِ بيان آه،
زبان منهنجي اندر تقرير عاجز.

خراب آباد آه دنيا ٿي فاني،
رهين چو ان جي منجهه تعمير عاجز؟

هي آهي عالم بيداري پي خواب،
معبّر آه منجهه تعبير عاجز.

رخِ زرد آهي عاشق جي نشان جو،
هميشه تو رهي دلگير عاجز.

رخِ پرُنور جانان آه قرآن،
مفسّر ان جو منجهه تفسير عاجز.

زجوشِ طبع ڏس آهي روان ٿيو،
اگرچه ڪيو قلم تحرير عاجز:
هي "تارڪ" آهه سگ دروازي ان جو،
جڏن ڪيئن شبّر و شبّير عاجز.

●

حسنِ لطيف تنهنجو جلوه نما ٿيو شب روز،
وه وه ڏيئن ڏيکاري هر جا بجا ٿيو شب روز.

صورت سچن سينگاري، ناز و ڪرشمه واري،
وارڻ هزار واري، عاشق فدا ٿيو شب روز.

پردو عدم جو لاهي، دلبر ٿيو ظاهر آهي،
نورِ لقا کان هردو جڳ پُر ضيا ٿيو شب روز.

محبوب مهرور ٿيو، هر جاءِ جلوه گر ٿيو،
'عين اليقين' سان ره محوِ لقا ٿيو شب روز.

مطلب مڙئي ڇڏ ڇڏ، ذوقِ عدم سان اڏ گڏ،
آرام گاه تنهنجو بحرِ فنا ٿيو شب روز.

"تارڪ" مثالِ بلبل، رک تازه پنهنجو غلغل،
بادِ بهار کان خوش باغِ بقا ٿيو شب روز.

●

عشق ٿيو اظهار منجهه راز و نياز،
عاشقن کي نياز معشوقن کي ناز.

بلبلن جا ٿيا گلن تي چهچها،
شمع تي پروانه کي سوز و گداز

سج طرف سورج سندي هردم نظر،
چنڊ سان آهي چڪوريءَ روح راز.

قيس ليلي ڪوهڪن شيرين ٿيو،
وامق ۽ عذرا ٿيو محمود ۽ اياز.

ٿيا ڏسڻ ۾ ناظرو منظور ٻه،
ليڪ هڪ آهي حقيقت ۽ مجاز.

ٻره جي ٻهره جو "تارڪ" سائل آ،
بخش تنهن کي ياشهِ بنده نواز!

•

پري جام بيخود پياري مجاز،
ٿو مشتاق ماريون جياري مجاز.

حقيقت جو کولي ٿو در تنهن مٿي،
جفا ڏئي جنهين کي ڏکاري مجاز.

ڪٿائي چڏي تخت شاهيءَ تؤن هٿ،
مٿان ڪٽ هٿي پٽ وهاري مجاز.

ٿو ٻوڙائي صنعان جيئن نام ننگ،
نہ نيڪيءَ بديءَ ڏي نهاري مجاز.

ڪري خاندانن جا خانا خراب،
سيئي واسطا ٿو وساري مجاز.

اي "تارڪ" آهي صيقلِ تيغ دل،
ملڻ سان اندر کي آجاري مجاز.

•

ڀڃي جسمي قفس ڪر جلد پرواز،
آهين عرش آشياني جو تون شهباز.

قبا ڪثرت سندي ڦاڙي ڦٽي ڪر،
وڃو وحدت جو ٻهري ٿي سر افراز.

رڪين جي ڏيان دل اندر پڌين تون،
پوئي "ارجعي" جو ڪن تي آواز.
بظاهر جي جدا آهين هم ڪسان،
بباطن سڀ سان تون همخانه همراز.
سچائي "سرّ بسطامي" صفت جي،
تہ "تارڪ" تنهنجو اعلىٰ آه اعزاز.

•

مصرع طرح: "هو تُو رهي اغيار سان همراز شب و روز"

هو تُو رهي اغيار سان همراز شب و روز.
عشاق سان نئو نئو تُو ڪري ناز شب و روز.

آواز انهيءَ جي ۾ رهان مست تُو بالڪل،
سيني ۾ وڃي سڪ سندو جو ساز شب و روز.
پهچي نہ جتي جنّ ملڪ تُو وڃي اتهين،
هي دل جي پکيءَ جو ڏسو پرواز شب و روز.
اي مدّعي تون تاب قيامت نہ ڪو ڏسندين،
گهولين جي سندم يار جو انباز شب و روز.
تُا طالبِ ديدار رڪن بي سروپا تي،
ميدانِ محبت ۾ تڪ و تاز شب و روز.
رسوائي جهان ڪرّم تبيلي ۾ محقرّ،
آهي تہ اجها عشق جو آغاز شب و روز.
جي منهنجي ڏسين درد جو دفتر تہ وليءَ ڪين،
هي جو تُو وليءَ قصہءِ ممتاز شب و روز.
پانيان تُو منصور جئن مارائيندو مون کي،
تُو دل مون "انا الحق" اچي آواز شب و روز.
آخر سو اچي چنگل ان جي ۾ پکي دل.

•

صفت سجع

[سجع جي لغوي معنيٰ آهي خوش آواز. اصطلاحي معنيٰ موجب شعر ۾ اهڙا لفظ استعمال ڪرڻ، جن جي ٻڌڻ سان ڪنن تي بار نه پوي، بلڪ وڏيڪ حظ حاصل ٿئي.]

محبوب منهن پسايو، مخمور چو نه ٿيندس،
چيٽڪا ڪين چلايو، چڪچور چو نه ٿيندس.

اچي عشق آڳ لائي، وائي ٻي ڪل وڃائي،
ساقيءَ ڏني سوائي، ڀرپور چو نه ٿيندس.

ظاهر ٿيو حسن ذاتي، صورت منجهان صفاتي،
پيارل جو پاتي جهاتي، وهلور چو نه وڃندس.

ڇڏيا عشق خوف لاهي، هي سر اڏيءَ تي آهي،
سوريءَ جي نيندا ساهي، منصور چو نه ٿيندس.

ڪيو قرب تنهنجي ڪشفي، نه ته محو هوس مخفي،
"تارڪ" ڪيو نينهن نجفي، مشهور چو نه ٿيندس.

•

آهي وري گهلڻ ٿيو باد بهار مس مس،
يعني اچڻ لڳو آه دلدار يار مس مس.

ڪان اصل عاشقن سان لاغرض رهندو هو ڀر،
هاڻي حيا ڪيائين لاٿائين عار مس مس.

جنهن جي غم جدائي ڪئي جان دل فنائي،
سو ساڻ خوش ادائي ڏئي ٿو پيار مس مس.

جو پنهنجي گهر کان ٻاهر پائيندو پير ناهو،
پر هاڻ سو وڃڻ ٿيو آهي ٻزار مس مس.
”تارڪ“ جنهين جي سڪ ۾ وئي عمر منهنجي گذري،
سو هاڻ مون کي چاڻي ٿو دوستدار مس مس.

●

عاشق سنڌ جي ناڻ چون ٿا جنون اٿس،
يا ڪنهن پري جمال جو سحر وفسون اٿس.

سو ڪين آه عاشق جانباز سرفروش،
منجهه هجر ۾ جو حاصل صبر و سڪون اٿس؟

ڇا محتسب نهارين ٿو عاشق جي جام ۾؟
مئي جي بجاءِ پر يل آهو ازا شڪ خون اٿس.

ويندي مليوم واٽ تي آهو سياه چشم،
دل لاءِ دلربائي جو بدشگون اٿس.

”تارڪ“ ره محبت ۾ ڪيئن پوي اڙي،
جو رهنمائي عشق سدا رهنمون اٿس.

●

يوسف نه هو تو جيهڙو ڪنعان ۾ جي ويس،
تو جهڙي پري ڪانه پرستان ۾ جي ويس.

اي سرو سهي تنهنجي بلنديءَ جي برابر،
آئي نه نظر نخل گلستان ۾ جي ويس.

لالي کان لبن لعل بدخشان کي ڏنو زرد،
ني مهر صفت ڪان بدخشان ۾ جي ويس.

هٿ ورتو نہ تو واري وهارڻ جي ڪان منهنجو،
ٿي رنج تو ڪان ۽ اٿي ارمان ۾ جي ويس.
بيداد بتن جي ڪان ٿيو اسان نہ حاصل.
”تارڪ“ مون عدالت گهہِ سلطان ۾ جي ويس.

●

ڇڏيم هي جسم جي فاني تہ سارو ساهہ ٿي پوندس،
سرا پرده عدم جي راز ڪان آگاهہ ٿي پوندس.

سهارِ تار زلفِ مشڪبو جي راهرو آهيان،
ڇڏيم هٿ ڪان جي هي رشتو تہ پوءِ گمراهہ ٿي پوندس.

سڄڻ جي سوز فرقت هڻ جي ساڙي منهنجي جان ۽ دل،
جلي ان جوش ۾ سارو سراپا آهہ ٿي پوندس.

جڏهن هي ترڪ ٿي ويندو سروسامان هستيءَ جو،
بصدرِ نيست ٿي آزادي، بي پرواهہ ٿي پوندس.

غبار خاڪ لٿيو آهہ منهنجو گوهرِ ذاتي،
غبار تن ڪان ٻاهر ٿيس تہ روشن ماهہ ٿي پوندس.

سڄڻ جي قدِ بالا ڪان سندس همت بلند آهي،
ڇڏيان ڪيئن دوست دامن مون تہ پوءِ ڪوتاهہ ٿي پوندس.

شرارِ آتشِ عشق آهيان اندر خاڪ دنيا جي،
وسيلي واوَ وصلت سان دُکي آڙاهہ ٿي پوندس.

جڏهن ”الموت جسر“ آهي تڏهن ناهي مرڻ جو غم،
فنا في الله مون ”تارڪ“ بقا بہ الله ٿي پوندس.

●

هي حال دلِ زار سندو يار کي چوندس،
جو درد ڪيو مون سان سو دلدار کي چوندس.

جي قسمتِ فرخ ڪان ويس يار جي اڳيان،
بيمار دلِ زار جي آزار کي چوندس.

سارو ٿي بيان تنهنجي سراپا جي صفت جو،
منجهه موسمِ گل جي وڃي گلزار کي چوندس.

دل ۾ نه ٿو ماپي جو هي دردِ دلِ خسته،
سو داستان هاڻي در و ديوار کي چوندس.

تعريف سندءِ رخ جي ۽ زلفن جي، اکين جي،
گل، سنبل ۽ نرگسِ بيدار کي چوندس.

ابروءِ سندي تلوار جي برش سندي توصيف،
ايران ۾ وڃي خنجر و تلوار کي چوندس.

بيداد بتن جي ڪان نه ملندو ڪو ڪٿي امن،
هي حال اگر وقت جي سرڪار کي چوندس.

"تارڪ" ٿو رهي بحر سخن برسرِ طغيان،
بيخود ٿي انهيءَ شوق ۾ اشعار کي چوندس.

●

ذات بيرنگي صفت ۾ خوب لايو رنگ رس،
آهه ادا عاشق نظارو "ثم وجه الله" جو بس.

ماه ڪان ماهي تائين صورت سڄڻ جي جلوه گر،
جاءِ مظهر حق سندو خار و گل و خاشاڪ خس.

سؤ وڳا لنڪ ويس ڀهريندڙ سهڻي جو آهه هڪ،
قاضي و مفتي ٿيو جلاد ٿيو مير عسس.

”ڪُلّ شيءِ هُوَ“ سند و جي ڏيان تيءِ دل ۾ درست،
آ جو شهباز سو زاغ و زغن سوئي مگس.

عاشقن اڳيان تون ”تارڪ“ سِرّ حق اظهار ڪر،
عقل وارن جي اڳيان ڪر تون ڪان اهڙيءَ ہات بس.

●

جو هوڻ جي حبس ۾ آهه محبوس،
دولت محويت ڪان ٿيو مايوس.

جي تو الله کي ڪرين اثبات،
تي لباس فنا اندر ملبوس.

عاشقن پاڻ کي سچاتو پاڻ،
آهه برعڪس عبديت معڪوس.

رک ”همه اوست“ وارو چاڻ پڪو،
آهه معلوم جو سوئي محبوس.

ڪيو صفت ۾ ظهور ذات ائين،
شمع روشن ٿي جئن اندر فانوس.

منجهه تصوّر جمال ذاتيءَ جي،
دور ”تارڪ“ نه ره تون ٿي مانوس.

●

[در صنعت لزوم مالايلزم يا التزام]

[هن صنعت ۾ شاعر هڪ امر يا چند امور، جيڪي غير ضروري هجن، غزل يا قصيده وغيره جي هر شعر ۾ التزام ڪري.]

عاشقِ صادق ادا انوار حسنِ يار ڏس،
يار ڏس، دلدار ڏس، ديدار ڏس، چوڌار ڏس.

شاهدِ بيرنگ ڏاڍي جوڙ سان ٿيو جلوه گر،
هار ڏس، سينگار ڏس، گفتار ڏس، رفتار ڏس.
ڪيو ظهورو ذات بيچون هر صفت هر شان ۾،
خار ڏس، گلزار ڏس، اشجار ڏس اثمار ڏس.
عاشق و معشوق جي اولي چلي ڇا چال ٿو،
زار ڏس، بيمار ڏس، بيزار ڏس، ۽ عار ڏس.
هو طرح ۾، هر نموني، هر تماشي طور ۾،
سر ڏس، انوار ڏس، اظهار ڏس، آثار ڏس.
جي گهرين اثبات جي توصيف تا "تارڪ" سندو،
آر ڏس، اقرار ڏس، انڪار ڏس، اشعار ڏس.

•

واه صورت جو ڍڪيو لالن لباس،
منجهه نظاري عيد ڪئي عاشق اداس.

آه 'انفسڪم' اشارو ٿي عشوق،
هن سنهي جي هڏي ٿي دور ياس.
عاشق و معشوق جي صورت منجهان،
پنهنجي ٿيو سو پاڻ رکندڙ پرت پياس.
هر دو عالم جلوه گاه آهي سندس،
ڪاٿي اميدن پريو ڪاٿي نراس.
ذات اعليٰ ٿي منزه بي نشان،
بر تر از ادراڪ افڪار و قياس.
ساقيا! جامِ شرابِ عشق سان،
نفي ۾ ڪر تون هوڻ "تارڪ" جو ناس.

•

مصرع طرح: ”هڪ برگ گل ڪريو نه جتي هو سندم قفس“

”هڪ برگ گل ڪريو نه جتي هو سندم قفس“،
قسمت ۾ منهنجي اهڙو لکيل هو بهار بس.

ساقي به آهه، شراب به آءِ، فصل گل به آهه،
ابرِ بهار محفلِ رندن تي هاڻ وس.

تقوىٰ و زهد ٿيهين ورهين جو تو ڏيان،
هڪ جام مئي جي لاءِ ڏيو ميخانه جو ڪو ڏس.

ڪيو عشق اهڙو مست جو منهنجو سخن ٻڌي،
مستانه وش مچيندو پيو عاقل نه چوندو جس.

راهِ دراز، بار گرو، پا پياده مون،
خضرِ طريق وقت مدد آهه جلد رس.

پر پٽ الائي توکي ڇا اغيار ٿا چون؟
هڪ وار آءُ يار سندم حال زار پس.

بد اصل نيڪ صحبت مون ڪين ٿي چڱو،
جي باز ساڻ جالي نه ٿيءُ باز ته به مگس.

تنهنجي لبن تي ميل ڪري ڪيئن نه دل سندم،
ظاهر ٿو ڏسجي، ٿي اچي شڪر مٿي مگس.

خط ڪو نه ڪو لکين ٿو ٿيا ڏينهن ڪيترا،
ڪاغذ مهانگا ٿي ويا يا ٿي مهانگي مس؟

آگاه ڪن ٿا ڪوچ ڪان غفلت گزيده کي،
هن قافلهٔ جهان ۾ ٿيا اهل دل جرس.

خانو خراب هوءِ ملڻ جي اميد جو،
جو ٿي وڃي اچا نه، ٿيو آخرين نفس.

ناهي ڪا فاتحہ جي ضرورت مون کي ادا،
منهنجي وڃاءِ قبر تي ڏهلن جو آئي دس.

ميءِ نوشي منهنجي ڄاڻي ٿو خود بادشاه دين،
ناهي ڪو مون کي فڪر جي ڄاڻي ڪٿي عسس.

گلدستهٔ معاني ٿيو "تارڪ" سندو سخن،
بيهوده نڪتہ چين ٿو ڪڍي تنهن مون خار خس،

رديف "ش"

کرن ٿا نازنين حسنِ ڪمال جي ڪوشش،
۽ ڪن ٿا تازه رکڻ خط خال جي ڪوشش.

رسائي ڪين ٿـي وصفِ ڪمر چوڻ تائين،
ڪيم اگـرچـه گهڻوئي خيال جـي ڪوشش.

هلي نه عشق جي اڳيان ڪا عقل جي تدبير،
پڄي نه همّتِ مردن سان زال جي ڪوشش.

لـڱـاءِ سيم بـدن جـي هـوا ۾ سيم و زر،
اجائي ڪر نه تون دنيا جي مال جي ڪوشش.

رهي ٿو جيڪو ني پنهنجي ڪمال ۾ ڪوشان،
اهائي ڪوشش ٿيندس زوال جـي ڪوشش.

پڄي سگهيو نه سندم تير آه جو بـه نشان،
ڪيم دورنگ فلڪ سان جمال جي ڪوشش.

اسان جـو مذهب آزاد ڪفر دين ڪـان آه،
ڪريون نه ٿا ڪا حرام و حلال جي ڪوشش.

تون شاه حسن جو ،ملندين گداگرن سان ڪيئن؟
تڏهين نه ٿا ڪريون امرِ محال جي ڪوشش.

اگـرچه "تارڪ" ڪيو نـاتوان سنده فرقت،
نه پي ڪري ٿو هو توسان وصال جي ڪوشش.

●

جو درد ۾ تنهنجي ڪري درمان جي خواهش،
پوري نہ ٿئي تنهن جي تہ ٿل جان جي خواهش.

هر اشڪ مسلسل ٿو سندم دُرِّ عدن ٿئي،
جو دل کي رهي ٿي دُرِ دندان جي خواهش.

تنهنجو جي لبِ لعل ڏسي مشتري ڪوئي،
مونکي نہ ڪري لعل بدخشان جي خواهش.

تنهنجي رخ مصحف جي مطالع ڪندي مون کان،
ٿئي ٿي نہ وري صورت قرآن جي خواهش.

ساقي ٿو ڪريان بيعت اچ دستِ سبو سان،
دل کي آهي پيمانہ سان پيمان جي خواهش.

هر ڪوئي ڇڏي خواهش اٿ پوري وجي ٿو،
پوري نہ ٿئي ٿي ڪنهن انسان جي خواهش.

جڏهين نہ رهيو خسرو و دارا و سڪندر،
تڏهين ڇا ڪجي افسرِ سلطان جي خواهش.

"تارڪ" نہ رهي خواهش ٻي آہ ڪا دل ۾،
جي آہ تہ هن درد جي ديوان جي خواهش.

●

[صفت لزو مالا التزام]

شرارِ عشق تنهنجي کان ٿيو سارو جهان آتش،
زمين آتش، زمان آتش، مڪين آتش، مڪان آتش.

تپِ فرقت کان سوزان آہ سارو جسم عاشق جو،
دل آتش، جان آتش، پهلو آتش، استخوان آتش.

ٿي لاشڪ سندم آه و فغان ڪان اڄ شبِ هجران،
ثري آتش، ثريا آتش و هفت آسمان آتش.

رخِ پرنور ساقيءَ جو پوي ٿو عڪس تڏ ٿئي ٿو،
قدح آتش، سبو آتش، شرابِ ارغوان آتش.

سراپا آتشِ بيدود آهين اي سندم مهرو،
لب آتش، عارض آتش، غبغب ۽ [آهي] ميان آتش.

سندءِ هر چال اي چنچل ٿئي آتش عاشقن جي لئي،
خطاب آتش، جواب آتش، تبسم گلفشان آتش.

سخن سارو سندم آتش، تڏهن "تارڪ" نہ ڪيئن ٿيندو،
ٿي طبع آتش، بيان آتش، قلم آتش، زبان آتش.

●

ساقي شراب عشق جو پرپور جام بخش،
محفل ۾ ميڪشن سندي عالي مقام بخش.

اثبات جي بهار ڪان ڪليو چمن صفات،
خوشبوءِ گلِ ذات ڪان مشڪين مشام بخش.

تاراج ملڪ دل ٿيو افواج عقل ڪان،
آئين شهرِ عشق سندو انتظام بخش.

هن نفس بد بلاڪيو پامال روح ڪي،
فرياد پڌ انهيءَ ڪان وٺي انتقام بخش.

خطرات ڏس روڻي جي لٽيو نور قدس ڪي،
آئينہءِ صفا از زنگ ظلام بخش.

ميخانہءِ صفا مون سلي جام حال وجد،
نشہءِ لقا جو ذوق پهر صبح شام بخش.

"تارڪ" جي التجا آهي شب روز در سندءِ،
مطلب سندس بحقِ دوازده امام بخش.

●

مصرع طرح:

"آهيان مون دل ڪان خوش ۽ دل آه دلربا ڪان خوش"

"آهيان مون دل ڪان خوش ۽ دل آه دلربا ڪان خوش"
يعني لقاءِ دل ڪانِ مون خوش دل بقا ڪان خوش.

خالي نه چاڻ زلف جي سودا ڪان مون کي تون،
توڙي مون آهيان نافهٔ مشڪِ خطا ڪان خوش.

منجهه عشق ان [illegible] مون سان رقيبن رکيا ٿي وير،
آخر اهي ٻه ڪين ٿيا ان بيوفا ڪان خوش.

ڇو ٿو طبيب ڏين تون دلاسا شفا سندا،
بيمار عشق جو نه ٿئي ڪنهن دوا ڪان خوش.

خوش دل نسيم زلف ڪان تنهنجي ڳليءَ ۾ آه،
گلشن ۾ جيئن ٿو گل ٿئي لطف صبا ڪان خوش.

بي اختيار توتي سندم آ دل جهڪن،
پوءِ ڪيئن نه ٿيندي تو سندي جور و جفا ڪان خوش.

ڪنهن وقت تنهنجي عشق ۾ نيڪيءَ ڪان خوش ٿي نه ٿيس،
هاڻي ته اهڙو آهيان جو آهيان گلا ڪان خوش.

بدنام، رند، مست، شرابي ٿيس اگر،
ته به آهيان شيخِ زاهد ڪان پارسا ڪان خوش.

اي مدّعي تون منهنجي سخن کي مچيندين ڪين،
تون آنهن خوش خوديءَ ڪان مون آهيان خدا ڪان خوش.

دل آه گرچه نقطهٔ موهوم ظاهرا،
وسعت ۾ باطنا رهي ارض و سما ڪان خوش.

SOORIH SINDHI ADAB

خوش ٿو ٿيان جي منهنجي گلا ڪو ڪٿي ڪري،
احمق نہ آهيان جو ٿيان پنهنجي ثنا کان خوش.

قاضيءَ سندو بہ نيست خدا ساڻ پوندو ڪم،
هت ڪينڪي سو پنهنجي ٿئي روئي ريا کان خوش.

تنهنجي فراق گرچہ آه غمگين ڪيو مون کي،
تہ بہ دل رهي وصل سندي مدّعا کان خوش.

تنهنجي گليءَ ۾ غمزه، کان منهن جي قتيل ٿي دل،
بيمار جي ڏسو نہ ٿيو 'دارالشفا' کان خوش.

منجهہ عهد تنهنجي ڪرڻ ٿو ڏسجڻ ۾ خوش اچي،
هڪڙو مون آهيان جيڪو رهان ٿو قضا کان خوش،

عاشق ڪي آه اسر بجا آٿو سنڌءَ،
اهلِ جهان ڪين ٿي تنهنجي رضا کان خوش.

نا مرد آه جيڪو نسا کان ٿي خوش ٿئي،
سو مرد آه جيڪو نہ ٿو ٿئي نسا کان خوش.

جن ساڻ هوندو يار بهر وقت هم رفيق،
سي ڪنهن طرح نہ ٿيندا ڪڏهن ماسوا کان خوش.

پنهنجي وطن کان ڪنهن کي بہ نفرت نہ ٿي اچي،
پاڻي کان خوش مڇي آه پکي آه هوا کان خوش.

تنهنجي گليءَ جو آهيان گدا، شاهي ڇا ڪندس؟
پاڇو اوهان جي پٽ جو آه ظلّ هما کان خوش.

آبِ صفا کان جيترو زاهد ٿو خوش ٿئي،
تنهن کان وڌيڪ رند شرابِ صفا کان خوش.

عاشق نہ ڪيئن رقيب کان رنجيده دل ٿئي،
هوندو ڪو اهڙو آدمي جو ٿئي بلا کان خوش.

خوش حال هوندو ڪو نہ سدا ڪو جهان ۾،
ڪو ابتدا کان رنج، تہ ڪو انتها کان خوش.

اي باغبان تون مون کي ڏسج ايترو ادا،
”هو گل رهي ٿو فصل بهار ان ۾ ڇا کان خرش؟

فرمايو يار جيڪو ٿيءَ قتل عشق ۾،
مون هوند تنهن کي خوب ڪريان خونبها کان خوش.

ٿو اشڪ سرخ منهنجو تہ مژگان مٿي رهي،
جو هو صنم ڏسان ٿو آه رنگِ حنا کان خوش.

پيو ڇا گهران خدا کان جي هڪ وار ٿيءَ ڪٿي،
سلطان دين و دولت جو مون گدا کان خوش.

هي ملڪ ميل سانوڻ ۾ گرچہ آه ويل،
آبادي ۾ آه لاڙ سري کان مها کان خوش.

”تارڪ“ سرِ مشاعره پڙه هي غزل عجيب،
سو ڪير جو نہ تنهنجي ٿئي طبعِ رسا کان خوش؟

[در صنعت لزوم مالايلزم يا التزام]

هر صفت ۾ ٿو رهي هر حال منهنجو يار خوش،
مست خوش، مدهوش خوش، هشيار خوش ميخوار خوش.

حسن جي انداز ۾ دلڙين لٽڻ لئي ٿو رکي،
ناز خوش، انداز خوش، گفتار خوش، رفتار خوش.

عاشقن ريءَ پي نہ ڇاتي ان سندي چالي عجيب،
طرز خوش، هر طور خوش، هر طرح خوش، هر تار خوش.

ڪفر دين جي ويس ۾ منظور هر دم تو رکي،
شرڪ خوش، توحيد خوش، تسبيح خوش، زنّار خوش.

ظاهر و باطن جي اولي آه "تارڪ" پاڻ خود،
راز خوش، اسرار خوش، اظهار خوش، آثار خوش.

●

پري ساقي ڏي جامِ جذبه و جوش،
ٿيان محويت اندر مست مدهوش.

نشي جنهن جي سون حاصل نيستي ٿئي،
وڃي هستيءَ سندو هڪدم هوش هوش.

ٿئي ڪو بيخوديءَ جو بره بيدار،
خوديءَ جو دور ٿي ڪل خواب خرگوش.

ڪيو آه جان بلب هن نيش هستي،
پياريو جلد نابوديءَ سندو نوش.

ڪٺي ڏي نيڻ "تارڪ" کي پيالو،
ٿي جنهن جي نشي کان خود فراموش.

●

هڪ آه حقيقت ۾ ڇا اشراف ڇا اوباش؟
ڇا زاهد ڇا فاسق ڇا رند ڇا قلّاش؟

جنهن خير ۽ شر پانيو من الله تعالیٰ،
ان جا ٿيا غم دور سدائي رهي خوش باش.

عشّاق کي گهرجي ٿو سدا ذوقِ محبّت،
زهّاد کي گهرجي حسن اعمال جي پاداش.

ٿي ملّتِ وحدت ۾ رهي صلح صفائي،
ٻئي دين جي سڀ طور رهي پاڻ ۾ پرخاش.

جو عشق جي آزار کان بيمار رهـي ٿـو،
نافائده ان کي ڪري ڪي شربتِ خشخاش.

وحدت سندي اسرار کان ”مُلا“ ٿو نهي ايئن،
خورشيد سندي تاب کان جيئن ٿو لڪي خفّاش.

وه ’عين يقين‘ ۽ ٿيو نظارو ’همہ حق‘ جو،
”تارڪ“ ذني هي ڪل سچ جي نرگس جمّاش.

رديف "ص"

تنهنجي طلب ۾ رهي تار شخص،
آه سو منجهه تار گرفتار شخص.

امر آهي سڀ اتي تنهنجو روان،
ڪونه ڪري جنهن ڪان ڪو انڪار شخص.

ڪين رهي تنهن وٽ صبر و قرار،
عشق جو جيڪو ڪري اقرار شخص.

ڇو نه سو جئن بلبلِ نالان رهي،
جو ڏسي تنهنجو گلِ رخسار شخص.

جي دلِ عاشق ڪندين آزرده هيئن،
ڇوندو توکي هرڪو دلآزار شخص.

ڪونه ڇوي تنهن کي مسلمان ڪو،
پائي جو ٿي زلف جو زنّار شخص.

آه سو جئري ٿي بهشتي صفا،
جيڪو دنيا ۾ ٿيو سڪبار شخص.

ڇو نه سو ديوانو ٿئي هڪ دم؟
تنهنجو ڪري جيڪو ٿي ديدار شخص.

زندهِ جاويد رهي بيگمان،
جو جهلي ابرو سندي تلوار شخص.

ساقيا! مت تنهنجي ۾ آهي نشو،
جو نہ جهلي ٿو ڪوئي ميخوار شخص.

بره تنهنجي بيخود بيهوش ڪيو،
نہ تہ هيو "تارڪ" وڏو هشيار شخص.

●

عاشقِ مهجور آهه ديدار صورت جو حريص،
نازنين نا مهربان آهه ناز نفرت جو حريص.

ٿي رڇي دل ڪين تنهنجي دولتِ ديدار مؤن،
جيئن نہ دنيا مؤن رڇي دنيا جي دولت جو حريص.

سڪ پڄيان نت ڏک اچي ٿو ۽ پڄيان شاديءَ جي غم،
زود زلت ٿو اُٿائي ٿئي جو لذت جو حريص.

ساقيا! ڏي جام مئي، آزاد ڪر اندوه کان،
تنهنجي بخشش ساڻ آهيان عيش عشرت جو حريص.

ڪنهن نہ تنهنجو انت پاتو آهه بي حد تنهنجي حد،
محو هر صورت ۾ آهه قدرت جي عبرت جو حريص.

دل جي آئينہ تان ڪلفت جو ٿا لاهن داغ سي،
ٿي صفائي لاءِ اهلِ دل جي صحبت جو حريص.

عاشقِ سرمست هر جا ٿو پسي ديدار يار،
زاهدِ چلہ نشين چلہ جي خلوت جو حريص.

جو نہ سو ديدار دلبر جو پسي بيباڪ ٿي،
جو رهي تلوار ابروءَ جي شهادت جو حريص.

زاهدا! مون کي گهٽي آئي پسند آهه يار جي،
تنهنڪري آهيان نہ هرگز باغ جنت جو حريص.

محفلِ محبوب ۾ "تارڪ" رهي سو سرفراز،
جيڪو خدمت چاڪريءَ جو نياز نوڙت جو حريص.

•

پري ڏي ساقي ان مئي سندو پيالو خاص،
جنهين جي نشه کان منجهه وجد جان رهي رقاص.

خرد ته خوف رجا جي خلل ۾ آهه وڌو،
مگر ڪري ان بندِ گران مؤن عشق خلاص.

پرين جي پاڻ پسائين ڪرين تون هٿ سان قتل،
قسم خدا جو نه آهه تو مٿي سندم ڪو قصاص.

اسان جي قبر تي گهرجي ٿو دهل جو آواز،
ضرور ڪونهي ڪو اوراد، فاتحه، اخلاص.

سکهو اي موج مدد ڪر ته مشتِ خاڪ وجود،
فنا جي بحر ۾ لوڙهي چڏيان ٿيان غواص.

ڪرن ٿا ذات خدا ۾ جي ماسوي الله گم،
سي صاف صوفي "تارڪ" ٿيا محو حق اشخاص.

•

دستگيرا دل سندم قيدِ دغل کان ڪر خلاص،
بيخوديءَ جي ماڳ نيئي خوف و خلل کان ڪر خلاص.

وسوسه، اوهام نفساني هٺي ڪئي دل سياه،
خطره شيطاني و خبث و علل کان ڪر خلاص.

"حبّ ِ دنيا" راس آهي ڪل خطا جي منجهه حديث،
"حبّ ِ مولىٰ" بخش ڪر طولِ امل کان ڪر خلاص.

ڪر عطا پاڪيزگي انوار ذڪر ۽ فڪر جي،
ظلمتِ اوهام جي علم و عمل کان ڪر خلاص.

بخش ڪر "العشق نارالله يحرق ماسوىٰ"
خاطر "تارڪ" تون اديان و ملل کان ڪر خلاص.

●

اي مغنّي چور چنگ و تار رقص،
محفل رندان ۾ ڪجهہ ڏيکار رقص.

پـهـر جـامو، چير ڀڏ، آواز ڪر،
سُـرَ ملائي خوب ڪر اظهار رقص.

ڳـاءِ رنـدانـہ غـزل بـا سوزِ دل،
جنهن کان ڪن منجهہ وجد سڀ ميخوار رقص.

عاشقن ڪـي ذوق ذاتـي ٿـو وڏي،
ديـدهٔ دل کي ڪري بيدار رقص.

محو حـسنِ يـار بيشڪ بي حجاب،
بيخوديءَ ۾ ڪـن سـرِ بازار رقص.

ترڪ ڪر "تارڪ" تعلق دنيَوي،
ٿـي مجرّد ڪـر قلندر وار رقص.

●

ذاتِ حق ۾ گم ٿيڻ آه شيوهٔ رندانہ خاص،
'من خدا' بي من چوڻ آه نعرهٔ مستانہ خاص.

'من خدايم' من خدايم، من خدايم، من خدا،
آه رنـدن جـي زبانون گفتهٔ جانان خاص.

عقل جـي انداز کان ٿـي رمز عرفاني اَڳي،
سمجهي ٿي سرّ حقيقت کي دلِ ديوانہ خاص.

تن گذاري عاشقن جو آه ڪم لئَي وصلِ يار،
سـر جلائڻ شمع تـي آه همت پروانہ خاص.

"ليس في الدارين الاّ هو" – پروڙج "تارڪا"،
پس جمالِ ذاتِ حق در مسجد و ميخانہ خاص.

●

مصرع طرح: ”تون آهين رونقِ ارض و سما خاص“

سندم آهي دعا ۽ مدّعا خاص،
ته ڏيکاري پرين پنهنجو لقا خاص.

ٿئي سڀڪو عدم ۾ عام چا خاص،
هجي توڙي گدا يا بادشاهه خاص.
ڇڏي دستور سڀ دنياءُ دين جا،
ڪنيو دل منهنجي دردِ دلربا خاص.
ڏسي جي چشم جي چيٽڪ چريو ٿئي،
هجي جي شيخ زاهد پارسا خاص.
اسان ڪان لڪُ يلا ڪيا زلف قابو،
نه هڪڙو آهيان مون ڪو مبتلا خاص.
اٿيو ڪلهه هو ستمگر بڻجي قاتل،
چيائين، ”منهنجو سر آه خونبها خاص“.
نه راهِ عشق آسان آه يارو،
هتي سڀ ڪنهن سٺا سِر تي ڏجها خاص.
تڏهن توبه ڪان مون توبه ڪئي جڏ،
ڏنم ساقيءَ شرابِ باصفا خاص.
بهاران، ابر باران، باده خواران
ٿيا رندن جا دلڪش دلڪشا خاص.
ڪريان مون حسن تنهنجي جي صفت چا؟
”تون آهين رونق ارض و سما خاص“.
مبارڪ ٿو چوان تن دوستن، جن،
ڪيو سيرِ نجف ۽ ڪربلا خاص.
پوي مشڪل ته ناهي خوف ”تارڪ“،
ٿيو شاه نجف مشڪلڪشا خاص.

رديف "ض"

مون کان نہ سو منهنجو شل دلبر ٿئي ناراض،
جي لوڪ ٿئي ناراض تہ بهتر ٿئي ناراض.

ڪو پرو سو آهي نہ سندس راضي رهڻ تي،
هي جي رهيو راضي آهہ سو اڪثر ٿئي ناراض.

هڪ وقت ٿئي ناراض تہ پرچائجي ان کي،
راضي سو ڪجي ڪيئن جو هر هر ٿئي ناراض؟

جي عاشق ناراض ٿئي، راضي نہ ڪري يار،
تنهن لاءِ جڳائي قدر آهر ٿئي ناراض.

تنهن لاءِ ٿو مون پنهنجو پيو اسلام اُڪيان،
جو مون سان نہ شل سو بتِ ڪافر ٿئي ناراض.

زنهار! جيئن پاڻ چوي تيئن ڪجي هائو،
نہ تہ ظلم ڪري ٿيو جي ستمگر ٿئي ناراض.

پاڻا وڏو ناراض نہ ڪنهن طور ٿئي شل،
ڇا ٿيو جي برادر ڪان برادر ٿئي ناراض؟

غم ڪان ٿو لڳي بسترِ گل خار بہ پهلو،
بي جرم جو مون ڪان ٿو سمن بر ٿئي ناراض.

جي يار ٿئي ناراض تہ "تارڪ" ٿئي غمگين،
بلبل ٿئي بي آرام جي گلِ تر ٿئي ناراض.

•

بعض الفت، بعض نفرت، بعض ناز و نياز بعض،
ڏس ته مون سان ڇا هلي ٿو دلبر طناز بعض.

بعض دردِ هجر ڏيئي، ٿو جلائي جان و دل،
وصل جو وارو ڏيئي جياري ڪري اعجاز بعض.

ميڪشِ مفلس جو پُر آهي سدا جامِ نصيب،
بعض سٺي سان يا ته رت سان بادهءِ شيراز بعض.

هجر تنهنجي ۾ ڪري ٿو عاشق مهجور روز،
بعض گريه بعض ناله، بعض آه آواز بعض.

طبع شاهن جي طرح نازڪ مزاج نازنين،
عاشقن کي ڏين خواري بعض ڏين اعزاز بعض.

دوست جو دشمن نشين آ، ڪر نه تنهن سان دل جو حال،
ڇو جو ٿئي ٿو تنهنجي دشمن سان وڃي همراز بعض.

مرغ دلڙين جي ڦسائڻ لاءِ ڌارن ٿا سڄڻ،
بعض ”تارڪ“ دامِ ڪاڪل، چشم جو شهباز بعض.

•

ٿو ڏئي حيات ابد جسم جان عوض،
جي سر فدا ڪرين ٿئي سرّ نهان عوض.

ڪر ذات پنهنجي ذات الاهي اندر تون گم،
ٿي بي نشان تا ملي نام و نشان عوض.

ٿي بي زبان ته زنده دل ان جو عوض ملي،
ترڪ مڪان ڪر ته ملي لامڪان عوض.

هستيءَ کي پنهنجي هستيءَ حق ۾ ڪريج گم،
تا بيخوديءَ جو توکي عز و شان عوض.

”تارڪ“ خيال رک تون سدا نيستيءَ سندو،
فتنهء خوديءَ کي ڇڏ، وٺ امن و امان عوض.

•

صوفيءَ سالم کي ڪهڙو دين ايمان غرض؟
مسجد و مندر سان توڙي بيد قرآن سان غرض!

جنهن کي راهه عشق ۾ سر جي ڏيڻ جو آ خيال،
تنهن کي ناهي مهل موقعي عيد قربان سان غرض.

ڪنجِ دل ۾ جنهن ڏٺو ديدار پرانوار ذات،
تنهن کي ناهي هن صفاتي باغ بستان سان غرض.

بحر بيچونيءَ ۾ جو غواص آهي غوطه زن،
ناهه ان کي غوطءِ زخار غمّان سان غرض.

آهه "لاموجود الاّهو" تہ سڀ ۾ جلوه گر،
عاشقن کي ناهه بيدين و مسلمان سان غرض.

قبضهءِ قدرت ۾ حق جي آهه "تارڪ" سڀ جي دل،
چاڻ وارن کي نہ آهي سرّ شيطان سان غرض.

•

ذاتِ حق هرجا ڏسڻ صوفين جي لئي عينين فرض،
سي سدا ديدان ڪنيون ڪن ٿا ادا دن رين فرض.

'لا' سندي تلوار سان سالڪ وڍن ٿا پنهنجو سر،
سر ڏيڻ تن کي رهي ٿو منجهه ادائي دين فرض.

سر ڪرڻ تسليم حق جي راهه ۾ ٿيو قرض آهه،
سر ڏئي سو قرض لاهڻ آهه في الدارين فرض.

طالب المولىٰ تي آهي فرض ترڪِ دوجهان،
بلڪ ترڪِ راحت و آرام امن وچين فرض.

جيئن دنيا دارن تي "تارڪ" رب ڪيو آهه فرض حج،
تيئن اسان کي طوف ڪعبهءِ دل جو في الڪونين فرض.

●

اي دل اندر عشق ۾ پير مغان ڪان مستفيض،
جو ڪري عشاق کي راز نهان ڪان مستفيض.

طالب المولىٰ تي آهي فرض ترڪ دوجهان،
ڇا ٿيو جي ٿيو ڪٿي حور و جنان ڪان مستفيض؟

عشق ڏئي ٿو خاڪ بدلي نور جا هردم طبق،
ترڪ تن ڪر، تا ٿئين انوار جان ڪان مستفيض.

ترڪ ڪر تون پنهنجي تن کي، تا لهين ڪان روح فيض،
ڏي ڇڏي سالڪ مڪان ٿي لامڪان ڪان مستفيض.

تون خدا جو آنهن سر توکي خوديءَ ڪيو آ جدا،
ڇڏ خودي تا ٿئين خدائي بي نشان ڪان مستفيض.

بند ڪر "ثارڪ" زبان ۽ ٿي رجوع دل ذرو،
تا ٿئين تون ذوق ذڪر بي زبان ڪان مستفيض.

●

ڪٿي جا دلبر مون سان جفا وفا هي محض،
ڏنائين درد سندم دل کي، پردوا هي محض.

ڏنائين خشڪ گلو منهنجي کي تہ آب،
هي ڪيائين ٺورو مون تي وہ عطا هي محض.

اگرچہ دوست جو ديدار دوہدو خوش آہ،
مگر جي ٿيو سو ڀيرو تہ ٻي لقا هي محض.

سچن جي راستيءَ قد تي پل تہ قمريءَ دل،
جو باغ مهر وفا ۾ سو ڪج ادا هي محض.

اگرچه ظاهر بينن جي ٿيو نظر ۾ خاڪ،
غبار ڪوچهء جانان ته ڪيميا هي محض.

ڇڪس موں يار کي صد بار آزمائيندي،
چوان ٿو هاڻ ته بي مهر بي وفا هي محض.

ڪري ٿو زهره جبينن جو ذم اگر "تارڪ"
مگر جي ڏسبو هنڊائي ثنا صفا هي محض.

رديف "ط"

دل ۾ منهنجي ويو ڦري دلبر نہ آه ماريو فقط،
مون تہ ان جي روءِ ڏي هيڪر نهاريو آ فقط.

يار جي تشريف پڌندي پيا بنائن باغ ٿا،
مون تہ صحن خانۂ دل کي پهاريو آ فقط.

ڪيترن باده فروشن وٽ مون کي اميد هئي،
پر مون کي پير مغان پيالو پياريو آ فقط.

اي دلِ مهجور دردِ هجر ۾ آهن گهڻا،
تو نہ هڪڙي هن مصيبت ۾ گذاريو آ فقط.

روز سؤ پيغام مون ڏي موڪلن ٿا آشنا،
پر مون کي هن نازنين هڪڙي وساريو آ فقط.

انسندي صحبت الائي ڪهڙو رکندي هوندي حظ،
ٿي وئي حيران دل جنهن منهن ڏيکاريو آ فقط.

محفلِ عشاق ۾ تنهنجي هلي مدح و ثنا،
هڪڙي "تارڪ" ڪينڪي تو کي پڄاريو آ فقط.

●

دل کي وڌو آه دلبر قابو ڪمند مضبوط،
هائي ڇڙي نہ هرگز هي آه تند مضبوط.

سوز فراق ۾ ڪيئن دل ڙي رهي نہ بي تاب،
آتش تي ڪين رهندو هرگز سپند مضبوط.

ڪوتاه فڪر آهـــان تعريف ان سنڌي ۾،
۽ آهه قـدءِ جـانـان ســرو بـاسـنـد مضبوط.

گردن ۾ منهنجي گلرو پاتو ڪمند ڪاڪل،
جيئن اسپ شوخ ڪي ٿو وجهجي لوند مضبوط.

ڪاٿي نه ڪنهن زمين ۾ ٿو پير ان جو اٽڪي،
طـبـعِ روان جـو بيشڪ آهي سمند مضبوط.

ڪاڏي وڃي سو "تارڪ" جنهن جو پرين ٿا ڪن پيا،
منجهه دام زلف آڏي هر بـنـد بـنـد مضبوط.

●

سمجهي ڪو بيت ابروي دلبر جي شرح بسط،
پيچيده خط شڪسته سراسر جي شرح بسط.

جي عـالـم عـقـيـل هـٿـي سؤ دفعه مٿو،
هرگز نه ڇاڻي سو خـطِ ساغر جي شرح بسط.

علامه علم عشق جي وي پيو نه ڪو ڏسي،
گنجينهء ازل سنڌي دفـتـر جـي شرح بسط.

مشڪل آه لوحِ دل مؤن مطالع ڪو جرف آنَ،
ڇاڻي جي توڙي نامه سڪندر جي شرح بسط.

ٿيو "من خدا" جو شرح طالب ڪلمه "تارڪ" آه،
منصور ڪئي هئي هن مصدر جي شرح بسط.

●

بحرِ فنا ۾ ٿـو ٿـئي نام و نشان غلط،
ملڪِ بقا ۾ ٿو رهي هي جسم وجان غلط.

تون آشـيـان عـرش جـو آنءَ مـرغ تيز پر،
خـاڪي قـفـس ۾ تـو ڪيو آه آشيان غلط.

ترڪِ خوديءَ سان ڪول تون در بيخوديءَ سندو،
ڪر لامڪان ۾ڪان ڪري ڪون و مڪان غلط.

بزمِ وصال ۾ نٿي هوَس ۽ حواس بند،
نٿي چشم گوش ۾ٿ نٿي ڪام و زبان غلط.

جنهن وقت ٿئي ٿو ”تارڪ“ ’حق اليقين‘ حصول،
ان وقت ٿي وڃي ٿو هي شڪ ۽ گمان غلط.

•

دل کي ڪرڻ ٿا خوش سان سُر تار چنگ بربط،
ٻولن ٿا فاش عشق جو اسرار چنگ بربط.

پيدا ڪرڻ ٿا وحدت، لاهي ڇڏن ٿا ڪثرت،
جذبو جنون وڌائن اظهار چنگ بربط.

آواز سان آڻن، منجهه موج ٿا رسائن،
وجد ۾ڻ ڪرن ٿا بيسرو دستار چنگ بربط.

نغمو سراءِ عشقي ڪن شور شغل حقّي،
جامِ بقا جو چاڙهن خمّار چنگ بربط.

ڪٿان چلهُ زاهدانو، ڪٿان نفل عابدانو،
عشاق کي وڻن ٿا صد بار چنگ بربط.

”تارڪ“ وصال جانان لئي ٿيو طريق مستان،
دهل ۽ ڏڪڙ جي ’ڏان ڏان‘ ۽ ڏار چنگ بربط.

رديف "ظ"

گھٽو ٿـي عشق سندءِ جـو رڪـم اثر محفوظ،
مگر رهي نہ سگهيو ڪنهن طرح اندر محفوظ.

بچي سگهي نـہ ٿـي دلبر جي دستبرد کان دل،
هـزار بـار ڪجي ڪـاٿـي نشي اگر محفوظ.

بچڻ گهرين جي انهيءَ ترڪ چشم جي پڙ کان،
جيئن وٺي تيئن جـان دل کـي ڪر محفوظ.

ڪيائين غـارت سـامـان عـقـل هـوش همہ،
ڇڏيو نـہ تنهنجي مـنـا نـاز جـي نظر محفوظ.

حديثِ عشق نـہ اهلِ خرد کي چؤ "تارڪ"،
جڳائي دشـمـن کـان دوست جي خبر محفوظ.

•

خيالات غير جي کان رہ دل سندو محافظ،
دل بزمِ حق آہ، ٿي ان محفل سندو محافظ.

تن پروري جي عادت، ڪر ترڪ، طالبِ حق،
ڪافر صفت نـہ ٿـي بـت بـاطـل سندو محافظ.

اي مست بي سروپا ڏچ ڪين ڏاءُ ڪنهن جي،
ديـوانـہ جـو آہ سـو جـو عاقل سندو محافظ.

اي صاحبِ حقيقت ڪر ڪا نظر تہ هڪ آهہ،
هشيار جو محافظ، غافل سندو محافظ.

ڇائي سو قدر "تارڪ" هن عمر جي دمن جو،
جو ذڪرِ حق سان دل جي منزل سندو محافظ.

●

ربّنا! بخش سندم دل کي صفائي جو حظ،
ڪري آزاد خوديءَ کان ڏي خدائيءَ جو حظ.

مون کي محويّت جي ملڪ سندو گهرجي سير،
ڪونہ درڪار اٿم سير سمائيءَ جو حظ.

جوش عشق آڻ سندم سر تي ڪري جو بيسر،
بره بيحد ۾ وٺان جان فدائي جو حظ.

هيڪڙائي سندي حالت کان ٿيس مون محروم،
نفس کي ٿو رهي هر وقت پيائيءَ جو حظ.

قيد هستيءَ کان آهي جان بلب ٿيو "تارڪ"،
جلد ڏي روح سندم کي ڪو رهائيءَ جو حظ.

●

مون کي شيرين بتن سان آهہ لحاظ،
بتڪده برهمن سان آهہ لحاظ.

مون کي غنچہ دهن سان آهہ لحاظ،
مون کي شيرين لبن سان آهہ لحاظ.

مون کي گل پيرهن سان آهہ لحاظ،
مون کي سيمين بدن سان آهہ لحاظ.

عشق ۽ حسن سان لحاظ مون کي،
مون کي رنج ۽ محن سان آهہ لحاظ.

آہ ”حب الوطن من الايمان“،
مون کي اهل وطن سان آہ لحاظ.

تو ڇٽي پنهنجي دل کي خوش ڪريان،
مون کي شعر و سخن سان آہ لحاظ.

تو اچي قد“ ياد دلبر جو،
مون کي سروِ چمن سان آہ لحاظ.

آهيان منصور تو هٿان نعره،
مون کي دارو رسن سان آہ لحاظ.

آهيان ”تارڪ“ غلامِ شاہِ نجف،
مون کي شاہِ زمن سان آہ لحاظ.

•

دل منهنجي ڪين ٿئي ٿي باغِ جنان کان محظوظ،
ليڪن ٿئي ٿي دلبر جي آستان کان محظوظ.

قاصد جنهن جو پيغام آندو اٿئي مون ڏي،
اوس تہ ڪر انهيءَ جي نام و نشان کان محظوظ.

جهڙو تجي تو ساقيءَ جي جام چشم کان خوش،
اهڙو نہ تو تجي ڪنهن رطلِ گران کان محظوظ.

قانع کي ڪين آهي ہوڙ ۽ پلاء جي حاجت،
آهي هما هميشه ڪنهن استخوان کان محظوظ.

آهي اسد ٿيندا شعر و سخن جا شائق،
”تارڪ“ جي شعر موزون، طبع روان کان محظوظ.

•

سڄڻ تو کان سوا ٿيو آہ جيئڻ لاچار، حق حافظ!
مران مهجور تو ماندو بحالِ زار، حق حافظ!

محبت جو مرض جنهن کي، بچي ان جو گهٽو باري،
مون کي ماريندو تنهنجي عشق جو آزار، حق حافظ!

سهڻ جي پي ڏي ڪا طاقت، ڏئين جي درد بي پايان،
مون کي منظور تنهنجي بره جو آه بار، حق حافظ!

ادا قاصد سڄڻ کي چؤ سنيهو هي خدا ڪارڻ،
"ملو نه ته تو مري هت بره جو بيمار، حق حافظ!"

اوهان جي عشق ۾ "تارڪ" ڪيو سر پنهنجو اختياري،
پرين توکي سو پرتو هرطرح هر بار، حق حافظ!

●

مصرع طرح "آفتِ باد خزان کان ٿئي گلستان محفوظ"

دار دنيا ۾ ٿيو ڪونه فنا کان محفوظ،
جم و فغفور سڪندر نه سليمان محفوظ.

ٿيو بيان بادہ انهيءَ لاءِ ته هن عالم ۾،
بيخوديءَ سان خوديءَ کان ٿي دل و جان محفوظ.

غمزهء حسن کان عالم جو کسيو تو آرام،
ڪونه تنهن کان ٿيو هندو نه مسلمان محفوظ.

دور گردون کان رهي زير زبر روءِ زمين،
ڪونه تنهن کان ٿيو شيراز و صفاهان محفوظ.

مان گهڻو عشق جي آزار کي محفوظ رکيو،
پر ڪري ڪين سگهيس حال پريشان محفوظ.

ڪين پستيءَ ۽ بلنديءَ کان سخن ٿئي خالي،
۽ نه لغزش کان ٿئي ذهن سخندان محفوظ.

مون ته توبه جي حفاظت ۾ گهڻي ڪوشش ڪئي،
ٿي سگهي ڪين سا منجهه فصلِ بهاران محفوظ.

گهر دعا "تارڪ" دلدار سندي حسن سندو،
"آفتِ بادِ خزان کان ٿئي گلستان محفوظ.

رديف "ع"

گلزار دل ۾ آهه وري آيو بهار طبع،
غنچهٔ سخن کي کوليو دمِ خوشگوار طبع.

مضمون جي گلن تي ڪري خوب چهچها،
هي بلبل زبان جو ٿيو بر شاخسار طبع.
نڪري نہ ڪيئن زبان کان سندم شعر آبدار،
پُر پور موجزن ٿي وهي جوئبار طبع.
قرطاس جي زمين تي نہ ٿي هار جي هي مس،
آبِ سخن وسي ٿو هي کان ابربار طبع.
بوئي سخن کان ٿئي ٿو معطّر دماغِ دل،
هر لفظ قطرهٔ عرق آهه ازغدار طبع.
جيئن سبزه منتظر آهي آبِ روان سندو،
تيئن ٿو رهي زبان کي سدا انتظار طبع.
موسم بهار ۾ جيئن ابرِ بهار آهه،
"تارڪ" ٿو درد ۾ ٿئي تيئن اختيار طبع.

●

تنهنجي جمال کان ٿي رکي خوب نور شمع،
ڏسندي ٿي توکي پاڻ کان ٿئي ٿي نفور شمع.

سر ٿي جلائي سوز ۾ رهندي صبور شمع،
ڪنهن کي سلي ٿي ڪين اندر جو ڪو سور شمع.

تنهنجي اڳيان ڪڙي رهي خدمت ۾ ساري رات،
ويهي رهي صبوح جو ٽڪجي ٽي ڇور شمع.

آخر سڙي وئي پاڻ به ساري صبوح جو،
پرواني ساڻ ڪيڏو ڪيو جي غرور شمع.

ڪيئن سرفراز محفل محبوب ۾ رهي؟
سر تابيا سڙڻ ۾ ڪري جي قصور شمع.

سر تي ڪنهيو سا پيئي آهي بار روشني،
مجلس ۾ تنهنجي آه جيئن ڪو مزور شمع.

مقول رهه تون فرقت جانان ۾ تون به تيئن،
"تارڪ" گذار ۾ رهي جيئن با شعور شمع.

●

مصرع طرح: "روشن ٿي وئندي داغ جگر جي ۾ جاء شمع."

عاشق جلائي عشق ۾ دل ڪي بناء شمع،
محلات ۾ وجود جي آئي جڳاء شمع.

جي يار قرب مون اچي عاشق سندي اڱڻ،
مهماني لاء گل مل سان ٿي جڳاء شمع.

تو ۾ نه قدرت آه ڪا همسر ٿيڻ سندي،
محبوب جي مقابلي سر ڪي نواء شمع.

شب وصل يار منهنجي اڱڻ شمع ڪي ڏسي،
فرمايو جيئن ڏسي نه پيو ڪو، اجهاء شمع.

تشبيه ڏي نه يار جي رخ ساڻ شمع ڪي،
اي مدعي مڃين نه، ته ان سان ملاء شمع.

قاصد متان زباني پڇي دلبر پڇي ڪي حال،
تمثيل لاء تنهن ڪي ڪٿي نئي رساء شمع.

اي دوست تنهنجي راهه پڌي شمع گل ڪر،
پاريان نه ٿو سون شمع جو ٿي تنهنجي راهه شمع.

اي خوبرو جي توکي هجي شمع جو ضرور،
دل پنهنجي کي بنائي منجهان تنهنجي لاءِ شمع.

چو ٿو نقاب سان تون ڍڪين پنهنجي رو پرين،
لڪندي نه ڪي گلن ۾ نه ناحق ڇپاءِ شمع.

ٿـي شمع دل اجهامي وڃـي بـار طمع کان،
جيئن ٿي ڇڏي اجهائي لـڳي سان هواءِ شمع.

گهر منهنجي ۾ ٿـيـو يـار اچي آهه جلوه گر،
هن شمع جي اکيان ٿـي رهي ڇڻ سواءِ شمع.

اي شمع رو جـي تنهنجي ڏسـي حسن جو لقا،
پـروانـي وانـگي هوند ڪري سر فداءِ شمع.

"تارڪ" جي تا قيامت شعله کان عشق جي،
روشن ٿـي وئندي داغ جگر جي ۾ جاءِ شمع.

●

بحر بي رنـگيءَ ۾ موجون ٿيون شروع،
رنـگ رنـگ عالـم تڏهن ٿيو ڄم وقوع.

پردهءِ تـن روءِ جان تون لاهـي ڏس،
تـا ٿـئـي نـور بطون تو ۾ طلوع،

آهه ڇڏئو توکي جڏهن هي ملڪ تڏهه،
چو نـه جيئري ٿو ٿئين اوڏهن رجوع؟

محو ذاتِ حق ڇڏو سڀ حاج کان،
ٿئي ادا ان کان نه قوس، نا رکوع.

سيريءَ دنيا ڪيو "تـارڪ" خراب،
آنهن جي عاشق نه ڪر منظور جوع.

●

جو ئي آه خورشيد سو ئي ذرّه آه سوئي شعاع،
”ڪل شيءِ“ آه هو الله ماسوا ڪان ڪر وداع.

جو ئي شه، سوئي رعيت، سو مالڪ سو مُلڪ آه،
پاڻ تي پاڻهي ٿيو حاڪم جو مطيع آه سو مطاع.

ڪٿ پيائيءَ ۾ سو ڀهڳڻ ڪاٿي هيڪائيءَ ۾ هڪ؟
ڪٿ رڌي باطل تي ٻيهڪ ڪٿ مٿي حق ارتفاع؟

ڪٿ رهي صاحب شريعت دين ملت تي مقيم؟
ڪاٿي سو صوفيءَ لا مذهب سوا ڪينهءَ و نزاع.

ڪاٿي ”تارڪ“ مفلس دريوزه گر ٿيو دربدر،
ڪاٿي دنيادار شاهوڪار آه اهل متاع.

●

تون صنعت آنهن، تون مصنوع، تون آن صنع، تون صانع،
تون جميعت، تون آنءَ مجموع، تون آنءَ جمع، تون جامع.

تون آنءَ تفريق تون تجميع تون تشريڪ تون توحيد،
شفاعت تون شفيع آن تون مشفوع آنهن، تون شافع.

ٿيو ’لا موجود الا هو‘ لئي عشاقن جي آگاهي،
تون نافع آنهن، تون رافع، تون ساطع آنهن، تون قاطع.

تون ناطق آنهن، تون صادق، تون لائق آنهن، تون فائق،
تون قائم آنهن، تون قيّوم، تون ممنوع، تون مانع.

تون ”تارڪ“ آنهن، تون سالڪ، ’تون متشرع‘ تون آنءَ صوفي،
تون آنءَ منظور ’تون ناظر‘ تون آنءَ مسموع، تون سامع.

رديف "غ"

آهي فنا پذير هي حرص و هوا جو باغ،
هن باغ کي بجا هي جي ڇڻجي فنا جو باغ.

جيسين ڪ بند جسم ۾ تيو خيال جو پڪي،
تيسين آڏامي ڪين ڏسي نابقا جو باغ.

تون 'باغ هو' جو آنهن پکي جلد ڪر آڏام،
ڪر آشيان اتي وڃي ڇڏ ماسوا جو باغ.

ريءَ ذات بيچگون نہ ٻيو موجود آه ڪي،
بي جسم تي نهار تون سر صفا جو باغ.

گلزار صورت آه اگرچہ بباب رنگ،
ان کان وڏيڪ ڇاڻ تون نور لقا جو باغ.

"تارڪ" نظارو 'خلق الاشيا' کلي رهيو،
"عين اليقين" سان پَس رنگ ضيا جو باغ.

●

الاهي جلد ڪر هستي هوڻ جي حال کان فارغ،
بندوقِ نيستي ڪر جسم جي جنجال کان فارغ.

حقيقي حسن جي شعلي سان روشن جان منهنجي ڪر،
مجازي عشق جي ڪر رنگ خط و خال کان فارغ.

قدم جي فرض تي آرام جي لذت عطا ڪر تون،
حوادث جي ڪرين اقوال ۽ افعال کان فارغ.

رهان بيتِ فنا اندر بقا جي فيض جو طالب،
ٿيان خوف و رجا ۽ نيڪ بد عمال کان فارغ.

ڏسان تو ريءَ نه ٻيو ڪوئي ڪٿان جي چار سوءِ اکيون،
هجان سون "ثم وجه الله" سوا ٻئي خيال کان فارغ.

دل "تارڪ" کي ڪر سر جلوهء اسرار بيچوني،
رهي محوِ لقا هردم ٿي قيل و قال کان فارغ.

●

ڏي ساقي جام محويت ٿيان هن هوش کان فارغ،
سٺان الهام احديت زبان و گوش کان فارغ.

رهان ڪنجِ الوهيت اندر سرمست بي سر پا،
وجي ٿيان ذات ۾ ذاتي صفاتي پوش کان فارغ.

غم و شادي سندي آثار کان احوال ٿيو ابتر،
بحالِ نيستي ڪر جلد نيش و نوش دان فارغ.

سون آهيان بحر بي رنگي سند و قطره مٿي ساحل،
پوان تنهن بحر ۾ ساحل جي ٿي آغوش کان فارغ.

جو هردم آه 'اقرب' مون ملان تنهن يار سان "تارڪ"،
نه ٿيءَ دم يادگيري دلبرِ همدوش کان فارغ.

●

ٿا لنگهن دم عمر جا زندانِ ظلمت ۾ دريغ،
ٿو وڃي هئو دُرّ جان جو قعر ڪثرت ۾ دريغ.

خيال روشن ڪين ٿيو انوار کان توحيد جي،
ڪين استقرار ٿيڙو فڪر وحدت ۾ دريغ.

بيخوديءَ جي بادهءِ صافي مون سرڪي نا چکيم،
بي سر و پا ڪين ٿيس سڪرِ هويت ۾ دريغ.

محويت جي ماڪ ۾ ٿيو ڪين دل کي ڪو قرار،
هوش هستي ڪم نہ ٿيو سر" حقيقت ۾ دريغ.

جلوهٔ حسن ازل دل تي ٿيسو پرتو فگن،
من نہ معنيٰ سان مليو، هن گرد صورت ۾ دريغ.

چار ديوار عناصر کان نہ ٿي آزادگي،
ٿي مذبذب دل رهي آزار و عشرت ۾ دريغ.

ره تون شاڪر حال تي "تارڪ" اجائي قال ڇڏ،
ڪهڙي آه تنهن تي لکيو جيڪي جو قسمت ۾ دريغ.

●

مصرع طرح:

"سرد مهري کان بتن جي مٽجي ويو آه سوز داغ"
نور تنهنجي کان ٿيو روشن دير مسجد جو چراغ،
حسن تنهنجي جو کليل آه هرطرف هرجاءِ باغ.

ماه کان تا ماهي ٿي صورت سڄڻ جي جلوه گر،
فرش کان تا عرش ڪرسي لامڪان تنهن جو سراغ.

هرڪل ڪون و مڪان کان بوءِ تنهنجي ٿي اچي،
ٿو معطر ٿئي انهيءَ کان عشق وارن جو دماغ.

ڪالهہ ميخانہ اندر مون کي سڏيو پير مغان،
رمز رنديءَ جي ڪري تلقين ڏنئن مئي جو اياغ.

ترڪ دنيا، ترڪ عقبيٰ، ترڪ موليٰ، ترڪ ترڪ،
عشق آديسين کي عالم ۾ رسايو هي بلاغ.

بحر بيرنگيءَ اندر غازي رهن شب روز غرق،
نا ولن تلوين ۽ تڪوين جو سي اصباغ.

گردگون گردون دون جي ڇا ڇوان حالت ادا؟
جاءِ جنهن ها سور بلبل ٿيا اتي بوم ۽ ڪلاغ.

جي ڳهرين تان جلوهٔ وحدت وجودي ٿـي عيان،
هيڪڙائيءَ کان دوئي جي فڪر کان وٺ تون فراغ.

ڪالهه سهٽن پاڻ ۾ ٿي چيو ته اڄ "تارڪ" سندو،
"سرد مهريءَ کان بتن جي مٿجي ويو آه سوز داغ".

رديفا "ف"

پکين کي جيئن رهي صيّاد جو خوف،
مون کي تيئن ان ستمِ ايجاد جو خوف.

ڍچن توکان ملڪ، ديو و پري جِنّ،
رهي تن کي ٿــو آدمزاد جــو خوف.

ويئن دلــڙي ڦــري ديــدان اڙائي،
ڪريان ڪهڙو هيئڙ فرياد جو خوف.

سندءِ نيڻن کان خوف آهي کي نرگيس،
جيئن شاگــرد کي اســتــاد جو خوف.

زنِ دنــيــا آهـــي بــدچــال ڏاڏي،
رکي ٿي کين کنهن داماد جو خوف.

رهي ٿو مــوجــزن ديــدن جو دجله،
پــڏ ٿ آهي دلِ بــغــداد جو خوف.

نہ آهي عاشقن کي خوف کنهن جو،
آهي تا بــره جي بــيــداد جو خوف.

رهـــي ٿـــو بــيــد لرزان جو چمن ۾،
انّس کنهن غيرتِ شمشاد جو خوف.

سبڪباريءَ ڪري "تارڪ" جهان ۾،
لــٿــل آهـــي دلِ آزاد جو خوف.

•

پيچ پائي اهڙو ٿي دل عاشقن کي تار زلف،
نانگ ڇڙو چاڙهي جيئن تيئن پيچ پائي مار زلف.

ائين ٿي مهجوريءَ ۾ دل موڙهي رهي مشتاق جي،
جيئن رهي موڙو مٿي، آن خوبرو اظهار زلف.

خون ان عاشق سندو نٿي گردنِ دلبر ۾ پيو،
حسن کان حيران ٿي جنهن سر سٽيو بردار زلف.

عشق رخنہ انداز ٿيو جنهن جي ڪٺي اسلام ۾،
تار سجہ کي ڇني تنهن پاتو ڳل زنار زلف.

زلف مشڪين جو آهي ”تارڪ“ سدا سودا زده،
تنهنڪري اڪثر انهيءَ جي وات آه گفتار زلف.

•

تلوار ابرو جي اڳيان سوره رهي ڪو سربڪف،
مانجهي انهيءَ ميدان ۾ پائي شهادت جو شرف.
ڪانگل نياپو ويو ڪٿي آهي سندم دلدار وٽ،
مونيو نہ سو شايد وڃي ٿيو عشق ان جي جو هدف.
زخمِ محبت دل اندر ڪايون، ڪڇون ٿا ڪينڪي،
ڪنهن سان ڪڇي ٿي ڪين جيئن منجهہ وات پايون دُرِ صدف.
نازو ادا تنهنجي سندو عالم خريدار آه ٿيو،
غوغاءِ سندءِ غمزن سندو هرجا هلي ٿو هر طرف.
حضرت قلندر لعل جي چانئٺ چمن جي شوق ۾،
سيوان(١) ڏي سنيري هلو ”تارڪ“ جو آهي سو نجف.

---

(١) سيوهڻ.

●

عشّاق بي سر هڪ طرف، دلدار دلبر هڪ طرف،
هو زار مضطر هڪ طرف، هو شاد خوشتر هڪ طرف.

هو بادشاهِ بينوا، هو بيوفا، هي پُر خطا،
باشان نادر هڪ طرف، باحال احقر هڪ طرف.

بزم جهان جي دور ۾ ڪيئي اچن، ڪيئي وڃن،
سائؤ تونگر هڪ طرف، پينو ۽ بي زر هڪ طرف.

دلدار ٿيو جلوه نما، منجهه عاشقن غوغا پيو،
الحمد اطهر هڪ طرف، الله اڪبر هڪ طرف.

جي نڪته دانِ رمز حق آهين ته کولي پڙهه سبق،
شائق(١)جو دفتر هڪ طرف، "تارڪ" جو دفتر هڪ طرف.

●

انوار طلعت هڪ طرف، اظهار صورت هڪ طرف،
اسرار وحدت هڪ طرف، آثار ڪثرت هڪ طرف.

منهن ٿيو منوّر يار جو، زلفِ سيه دلدار جو
صبحِ مسرّت هڪ طرف، شامِ مشقت هڪ طرف.

شور و عتاب و چين جبين، قرب و تبسّم شڪّرين،
آزار زحمت هڪ طرف، گلزار رحمت هڪ طرف.

---

(١) عاقل محمد شائق ۾ فارسي زبان جو شاعر هو، ۽ وسنتي پناه علي هڙند ضلع ديره غازي خان جو ويٺل هو. خواجه غلام فريد جو گهرو دوست هو. سندس فارسي ديوان ڇپيل آهي.

سو عبد سو معبود ٿيو، سو حمد سو محمود ٿيو،
اظهار حيرت هڪ طرف، اقرار عبرت هڪ طرف.

ظاهر ٿيو نور رنگ رنگ، باطن صفا ڪان زنگ زنگ،
ظاهر جي حڪمت هڪ طرف، باطن جي قدرت هڪ طرف.

●

مصرعِ طرح:
”چشم قاتل ٿي وئي مائل عنايت جي طرف“

گوش رک سالڪ سچا، منهنجي هدايت جي طرف،
ڪاپڙي ڪن ڪين ڏي ڪنهن جي شڪايت جي طرف.

قصهٔ يوسف تہ اڄ ڪلهہ سڀ ڪان وسري آه ويو،
ساري عالم ڪن رکيو، تنهنجي حڪايت جي طرف.

لطفِ جانان جو مان آهيان اصل ڪان اميدوار،
ڪين ڏسندو پاڻ پي منهنجي جنابت جي طرف.

منجهہ ولايت وره جي آه اهنج ايذا درد و غم،
ڪاهي و يندو ڪو ڪو ڪامل، هن ولايت جي طرف.

بحرِ وحدت جي ڪنڌي ناهي شناور ڪنهن ڏٺي،
جو ويو سو گم ٿيو بحر بي نهايت جي طرف.

يار خود ”لا تقنطوامن الرحمت الله“ آه چيو،
گوش عشاقن سندو آهي هن آيت جي طرف.

مان ڏسڻ هن صيد کي ڪئي ذبح ڪان صياد بس،
”چشمِ قاتل ٿي وئي مائل عنايت جي طرف“.

عشق جي رايت جي ساين ۾ جو آيو خوش رهيو،
پيا ڇڏي سايہ تون اچ هن ظل ِ رايت جي طرف.

آفتِ دنيا کان تي جائي حمايت ميڪده،
بي حمايت کي ڇڏي اچ هن حمايت جي طرف.

'فاذڪرواني' فڪر ريءَ "تارڪ" کي ناهي فڪر پيو،
ذڪر حق ريءَ ڪن نہ ڏي ٻئي ڪنهن روايت جي طرف.

رديف "ق"

نہ ساڪت، نہ ناطق، اناالحق، اناالحق،
نہ مالڪ، نہ واثق، اناالحق، اناالحق.

نہ عابد، نہ زاهد، نہ مومن، نہ مسلم،
نہ فاجر، نہ فاسق، اناالحق، اناالحق.
نہ شامل، نہ شاغل، نہ واصل، نہ فاصل،
نہ معشوق و عاشق، اناالحق، اناالحق.
نہ ڪيش و نہ ملّت، نہ مذهب، نہ مشرب،
نہ ڪاذب، نہ صادق، اناالحق، اناالحق.
نہ شيعو، نہ سنّي، نہ صوفي، نہ دهري،
نظيرو نہ فائق، اناالحق، اناالحق.
نہ "تارڪ"، نہ فارڪ، نہ ظاهر، نہ باطن،
نہ لائق، نہ شائق، اناالحق، اناالحق.

●

سيف ابروءَ جي آهي صمصامِ عشق،
زلف جو زنجير آهي دامِ عشق.
همت ڪٿي ٿو آبرو ۽ مال تان،
ٿو رهي بدنام، بي آرام عشق.

ڪامرانِ عقل ٿو ناڪام ٿئي،
ڪامياب آخر ٿئي ناڪامِ عشق.

عشق جو الطاف آهي، اضطرار،
حسرت و حيرت ٿيا انعام عشق.

مذهب و ملّت ۾ ٿئي نا پائبند،
ٿيو جدا ڪان ڪفر و دين اسلام عشق.

نيڪ ناميءَ لئي ڪڙهي سو ڪيئن ڪي،
عقل کان آجو آهي بدنامِ عشق.

هڪ ٿين معشوق، عاشق، عشق نيٺ،
ٿو رهي "تارڪ" اهو انجامِ عشق.

●

ساقيءَ صاحب ڪرم ڏي ساغرِ سرشار عشق،
تا ٿئي خمّار کان دل مخزنِ اسرار عشق.

چشم دل ٿيو تيره گون گردو غبارِ حرص کان،
ڏي صفائي تا ٿئي سو مطلع الانوار عشق.

خواب غفلت ۾ رهي ٿي دل جي اک شب روز بند،
بخش ذوقِ بيخودي ڪر ديده سا بيدار عشق.

عقل آهي گرچه سارو مايهءَ آرام عيش،
پر نه ان ۾ فرحت آهه جا آهه منجهه آزار عشق.

قيد هستيءَ ۾ ٿي وڃي "تارڪا" هيءَ عمر ڇٽ،
چونڪارو ٿئي تڏهن، جڏ ٿئي حصولِ دار عشق.

●

ڪر مطالع درس دل ۾ عشق وحدت جو سبق،
ڇو ٿو اٿلائين قدوري، ڪنز، ڪافيه جو ورق.

قطره کي جي خيال ۾ پئي بحر جي ڪنهن کي نه ڪل،
سي ٿيا خود بحر جي ٿيا بحرِ وحدت ۾ غرق.

يا الاهي جسم جي اونده ۾ گم ٿيو نورِ جان،
تون مدد ڪر پردهٔ پندار خاڪي ٿئي شق.

ناهه طاقت جان دل کي تا ٿين سي محوِ ذات،
تون ڪرم سان سر سندم آڻيج جذبهٔ عشقِ حق.

رحم ڪر يا رحمة العالمين "تارڪ" مٿي،
عمر جا دم بي بها برباد ٿين نا منجهه قلق.

●

قيد بندِ جسم ۾ ڪيو آه زنجير فراق!
ٿو ڪريان تيلاهون يارو نالهٔ شبگيرِ فراق!

بارگاهِ وصل ۾ هُئس(١) يار پنهنجي ساڻ خوش،
پر هٿي ڪا در پئي آزار تدبيرِ فراق!

گلشنِ هاهوت جي هس آشيانه ۾ مقيم،
فرش تي ناسوت جي آڻي سٽيو تيرِ فراق!

دام داڻي آب ۾ هيءَ هيءَ فراق آندو مون کي،
واهه تاثيرِ فراق و واهه تاثيرِ فراق!

ٿو رهان لاچار صابر، هن غمِ دل سوز تي،
ٿو چلي وس ڪين منهنجو، ساڻ تقديرِ فراق!

جسم بي جان، جان بيدل، دل بنا صبر و قرار،
ناهه طاقت تا ڪريان "تارڪ" ڪا تقريرِ فراق!

---

(١) هُئس.

رديف "ڪ"

ڏي جذبهٔ حقي تہ ڪريان غير زود ترڪ
محويتِ لقا منجهہ بود نبود ترڪ.

ميخانهٔ صفا مون ملي جام بيخودي،
بي اختيار جنهن کان ٿي قوم وسجود ترڪ.
خسرانِ عشق جي کان ڏي دو جڳ اندر پناه،
سودي ۾ عقل جو جو ڪيم نقد سود ترڪ.
هر دم رهي ٿو غفلت ۾ تنهنجي ياد کان،
پنهنجو حضور ڏي تہ ڪريان هي وجود ترڪ.
اوجِ عروج ذات ۾ شهبال تيز ڏي،
جيئن آشيان پنهنجي کان ڪريان فرود ترڪ.
ڏي ذوق حال مستي و مجذوبيءِ ابد،
تا جذبهٔ حقيقت ۾ ٿئي غنود ترڪ.
"تارڪ" فنا ٿيءُ نينهن جي ناتي ۾ هر طرح،
مشهود عين ۾ ڪري شاهد شهود ترڪ.

●

هر دو جڳ جي حقيقت آهي هڪ،
سو ٿي سمجهي ٿو جنهن کي حق جي چِڪ.

جو ٿي عاشق، اهو ٿي عشق آهي،
سو ٿيءُ آهي سڪايل، آه سا سِڪ.

جو ڏي مهربان آهي، سائي موج،
سا ڏيهيءَ پيڪ تون چاڻ، سا هُوءَ پيڪ

صورتِ انس مؤن ڪري الحان،
صورتِ ڪاوُشن مؤن ڪري ڀڙڪ.

ڏس بقادار پنهنجو پاڪ خيال،
جسم فانيءَ تي ڏي ڳر يا نا ڳڪ.

عالمن مؤن نہ ڪيف ٿئي توکي،
پيچ پيرِ مغان وٺان ڪا پيڪ.

رمز وحدت جي فاش چؤ "تارڪ"،
سچ چوندي نہ رک تون لڄ ڪا ليڪ.

●

ناز و عتاب 'غمزه' هوئي مه رخن مبارڪ،
سوز و گداز، زاري، هوئي عاشقن مبارڪ.

جي اي نسيم سحري! منجهہ باغ جي وڃين تون،
گل جي ڏسڻ جي هرهر، ڏج بلبلن مبارڪ.

آهي اسان کي حاصل، دلبر جو دُرِّ دندان،
اي جوهريو! اوهان کي دُرِّ عدن مبارڪ.

ڏي عاشقن کي ڪوچہءِ جانان سندي ڏي لذت،
غلمان و حور جنّت، هوئي زاهدن مبارڪ.

"تارڪ" جي آهي منعم کي حاصلاتِ دنيا،
توکي بہ هوءِ نعمتِ گنجِ سخن مبارڪ.

●

سي دوست اڳ آيا، مگر تون نہ آئين هڪ،
مولڙ مڙئي ملايا، مگر تون نہ آئين هڪ.

جيڪي ڏي من گهريا، هيون دل کي جي خواهشون،
سي سڀ پُنام رايا، مگر تون نہ آئين هڪ.

ھانڊين ڏنا پيام ۽ خاطن ڏنام خط،
سي مون وڃي پڙھايا، مگر تون نہ آئين ھڪ.

آيو بھار باغ ۾، موسم بسنت ٿي،
بلبل بہ گيت ڳايا، مگر تون نہ آئين ھڪ.

بزم سرور ۾ مون تنھنجي اچڻ جي لءِ،
احباب ڪل گھرايا، مگر تون نہ آئين ھڪ،

بلبل کي مليو گل اچي پروانہ کي بہ شمع،
مون ٻي سڄڻ سڏايا، مگر تون نہ آئين ھڪ.

ماڻھو مڙي ڏسڻ لءِ آيا، جو تو سوا،
مون حال ھيئن بڻايا، مگر تون نہ آئين ھڪ.

"تارڪ" جي حال زار ڏسڻ واسطي پرين،
سھڻا سوين سڏايا، مگر تون نہ آئين ھڪ.

رديف "ڪ"

اٿم يار جي بيوفائي جو ڏک،
اندر راستي، ڪج ادائي جو ڏک.

سندم خون پيو گردن ۾ دلدار جي،
نہ آهيم ڪجهہ خونبهائيءَ جو ڏک.

جڏهن يار ٿو مون کي ڏک ٻاڻ ڏئي،
تڏهن ناه ڪو جانگزائيءَ جو ڏک.

ڪري حال منهنجو ٿو نئي غير سان،
چوان ڪنهن کي هي حالپائيءَ جو ڏک.

جدا ٿي وڃي ٿو اهو ٻي مون کان،
چوان جي ٿو ڪنهن کي جدائيءَ جو ڏک.

جي آهي تہ آهي آهو ئي مون کي،
سندءِ غير سان آشنائيءَ جو ڏک.

رهي دل کي هر دم ٿو دامان گير،
ڪرڻ ڪنهن نہ ڪائي ڪمائيءَ جو ڏک.

"هدايت علي" ڪين دنيا ۾ ڪيو،
اٿس عمر پنهنجي اجائيءَ جو ڏک.

●

سدا ڪين آهين دنيا ۾ سڪ،
سڪيا جي رهن ٿا ڏسن سڀ ڏڪ.

سڀن کي خدا ساهه هڪڙو ڏنو،
اگر عام آهين تو ڙي ڪ مڪ.

مري ڪونه ماڻهوءَ جي هوئي مگر،
رهي سڀ کي مهرو وفا جي ٿي ٻڪ.

ڏکي آهه منعم جي بستر ڪان خوب،
گدا کي جو هيٺان رهي پونءَ جي نڪ.

هوا کي لئه آ آب آتش جو خوف،
تئين ناهه "تارڪ" کي لنوءَ واري لڪ.

رديف "گ"

بادِ خزان کان زرد ٿئي جيئن چمن جو رنگ،
تيئن ٿيو فراق يار جي کان منهنجي تن جو رنگ.

ظاهر ٿـي باوفا ڏٺو، باطن هـو بيوفا،
رنگِ حنا مثال رهيو گلبدن جـو رنگ.

زلفِ سياه يار جـو پرتـوُ پـويـس ٿـو،
تنهن کان رهي ٿو نيلين چرخِ ڪهن جو رنگ.

شرمنده آه تنهنجي لبِ لال جي اڳيان،
مرجان، پان، لعل، عقيقِ يمن جو رنگ.

خوشبوءِ زلف نيي جـو صبا منجهه ختن کٿي،
ٿي ويو سياه رشڪ کان مشڪِ ختن جو رنگ.

کلندي سان تنهنجي جڏهن دُرِ دندان اگهاڙو ٿئي،
تڏهن شرم کان ٿي آب جان دُرِّ عدن جو رنگ.

هر چند پيا بـه آهـن، رنگين سخن پيا،
هڪ گونه آهه "تارڪ" جي ٻي سخن جو رنگ.

•

تنهنجي شمعِ حسن تـي اي شوخ شنگ،
ٿـا پچن منجهه پرت عـاشق، جيئن پتنگ.

عـاشقن جي سبز قـدميءَ کـان ٿين،
پرُ آبـاد ۽ وسنوُ ويران جهنگ.

ڇا سي ڪن جو قيد اٽن قسمت ڪيو،
نہ تہ اچن وارا ڇنن تولئي ٿا تنگ.

سوز وارا ٿين مؤثر ساز ڪان،
راڳ ڪي موهي وڏو چارڻ جي چنگ.

سڪ اندر ساري ڪٿي سيٺي ويا،
ٿينهن ۾ "تارڪ" ٿيا جيڪي نسنگ.

رديفا "ڳ"

اي حسن ڏٺي پڌ هي فرياد الهه لڳ،
ديدن لئي دلڙي جو کيو داد الهه لڳ.

چڏ چوڙي نه تون زلف پريشان کي پريرو،
کر کين دلِ عاشقِ برباد الهه لڳ.

نکري کان قفس پڙ نه پکيڙيائين هوا ۾،
سو صيد نه کر اي مرغ اي صيّاد الهه لڳ.

جو دردِ جدائي ۾ تو دلگير گذاري،
کر تنهن کي ملڻ سان سڄڻ شاد الهه لڳ.

ويران کيو ملکِ دل آه غارت غمزه،
اي شاهِ لقا ان کي کيو آباد الهه لڳ.

هڪ دم نه سهي دير ٿي دل تنهن سان اي دلبر،
کر جلد ملڻ جو ڪوئي ميعاد الهه لڳ.

ڏني بوسهٔ لب پوءِ مون کي قتل کيائين،
مون سان کيو قرب هي جلاّد الهه لڳ.

در تنهنجي تي آهي پيو هيٺو هي ولي حال،
"تارڪ" تي کيو عشق جو امداد الهه لڳ.

•

عاشق بيدل رهي سگهندو نه دلبر کان الڳ،
ڪين ڪجهه قمري رهي شاخ صنوبر کان الڳ.

شوخ کي هر وقت خونريزي سندو آهي خيال،
تنهنڪري ٿئي ٿو نه ان جو دست خنجر کان الڳ.

خنجر خونخوار ابرو کان ڊڄي جو ڪينڪي،
پهلوان بيشڪ اهو آه پنهنجي سو سر کان الڳ.

ساقيءَ مه روءَ جي ميگون چشم کان جو مست ٿيو،
چو نه سو ميخوار رهندو باده ساغر کان الڳ.

بي اجازت مون جي ورتو بوسهٔ لب ناه ڏوه،
ڇو ٻڪيو جالي سگهيو نا لقمهٔ تر کان الڳ.

چاهيجئن پڪ هيءَ ته "بعد الموت" طالب تو سندا،
ڪين رکندا استخوان، تنهنجي سگ در کان الڳ.

تنهنجي زلف مشڪبوٗ منهنجو معطر ڪيو دماغ،
تنهنڪري آهيان سمنبر عود عنبر کان الڳ.

جن سڃاتو تو کي گو نا گون مظهر جي اندر،
سي ٻري کان ڪفر دين، مسجد ۽ مندر کان الڳ.

جيڪي ٿيا "تارڪ" موحد سي سدائي ٿا رهن،
سبحه و زنار کان مومن ۽ ڪافر کان الڳ.

•

ٻري ٿي عشق جي جنهن جي نه دل اندر ۾ آگ،
سو آه ائين جو هجي جيئن نه ڪنهن جي گهر ۾ آگ.

اکين ڪٿي هيو بيداد ٻره جو اهڙو؟
هو شوخ آيو آه جاڪون آه شهر هر ۾ آگ.

سنڌم هيءَ جان، جگر آهه ان صنم ساڙيو،
رکي جو ناز ۽ غمزه جي ٿو نظر ۾ آگ.

اٿن ٿا شعر جا شعلا زبان جي رستي،
مي ان جا آهن جا آهه جيءَ جگر ۾ آگ.

انهن کي اهڙو ٿو جن کي تار هوندي تن،
ڏکائي "تارڪ" جا شعر ڀڙ اثر ۾ آگ.

رديف "گهه"

دلڙين لٽڻ جي جهڙي آهي دلربا کي سگهه،
تهڙي نہ آه رهزن اهل جفا کي سگهه.

زخم مژه کي اونهو ڏسي هيئن چيو حڪيم،
"وه تير ان جو ان جي آه بيخطا کي سگهه".

جنهن جي نگاهه ناز سان دل تو ڦري وٺين،
ناهي ڇڏائڻ ان سندي شاه و گدا کي سگهه.

صياد پيري ۾ نہ وجهي تو جو ڄاڻي تو،
پرواز جي نہ آه هن مرغ فنا کي سگهه.

هي پاڪ اڇي ڪفر ۽ اسلام کان ڪيرڻ،
آهي سدا اها وڏي حسن صفا کي سگهه.

تاب لقا کان جنهن جي تہ "تارڪ" ٿي دل جلي،
تنهن جي رهي زياده ٿي طبع رسا کي سگهه.

•

رهي ٿي يار ڏي هر لحظه جان تن جي تانگهه،
وهي نہ بلبل جي دل کان گلرخن جي تانگهه.

لٽائي تو سر و سامان پنهنجي هستيءَ جو،
لڳي جنهن کي ٿي ديدار سيمتن جي تانگهه.

وهي پلايان مون دل کي ٿو وهي گڏ تن سان،
رهي ٿي تنهنڪري مون کي گل چمن جي تانگهه.

ڪشش سڄڻ سنڌي ڪوچي جي ڪيئن نہ ٿئي دل کي؟
پلا مسافر کي ڪيئن نہ ٿئي وطن جي تانگھہ.

ڏسڻ سنڌ رهي هر دلعزيز ٿو اهڙو،
جو تو ڏي يوسف جيئن آه مرد زن جي تانگھہ.

انهيءَ ۾ چاهي جي مون کي پرينءَ جي تانگھہ رهي،
رهي ٿي هردم شيرين ڏي ڪوهڪن جي تانگھہ.

ڪڇائي ڪوڙ سنڌي تانگھہ عاقبت ڪم ٿئي،
سدائي سالم رهندڙ آهي سڄڻ جي تانگھہ.

ز حد آهيان مون دلداد سخن "تارڪ"،
رهيو اڪثر دل کي ٿي نئي سخن جي تانگھہ.

رديف "ڱ"

فصلِ گل آيو مٽي گلرنگ سان پوشاڪ رنگ،
دامنِ سجّاده رنگِ باده سان بي باڪ رنگ.

وجهه نه مشتاقن ۾ مارو ناز بي انداز جو،
اهڙي خونِ بيگناهان ۾ نه روئي خاڪ رنگ.

قتل جي تو کي ڪري يان ٿو ڪين اي جلاّد منع،
پر سندو رت سان پنهنجي ڪين دامن پاڪ رنگ.

هي سرِ سودا زده هردم رهي ٿو بار دوش،
چو نه لاهي تنهن جي رت سان حلقهٔ فتراڪ رنگ؟

ٿيو وري جوشِ جنون دل درد ڪان ٿي درخروش،
هاڻ "تارڪ" اشڪباريءَ سان جيبِ چاڪ رنگ.

●

تنهنجا آهن نرم نازڪ يار لنگ،
ڪيئن سهن سي وارهڪ جو بار لنگ.

نازنين رکجي نظر بد کان حذر،
لاهه ڪپڙو ڪين ڪر اظهار لنگ.

عشق جو ايذا وٺي جنهن شخص کي،
ٿا رهن ان جا بصد آزار لنگ.

جي نهوڙيا نينهن تنهنجي نازنين،
بره کان تن جا رهن بيڪار لنگ.

ناه "تارڪ" جي لنگن تي هي پکهر،
هر گهڙي ان جا وهائن نار لنگ.

SOORIH SINDHI ADAB

ردیف "ل"

ڪيم عشق تنهنجي ڪي برسر قبول،
اگرچ هئس مون ظلوماً جهول.

اٿم آسرو تنهنجي احسان ۾،
ته ڇاٿان ڪندين پاڻ سان نيئي وصول.

سکو خواب ڪلفت کي ڪر ترڪ تون،
محبت جي بيداري ڪر ڪا حصول.

ڪيم پنهنجي عشاق سان اختلاط،
وٺن ڪين هاٿي ٿا اهلِ عقول.

سلن لاءِ محبوب جي "تارڪا"،
من و دست ۽ دامان آلِ رسول.

•

بهار آيو ٿيو گلزار گل گل،
ٿيو هر گل جي ڪان هيڪار هل هل.

وري وڻ ٽڻ ڦُٽي سرسبز ٿيڙا،
ٿيو ڏسجي باغ ۾ گل گل ٻلبل.

پوي پوڪار ٿي ڪُوڪُو جي ڪن تي،
سونهن ٿا سروُ جي شاخن تي صلصل.

ڪرن ڀڪار ڀونر ۽ مرغ چه چه،
انهيءَ ڪان آهي منجهه گلزار غلغل.

SOORIH SINDHI ADAB

مساجد مان اچي آواز ’قل‘ جو،
خراباتن ۾ آهي شور قلقل.
لکو ”تارڪ“ وڃي هر ڪوئي لاري،
تون وٺ دامن سندي هسوار دلدل.

●

ڪنهن کي چوان چشم ڪنهن منهنجي ڪئي چور دل!
پايون وڃان پيٽ ۾ پُور مڃي پور دل.

نشهء جام طهور آهه سمايل منجهس،
گرچه ٿي مقدار ۾ دانهء انگور دل.

ٿي ڪري آه و فغان درد ۾ دلدار جي،
ان ڪري آهي ادا مون سندي معذور دل.

جاڪون ٿي آه آشنا سهڻي ستمگر سان نئي،
تاڪون رهي روز شب رنج ۾ رنجور دل.

جي اچي ”تارڪ“ نظر دل کي ڪوئي دردمند،
هوند تهين سان سلي سور منجهان سور دل.

●

مصرع طرح :- ”قبضه ۾ هاڻ ناه سندم بيقرار دل“

شمشير ناز سان ڪري منهنجي فگار دل،
شڪر خدا جو پاڻ سڄڻ ڪئي شڪار دل.

جاڪون جمال يار جي سان چشم چار ٿي،
تاڪون ڏسي پيو نه ٿي نقش و نگار دل.

پرده دوئي جا ڦاڙي آه غنچه صفت نئي،
وحدت سندي نسيم کان آهي بهار دل.

برگ خزان مثال ٿي درد فراق ۾،
ھل ھاڻ پاسي ۾ اڳي منھنجي ٿي خار دل.

دنيا جي ڪاروبار ۾ ڦون ھٿ آه ان ڪيو،
مولي جي عشق جو ڪنيو سر آه بار دل.

بيزار ماسوا کان ٿي محو جمال حق،
منجھه عشق مست عقل اندر ھوشيار دل.

زاھد گھري نه قند، نه شڪر، نه شير، ڪجھه،
چاھي سدا ٿي جام مئي خوشگوار دل.

ڀو ڪھڙو شڪ ڪو منھنجي صداقت ۾ ٿي پرين؟
سر چاھي جڏھن آه ڪئي مون نثار دل.

ٿيون اشڪبار ڀوء اکيون عشق تنھنجي ۾،
اول ٿي تاب حسن کان زار و نزار دل.

منھنجي زبان ھڪڙي چمي يار کان گھري،
جاچيان ڪٿي اندر ته گھري ٿي ھزار دل.

اسباب عيش عشرت موجود آه مون ڪي،
پر ڪاڏي ڪريان چاڻي نه ٿي پائدار دل.

آھي تونگرن کي جيئن فخر مال تي،
تيئن فقر تي ڪري ٿي سندم افتخار دل.

جاه و جلال، عزت و اقبال و حشم،
عاشق جي تن تي ڪين ڪري اعتبار دل.

رزاق وعده رزق جو قرآن ۾ ڪيو،
ڪاني نه ھاڻ منھنجي غم روزگار دل.

عالم ۾ بيڪسيءَ جي رھي محو تنھن ڪري،
جو ڪو وفا ۾ پورو ڏٺو ڪونه يار دل.

محشر ۾ هوندو داغ سندس آفتاب جيئن،
تي دردِ دوست کان جو سندم داغدار دل.

منجهه وقت ڪاه جي وٺي لنگهي عرش کان اگهي،
ذڪر ـ حقيءَ جي گهوڙيءَ مٿي تي سوار دل.

ڪنهن ساڻ اوري حال غم و دردِ عشق جو؟
افسوس! جو ڏسي تي نه ڪو غمگسار دل.

مون سان اچي ثبوت سچائيءَ سندو ڏئي،
اهڙو ڏيئي گهي تي سندم اشتهار دل.

اهڙي نه مون کي ڪانه سجهي تي ڪهين جڳهه،
دلبر جي دوستيءَ ۾ رکي جا قرار دل.

مون تو گهران ته هوند رهي اختصار نظم،
پر وس نه آه جو ٿي گهري اقتصار دل.

دنيا تي پروسو نه نڪي مال ان جي تي،
هڪ ڏينهن تيندو مال و دنيا مثل مار دل.

”تارڪ“ نٿي نصيحت منهنجي تي ڪن ڪري،
”قبضه ۾ هاڻ ناه سندم بيقرار دل.“

●

[صنعت لزوم ما لايلزم، التزام]

چشم گل، لب گل، دهن گل، خال گل رخسار گل،
دست گل، انگشت گل، پاگل، بدن گل، وار گل.

آءُ آهيان ان جو بلبل جنهن جي زيب تن ٿيو،
جامه گل، دستار گل، سلوار گل، پيزار گل.

تنهنجي باغ حسن ۾ بادِ جوانيءَ کان کليو،
جوڙ گل، جنسار گل، سينگار گل، اطوار گل.

سير سانگي ڪيو گذر ان گل لڳا جنهن ڪان ٿيو.
شهر گل، دڪان گل، سامان گل، بازار گل.

آيو مون وٽ گلبدن، ٿيو عڪس ان جي ڪان سندم،
خانهٔ گل، ايوان گل، بام و در و ديوار گل.

نازنين تون آنهن سارو رشڪِ گل تنهنجو عجب،
شاخ گل ۽ برگ گل ۽ تخم گل ۽ خار گل.

گلرخن جي وصف ۾ گلزار معنيٰ مون چني،
خوب تو پوتو آ "تارڪ" منجهه سخن جي تار گل.

●

دل اڙي يار سان ٿيو تنهن کي ڇڏائڻ مشڪل،
اڪ پئي سهٽي سڄڻ تي سا ڦيرائڻ مشڪل.

زلف جي قيد ۾ ڪيو آه قربين قابو،
سر انهيءَ سرڪڻ ڦاهيءَ مون ڪڍائڻ مشڪل.

ريءَ ڏسڻ ماه رخن ڪين ٿئي دل مسرور،
طفل ٿي آه ٿيو تنهن کي ريجهائڻ مشڪل.

حسن بيوس هٽي ديواني ڪئي منهنجي دل،
تنهن کي ڪنهن حيلم ٿيو هشيار بنائڻ مشڪل.

نينهن ناتي کي نڀائڻ نہ ڪچن جو ڪم آه،
آڳ تي سيخ مکڻ جي آه پچائڻ مشڪل.

پرت جي پيڙ ۾ پيو پير اچي جڙهن آه،
جي قدم چايو تہ وه، نہ تہ ٿيو هٽائڻ مشڪل.

نينهن "تارڪ" ٿيو نروار لڪڻ ڪان لنگهي،
عقل جي پردي ۾ ٿيو ان کي ڇپائڻ مشڪل.

●

كول گھونگھٽ تا سندءِ عاشق ٿين محوِ جمال،
سر فدا ڪن تو مٿان دلبر بصد جذب و جلال.

قرب تنهنجي عاشقن سان هيءَ ڀلائي پنهنجي ڪئي،
جو زوال اندر سندن تن روح تن جو در ڪمال.

اي سجڻ سائين ڏي جوشِ عشق منهنجي جان کي،
تا جلي اسباب قال ۽ رونما ٿئي شوق حال.

ڪاهلي منجهه راهِ عشق آهي وبالِ بي حساب،
ڪر ڪو چالاڪِ محبّت، بخش ڪو چستيءَ جو خيال.

عقل جي آلودگيءَ کي ڌوءِ آبِ عشق سان،
آڻ ڪوئي ابرِ وحدت، مچ خدا "تارڪ" جو سوال.

●

لذتِ دنيا وٺي بيغم ٿين آهي محال،
غم محبّت جي بنا آدم ٿين آهي محال.

پرتوِ تن مؤن نه جيسين ٿئي جدا نورِ خيال،
تيسين رازِ حق سندو محرم ٿين آهي محال.

آتشِ عشق و محبّت تا نه سازي ماسوا،
دلبر توحيد سان همدم ٿين آهي محال.

اک جنهين جي جام دل ۾، آه سو جمشيد وقت،
قصّہ خواني جامِ جم مؤن جم ٿين آهي محال.

خانهءِ بغض و حسد ازبس ڪِ آه سنگين نهاد،
سيل مستيءَ جي بنا برهم ٿين آهي محال.

تـوڙي افلاطون ڪري، يـا هوئي جالينوس ڪو،
زخــمِ تيغِ عـشق جـو مـرهـم ٿين آهــي محال.

تـا خيال ڪبر "تارڪ" ڪين سرتـا پـا ٿئي گم،
دل ۾ ذاتــي جـلـوهٔ اعـظـم ٿـين آهـي محال.

•

[مصنوع و عجيب]

ڪسي ويو منهنجي دل دلبر، چا دلبر، دلبرِ فاضل؟
چـا فـاضل، فـاضلِ رهبر، چـا رهبر، رهبرِ ڪامل؟

سندس دستار جو طرّه، چا طرّه، طرّهٔ دلڪش؟
چا دلڪش، دلڪشِ عالم، چا عالم، عالمِ عاقل؟

جمالِ دلـربـا انـور، چـا انـور، انـورِ لامـع؟
چـا لامـع، لامـعِ اظهر، چـا اظهر، اظهرِ محفل؟

بتِ طنّاز مه پيڪر، چا پيڪر، پيڪرِ قـدرت؟
چا قـدرت، قدرتِ قـادر، چا قادر، قـادرِ عادل؟

سراپـا جلوهٔ وحدت، چا وحدت، وحـدتِ واحد؟
چا واحد، واحدِ ايـزد، چا ايـزد، ايـزدِ هر دل؟

عجائب صورتِ خوشتر، چا خوشتر، خوشترِ فرّخ؟
چا فـرّخ، فـرّخِ فـائق، چا فـائق، فـائقِ قـابل؟

سندم دل عشق ۾ ڦاٿي، چا ڦاٿي، ڦاٿي ٿي سوگهي؟
چا سوگهي، سوگهي ٿي گڏجي، چا گڏجي، گڏجي ٿي شاغل؟

ڪيم دلدار سان صحبت، چا صحبت، صحبتِ قربت؟
چا قـربت، قـربتِ خـاطر، چا خاطر، خاطرِ مائل؟

محبّت مون کي ڪيو "تارڪ" چا تارڪ، تارڪِ ڪثرت؟
چا ڪثرت، ڪثرتِ ڪلفت، چا ڪلفت، ڪلفتِ جاهل؟

●

[صنعت بي نقوط]

[اهڙي عبارت يا نظم لکيو وڃي، جنهن ۾ نقطي وارا حرف نه هجن. هن کي عاطله يا مهمله به سڏيو ويندو آهي]

اهو سردار سرور آه سالم،
احد اعليٰ، عمل وارو سو عالم.

سدا سهڻو سگهارو آه اطهر،
امام اڪمل، مڪرم سر حاڪم.

ڪرم ڪر، مهر ڪر، ڪر داد عادل،
عطا ڪر حال و اصل، وصل دائم.

سدا آ محو ۽ مسرور هردم،
حرم ۽ حامد و موصول صائم.

سدا محڪم رسول الله محمد،
مڪمل لاءِ "تارڪ" آه راحم.

رديف "م"

پئجي سودا ٿو دل ۾ خام تي خام،
ٻڪاري دل ٿي تنهنجو نام تي نام.

ٿو لٽڪي زلفِ مشڪين خط سيه تي،
سو آهي عاشقن کي شام تي شام.

مگر ڏورين کي ڏيکاريندو جلوو،
بنائي ٿو پرينءَ جو بام تي بام.

جتي ناهي وسيلو ڪو وڃڻ جو،
اتي عاشق وڃن ٿا گام تي گام.

اشارا تيغ ابروءَ جا اسان کي،
ڏين "موتوا" سندي ٿا مام تي مام.

حسن جو باز منهنجي مرغ دل کي،
جهٽڻ جي لئه ڏئي ٿو جهام تي جهام.

ملاحت تي ڇڏي ٿو زلف ڇوڙي،
وجهي ٿو عاشقن کي دام تي دام.

لشي ۾ تار ٿيو "تارڪ" تهين ڪان،
مئي وحدت جو پيتئين جام تي جام.

•

حسن تنهنجو آهه هزاري، گل بهاري، اي صنم،
بره تنهنجو آهه باري، بيقراري، اي صنم.

شوق تنهنجو آهه شعلا ٿو جلائي جان کي،
سوز سازي سُرت ساري، هوشياري، اي صنم.

طالبن تنهنجن کي تن من آهه تهدل تنهنجي تانگهه،
آهه زاري، انتظاري، جوش جاري، اي صنم.

ناهه ثاني تو سندو ساري خدائيءَ ۾ سڄڻ،
تنهنجي آهي تاجداري، برقراري، اي صنم.

سڀ ڇني سگ ۽ سياپا لڙ ۾ سنڌ ۽ لاري لڳس،
تنهنجي ياري، ڳل ۾ ڳاري، پرت پياري، اي صنم.

نينهن تنهنجي ۾ ڇڏيو "تارڪ" سڀ ناموس ننگ،
وجهه نه ڳهاري، مهر واري، ڪر ستاري، اي صنم.

•

ناز نؤ نؤ نازنينن جو نيو ڪر،
عشقبازي صاف سينن جو نيو ڪر.

زلف کي ڇوڙي ڇڏڻ رخسار تي،
هي نه هڪڙو مهجبينن جو نيو ڪر.

جي ڪني مون اشڪباري تون اڳيان،
ناهه غم جو هي خزينن جو نيو ڪر.

بوسهء لب تي نه ٿي آزرده جو،
اهڙي گستاخي قربنن جو نيو ڪر.

خيال جهٽ پٽ دوست وٽ ڏس ٿو وڃي،
پا پياده هي مهمنن جو نيو ڪر.

آبرو اشراف جي لاهي وجهڻ،
جاتي ڪائي هي ڪمينن جو ٽيو ڪم.

منهنجي دل مؤن نڪتو جي گنجِ سخن،
چاهي ان ۾ هي دفينن جو ٽيو ڪم؟

علم ڪم ۽ شعر وڏ جو داد پاڻ،
چا ڏيان هي ناظرينن جو ٽيو ڪم.

بي خطر "تارڪ" سخن سنجي ڪجي،
نڪته چيني نڪته چينن جو ٽيو ڪم.

•

درد تنهنجو ٽوڪري ڏس در بدر تنهنجو قسم،
سوز سازي ساه کي ٽو سر بسر تنهنجو قسم.

نينهن تنهنجو نامرادي پرت تنهنجي پاڙ پٽ،
بره تنهنجو ٽو ڪري بي پاؤ سر تنهنجو قسم.

پيو نه آهي، پيو نه ٿيندو، پيو نه هوندو، پيو نه چؤ،
تون اندر منجهه دم بدم، تون در نظر تنهنجو قسم.

تو ڪيو مخمور، تو منصور، تو مجنون ڪيو،
تو نيارو، تو جدا، تو ڪيو پڌر تنهنجو قسم.

ناه "تارڪ" کي نظارو تنهنجي صورت ريءَ سڄڻ،
ٿو ڏسي تو کي سدا باهر اندر تنهنجو قسم.

•

ڏسي سرّ آنا احمد بلا ميم،
'اناالحق' چيو شهه حلاّج بي بيم.

خوديءَ کي گم ڪرڻ ذاتِ خدا ۾،
تڏهن ڪان ٿي مروّج آه تعليم.

چون "قم باذني" شمس تبريز،
ڪئي نئي قصر بيرنگيءَ جي ترميم.
چيو عطّار بيخود "من خدايم"،
ڪيائين سرّ احديت جي تفهيم.
سوا رندن جي هن رمز نهان ڪي،
نه ڪن زهّاد نا عبّاد تسليم.
تڏهن ثابت ڪيئن سرّ 'انا الله"،
جڏهن ڪئي ترڪ "تارڪ" هفت اقليم.

●

نم (١) نظر ساقيءَ سندي پيمانہ ۾،
آسرو آهي ڪرم رندانہ ۾.
ڪڍ سڳهو ڪثرت جي آباديءَ منجهان،
تا وڃان وحدت سندي ويرانہ ۾.
مون گداگر تي نوازش ڪا ڪريو،
عرض هي آه بارگه شاهانہ ۾.
ڪر نہ بيگانو تون پنهنجو آشنا،
ڇڏ نہ پنهنجو آشنا بيگانہ ۾.
نيستيءَ جي طالبن کي "تارڪا"،
آنهن ۾ لذّت نہ آهي جانہ ۾.

●

[بزم مشاعره ڪراچي ١٦ - ڊسمبر ١٩٣٣ع]
مصرع طرح:
"قلب مان ڪينو ڪڍي هڪ ٿي وڃو هر حال ۾"
ڇو پيا آهيو ٻيائي واري ٻائيتال ۾،
قلب مان ڪينو ڪڍي هڪ ٿي وڃو هر حال ۾.

---

(١) اثر.

حسن تنھنجي تـي سچڻ منھنجو ويـو من موھجي،
تو تي گھورڻ لئي وڏا آھن مان ھٿ اڄ مال ۾.

پـَرُ سچو ٿي ورھيہ گذريو ۽ ملڻ توسان نہ ٿيو،
چيو نـجـوميءَ وصـل جي اميد آ، ھـن سال ۾.

آھين جي عارف تہ ڪر سارھہ سچي مالڪ سندي،
چـو مٺو مـاريـن اجـايـو وصف خط ۽ خال ۾.

خوب ميس ڪولي ڪيٽ، ھوٽل برانڊي جي ڪڍي،
پيگ پيي پـو واڪ تـي ويٺي فـريـٽر ھال ۾.

جـي نئون فيشن ڪرين ۽ خـاص جينٽلمين ٿئين،
نا اڙين تون جھوني فيشن جي ڪڏھن جنجال ۾.

عاشقن ڪي ٿي وڻي بـدنـامي تنھنجي بـرھہ جي،
ڪـين ڪي لائـين دل سي عـزّت ۽ اقبال ۾.

پائنين جي گھگھرو ۽ چاري منھن تي ڏئين اي نازنين،
ھونـد ٻـارين بـاھہ تـون ڪشمير واري شال ۾.

ڪر ادا لنڊن وڃڻ جي سيگھہ مـان تياري ڪٿي،
گـھـر ڇـڏي اڙ ڪينڪي تون ٻار ۾ ۽ زال ۾.

ٽيي، شگر، سان چاھہ رکب ۽ ميز تي ڪائج فروٽ،
ڊيـمفـول آھين اگـر دل تـو اڙائـين دال ۾.

"تارڪ" اڄ ميس حسن سان گرجا ۾ وٺي دلڙي ڪسي،
اھڙي اڪـر ڪانہ ڪـا چنچل ڏٺي مون چال ۾.

●

[بزم مشاعره حيدرآباد سنڌ]

(۷- مارچ سنہ ۱۹۳۷ع)

مصرع طرح: "ساغر ٿو ھلي خون جو اڄ بزم چمن ۾"

دل تو سوا ڪهاري ٿـي سندم رنج و محن ۾،
ٿي ڪين لڳي تو سوا ڪنهن مال يا ڌن ۾.

هـر جـاءِ سـنـدءِ جـلـوهٔ انـوار عـيـان آه،
ڏسجي ٿـو شجر، شاخ ۾ گل غنچه ۾ پـن ۾.

هي زلف جو منهن گوش سندءِ سان جو لڳل آه،
ڏس مون ڪي تہ ڇا ٿو چوي تو ڪي اهو ڪن ۾؟

وحشت ڪيو غلبو اچـي فـرقـت ۾ سڄڻ جـي،
ڪيئن پوءِ نہ رهجي وڃي ڪنهن بر ۾ يا بن ۾.

ساقي جو اچي نـاز سان پيالو تو ڏنو مٺي جو،
مون ورتو ٿي خوش موسم گـل توبه شڪن ۾.

هـن سال بهار آيـو وڏي جوش سـان اهـڙو،
جو ان جـو اثـر ٿيو عيان سوسـن ۾، سمن ۾.

گـلـزارِ حقيقت مـان اچـي بـوءِ ٿـي ذاتـي،
جنهن جهڙي نـہ آه نافهٔ خوش مشڪ ختن ۾.

دنـيـا اها زن آه جـا عشوه سـان ٿي موهي،
پـر نـاه ڪـا امـيد وفـا جـي هـنـي رن ۾.

"تارڪ" بتِ طنـاز جي الفت ڪان سندم دل،
مانوس ذهـانت سـان رهـي شعر جـي فـن ۾.

●

دلڙي پڪاري منهنجي ڇٺي يـار دم دم،
هر وار سڪي سڪ ۾، تو وار وار دم دم.

ڪيون ياد تنهنجون ڳالهيون، چاليون سندءِ نراليون،
بـيـوس روئـي ٿـي بيشڪ، دل زار زار دم دم.

تنهنجي گهٽيءَ ۾ عاشق ڪي ٻيڪو جالي مجنون،
ساري ٿو سنگ ان جي سر، ٻار ٻار دم دم.

ڏاڍي ڪريان ٿو ڪوشش، توسان گڏ هجڻ جي،
پر تون ڪرين پيارا، ٿو ڏار ڏار دم دم.

منجهه باغ وصل تنهنجي، بلبل مثال ”تارڪ“،
گلچين جي هٿ کان کائي ٿو خار خار دم دم.

•

مصرعِ طرح:

”دل پريشان آ سندم، زلفِ پريشان جو قسم“

جان فدا عشق ۾ آهيان، مون کي جانان جو قسم،
عاشقِ صورتِ جانان آهيان، قرآن جو قسم.

خواهشِ حور نه آهي نه پري غلمان جي،
والهُ مظهرِ انسان آهيان يزدان جو قسم.

ناهه مون کي ڪا طلب شير، عسل، جنت جي،
تشنهءَ بادهء آهيان ساقيءَ رندان جو قسم.

مون کي ڪجهه ناهه تمنائي چمن خلد سندي،
اي حريفو ٿو کڻان ڪوچهء خوبان جو قسم.

صبح صادق جي طرح منهنجو اندر آهي صاف،
مون کي پنهنجي آهي هن چاڪِ گريبان جو قسم.

صورتِ يار ڏٺي ٿم نه چمن ۾ ويندس،
تنهنڪري مون کنيو آهه سير گلستان جو قسم.

جي ملي يار تہ قربان ڪريان هي سڀڪي،
سر و سامان نہ واريان، سر و سامان جو قسم.

ٿا چون يار سندءِ جلوہ سدا پنهان آہ،
مون ڏٺو ان کي عيان، جلوہٗ پنهان جو قسم.

دين ايمان ڪيم عشق ۾ دلبر تي نثار،
چاهي هي جان ۽ دل دين ۽ ايمان جو قسم.

عشق ۾ مست آهيان ڪنهن تي نظر منهنجي ناہ،
چاهي فغفور ۽ جم تو سندي دربان جو قسم.

ڪين هيئن ساڙ مون کي هجر ۾ اي رشڪِ پري،
تو کي تنهن لئہِ ٿو وجهان تختِ سليمان جو قسم.

دل ڦٽري آہ بتِ بيدين نہ قسم سان ڏيندو،
ڪين ڪافر کي ڪندو ڪجھہ بہ مسلمان جو قسم.

منهنجي دلبر جو ڪيو وعدہ هو ڪلهہ يارن سان،
لئي سچائيءَ جي ڪيئن مون سندي ديوان جو قسم.

مون کان "تارڪ" نہ ٿو اجهي ڪوئي دنياسندو ڪم،
دل پريشان آہ سندم، زلفِ پريشان جو قسم.

•

ذات بيرنگيءَ جو آ اسرار دم،
زندگيءَ جا ٿو رکي آثار دم.

دم منجهان آدم ٿيو آہ دم کان عدم،
آ عدم مؤن آدمي اظهار دم.

صورتِ آدم ۾ معنيٰ دم ٿيو،
آہ پتلي آدمي ۽ تار دم.

دم منجهان ٿيو عالمِ اجسام خوش،
عالمِ اجسام ۾ انوار دم.

سو دمن ڪان آهه سو "تارڪ" ڀلو،
ياد حق ۾ جو گذرين يڪبار دم.

•

[صنعت ذوقافيين مع الحاجب]

[شعر ۾ ٻه قافيا آندا وڃن ۽ انهن جي وچ تي رديف آندو وڃي (جنهن کي حاجب چيو ويندو آهي). جنهن شعر ۾ حاجب هجي، تنهن کي محجوب به چيو ويندو آهي.]

آهيان مون ڪشتهء فرقت، تنهنجي وصلت جو قسم،
آهيان مون عاشق صورت، تنهنجي طلعت جو قسم.

غم فرقت ۾ شب و روز گذارڻ آيم،
آهيان مون خستهء هجرت تنهنجي الفت جو قسم.

نه وڻي شهد، نه شڪر تنهنجي لب جو سوڳند،
نه وڻي سروَ جي صورت تنهنجي قامت جو قسم.

هيئن نه ڇڏ گوشهء محنت ۾ سراسيمه سدا،
ڪيو بي تاب محبت تنهنجي شفقت جو قسم.

مدعا تنهنجي ملڻ ريءَ نه اٿم ٻي ڪائي،
غمزده ڪيو غم محنت تنهنجي صحبت جو قسم.

وهم پندار ڪيو آهه هٿي خوار خراب،
بخش ٿي ڪانه ڪا خلوت تنهنجي عشرت جو قسم.

دوئي جي دام کان ڪر گردن "تارڪ" آزاد،
قيد آهي ڪيو ڪثرت تنهنجي وحدت جو قسم.

رديف "ن"

عيش عشرت، رنج راحت، وصل هجرت چار ڏينهن،
عشق الفت، يا عداوت، آهه مدت چار ڏينهن.

شان شاهي، ڪج ڪلاهي، سَوَ سپاهي، سڀ گذر،
شان شوڪت ناز نعمت، تاب حشمت چار ڏينهن.

بهار جانيءَ جي جواني، جاوداني ڪين آهه،
محب مورت، خوبصورت، سرو قامت چار ڏينهن.

روءِ گلگل، شور بلبل، سروُ صلصل، در چمن،
باغ فرحت، خار زحمت، گل جي صورت چار ڏينهن.

شعر "تارڪ" ڪر نه مخفي ٻل ته عرفي ٿئي عيان،
لاءِ شهرت توکي فرصت آهه مهلت چار ڏينهن.

●

سدا عشاق ٿا غم ۾ گذارن،
ملڻ جي واٽ هردم پيا نهارن.

هجن پيغام عجيبن ڏي نياپا،
اچڻ لئي ڪانگ ڪيئي پيا اڏارن.

رکن ٿا ياد هڪڙو يار دل تي،
پيا سڀ واسطا تنهن لئي وسارن.

سدا ٿي سي نيرويا مست جن کي،
پرين پنهنجي هٿن سان جام پيارن.

ڏني خوبن کي خالق اهڙي قدرت،
جو مشتاقن کي ڪاري زلف ڳارن.

اهي ”تارڪ“ وتن ويڳاڻا هردم،
جيڪي دلبر جي در کان دور ڳهارن.

•

ديد تنهنجي ڏس ڪيا ڪيڏا ڪلور اي نازنين!
هڪ نگهه سان گهوٽ ڪيئي گهايا گهور اي نازنين!

پاره پاره دل ڪئي ٿي پار تنهنجي پرت ۾،
تو پرينءَ جا ٿا پون پيا جنهن کي پور اي نازنين.

واسطي تفريح دل تيغ تغافل تو سندي،
بره وارا ڪيئي ماريا بي قصور اي نازنين.

جيئن پوي ٿي زور سردي تيئن سنڌ سڪ سوز کان،
ٿا تپن سان آڳ دلڙين جا تنور اي نازنين!

ڪم نوان، سڀ غم نوان، ماتم نوان، همدم نوان،
عشق تنهنجي ۾ نوان پاتم امور اي نازنين!

مون قديم الخدمت آهيان تو سڃاڻي مون کي ڪين،
پيا تہ سڃئي تو سڃاڻين منجهہ حضور اي نازنين.

نينهن کان ”تارڪ“ پسي تو عشق ۾ ثابت قدم،
غم نوان، سختيون نيون، پيا سهس سور اي نازنين.

•

رخ تنهنجو شمس لامع نصف النهار حسن،
قد تنهنجو آہ صنوبر بر جوئبار حسن.

لب لالہ، چشم نرگس، سنبل مثال زلف،
تازه رهن ٿا خوب سدا کان بهار حسن.

بيدار روز محشر تائين نه ٿئي آهو،
جو چشم مئي فشان کان رهي ميگسار حسن.

کهنبي جو چنڪو آه سو رهندو نه دائما،
اي جان من نه ايڏو ڪجي افتخار حسن.

لاريب ڪور باطن آهن آهي گروه،
جي اهل ديده بڻجي ۽ ڪن ٿا عار حسن.

يارو ڪريو ملامت جي سؤ دفعا ڪٿي،
"تارڪ" مڙئي ته پي نه رهي دوستدار حسن.

●

همه اوست جيڏي نظر ٿو ڪريان،
پسي حق کي روشن بصر ٿو ڪريان.

خدا ۾ ٿيا گم وساري وجود،
انين مون وطن ۾ سفر ٿو ڪريان.

رکان لامڪان ڏي ٿو عزم عظيم،
مڪين و مڪان کان گذر ٿو ڪريان.

نه ٿئي ملڪ حاصل جو سان جلهه جنگ،
بزور خيال آت تي گهر ٿو ڪريان.

ڪريان جسم ڪاهيده ٿو جيئن هلال،
مگر روح روشن بدر ٿو ڪريان.

رهان بي خوديء لاء بيتاب ٿو،
خوديء کان ته هردم حذر ٿو ڪريان.

هان "تارڪ" مان سرور بسر خدا،
مگر بي سروپا بسر ٿو ڪريان.

●

مون عاشقِ ديوانه، نه ڪافر نه مسلمان،
مون بيخودِ مستانه، نه ڪافر نه مسلمان.

نا هندو، نه مسلم، نا گبر، نه ترسا،
سڀ ڪيش کان بيگانه، نه ڪافر نه مسلمان.

پيمانه بدست آهيان، پيمانه شڪسته،
پڻ ساڪنِ ميخانه، نه ڪافر نه مسلمان.

مون صوفيءَ دل صافي و منجهه ڪنجِ تصوّف،
منجهه عاشقي افسانه، نه ڪافر نه مسلمان.

پروانه جان جي ڪا مٿي شمعِ رخِ يار،
سو جان سان پروانه، نه ڪافر نه مسلمان.

نا شيعه و نا سني، آهي ”تارڪ“ مسڪين،
هم ساغرِ رندانه، نه ڪافر نه مسلمان.

●

ڪڏهن مان عاشقِ رسوا برائي دلربا آهيان،
ڪڏهن آشفته و پابند در شوقِ لقا آهيان.

ڪڏهن سوزان بيادِ خال مثلِ دانهءِ اسپند،
ڪڏهن رعنا بيادِ قدّ دلبر سروَ سا آهيان.

ڪڏهن لختِ جگر کاوان، لبِ رنگين جي ياد اندر،
ڪڏهن لاله صفت پُرّ خون لئي دستِ پُرحنا آهيان.

ڪڏهن فرصت اندر ان عارضِ خورشيد انور جي،
صفت ذرّه ٿيو سرگردان ۽ ٿيو سردر هوا آهيان.

سدا منجهه ڪوچهءِ جانان پسڻ ان گلبدن جي لئي،
وزيده هر سحر ”تارڪ“ صفت بادِ صبا آهيان.

•

هاءِ هن بندِ وجوديءَ ۾ گرفتار آهيان،
طاقتِ آزادگي ناهي جـو ناچار آهيان.

در حقيقت آهيان گلزار بيرنگيءَ جو گل،
پر ٿيـو بادِ خزانِ لون کان خار آهيان.

آسمان قدسي سندو خورشيد آهيان تيزتاب،
خاڪوانِ دهر ۾ ٿيـو ذرهء مقدار آهيان.

منجهه حريمِ لامڪانِ جي گوشهءِ خلوت ملي،
هن مڪان جي ڪان سڪونت بسڪه بيزار آهيان.

قطرگي جي حال ڪان آهيان ٿيو گهٽ ڪان حباب،
ورنه ناپيدا ڪنارِ بحر ذخّار آهيان.

جاذب جانها بجولانگاهه وحدت زود مون،
جان "تارڪ" ڪر جلا با تيره و تار آهيان.

•

[بزم مشاعره ڪراچي: مارچ ١٩٣٤ع]

مصرع طرحءِ "يا رب ڏسان مون جيڏري ديدار دلربا جو"

صورت مؤن ان جي ظاهر جلوو ٿيو خدا جو،
هر دو جهان هجڻ ٿيو ان بت جي خاڪِ پا جو.

هو پاڻ نور آهي، ٿيو ارض ۽ سما جو،
شمس ۽ قمر ٿيو چمڪو ان جي صفا ضيا جو.

بيچون، بي نمونه، بي مثل آه بيرنگ،
اڙ ان جي لاءِ ناهي آثار ماسوا جو.

پيچ دل جي ڪعبي وارا بت غير جا ٿي جيڪي،
ڪر صاف پنهنجو خانو جاروب ڪري تون 'لا' جو.

لا خوف جي لقا کي پهچي نہ خوف وارو،
ڪئين ماڻي وصل بيخود ڪيو آ خودي جدا جو.

عارف جي دل لڏي نا توڙي ڏسي جي ڪاڻي،
رخ پاڻ ڏي بلا جو يا جور جو جفا جو.

جو سر سٽي ڏي سورهيہ ميدان عشق اندر،
ٻپ ڏاڄ ان کي هردو عالم ۾ ڏيندو ڇاجو؟

گمراہ ڪيئن ٿيان مون سلڪ سلوڪ پاڻي،
رخ تنهنجو ٿيو خضر جيئن رهبر رہِ هدا جو.

اي قدردان معنيٰ نظم سخن حقيقي،
پڌ منهنجي بذلہ سنجي آهيان سخن سرا جو.

انجي اڳيان پڙهان هيئن، "تارڪ" ٿي خوش غزل کي،
"يا رب ڏسان مون جيڻي ديدار دلربا جو".

•

[بزم مشاعره ڪراچي ٢٠-جنوري ١٩٣٣ع]

مصرع طرح: "زمانو سڄو بي وفا ٿي ويو"

سندم يار تي سر فدا ٿي ويو،
ڪريان شڪر هي حق ادا ٿي ويو.

مون مئي پي جو ميخاني کان ٿيس ٻرون،
چيو ساقي هي مست ها ٿي ويو.

جدائي جي گهاٽي ۾ پيڙ ٿيءِ مون کي،
مگر مون کان غم سڀ جدا ٿي ويو.

اسان اصل کان آهيون تيئن رند طبع،
هو جيئن هاڻ آہ پارسا ٿي ويو.

بقا جي سو منزل تو ماڻي وڃي،
جو مشتاق ازجان فنا ٿي ويو.

تو مٽي کي چوي يارو زاهد حرام،
اجهو پاڻ درپئي ريا ٿي ويو.

جي ميخانہ جو رستو ورتہ ڪٿي،
سو مون لاءِ راهِ هُدا ٿي ويو.

اهو ڪين گمراه عالم ۾ ٿئي،
پرين جنهن سندو رهنما ٿي ويو.

تون مون سان وفا ڪيئن ڪندين ماهرو،
"زمانو سڄو بيوفا ٿي ويو".

نہ "تارڪ" کي مشڪل جي پرواه آه،
علي ان جو مشڪل ڪشا ٿي ويو.

●

[بزم مشاعره حيدرآباد سنڌ]
(٢١- اپريل ١٩٢٥ع)

مصرع طرح: "ڪوشش ڪري سڌاريو، هن وقت حال پنهنجو"

ڪوشش ڪري سڌاريو، هن وقت حال پنهنجو،
آسان ڪيو با همّت، مشڪل محال پنهنجو.

هو اصل جو اوهان جو، ان کي اوهان سڃاڻو،
آهي جي ڪجهہ اوهان کي خالص خيال پنهنجو.

سڀ مرتبا ۽ منصب، محتاج ٿيا اوهان جا،
تن جي وڏن جي ڪارڻ، گهرجي ڪمال پنهنجو.

از فرش عرش تائين، مالڪ اوهان ئي ٿيندؤ،
محڪم ڪريو خدا سان، جي اتّصال پنهنجو.

هر دو جهان جي شاهي، آهي اسان جي هٿ ۾،
محتاج ٿي ڪريون ڇو، ڪنهن کي سوالِ پنهنجو.

ناهل وٽ نوابو، بيجا ڇو پنهنجي گردن؟
رتبو هٿي ڪريو نه، ڇو پائمال پنهنجو؟

جو زخم بدزبان کان، پهچي ٿو جسم و دل تي،
سو ڪنهن دوا سان ولندو نه اندمال پنهنجو.

مايا سا زال آهي، ڪنهن سان نٿي نباهي،
دلبي لئي ٿي سنواري، نت خد و خال پنهنجو.

گمراه ٿي ڇو رکجي ڪنهن تي اجائي تهمت،
ڪنهن جي نه لاهي سر تي رکجي وبال پنهنجو.

بد اصل نسل بد سان ساهون نه ٿي اي اشراف،
سان پاٽي کاري مٽ نه، آبِ زلال پنهنجو.

حق صدق تي سچاتو، ٿي نه ڏلو غلط ڏي،
'اسهد' کي ورد ڪيو ٿي جڏهين بلال پنهنجو.

ميدان معرڪي ۾ پڌرا پيدا ڪري ٿو،
توٽي هٿي جي شينهنِ جو دم شغال پنهنجو.

جي مار وانگي چاڙن نه مال منجهه تو ڪل،
تن تي نه ڪر تونگر تون فخر مال پنهنجو.

نغمو حقيقي ويهي جڏهون ٿو وه پڌائي،
خوشنود ڪر خدايا هر دم قوال پنهنجو.

ڪڙمي نه آه جي ڪامل، ڇو پوک پنهنجي پوکي؟
برباد سي ڪري سو، کاهي پلال پنهنجو.

صوفي سچو سو سالم، عالم ۾ آه ڪامل،
ساري جهان کي ڄاڻي ٿو جو عيال پنهنجو.

ڪاڏي ويو سڪندر، خاقان، ڪاڏي قيصر،
سڀڪو ڇڏي ويو هت مال و منال پنهنجو.

جــي سيم جــي پـرن سان اڏنـدو مٽي هوا ۾،
منهن ۾ سو ڪيرندو ڏسندو شڪسته ٻال پنهنجو.

”تارڪ“ جدائي نـاهي توکي خدا سان پنهنجي،
سر ڏئي ڪرين تون قائم، جشنِ وصال پنهنجو.

●

[بـزم مشاعره ٻالي شاه]

مصرع طرح: ”شهيدِ ناز ڪيئندو ڪينڪي آغوش خنجر مان“

مزو دل کي اچي ٿو اهڙو هردم ڪـُوءِ دلبر مان،
جو ايندو ڪينڪي زاهد کي اصلي خلد جي گهر مان.

مريضِ عشق جو دارون دوا نـاهي لـکيل ڪٿ پي،
هي چٽندو ڪين ڪنهن نسخي بياض ۽ طب اڪبر مان.

شرابِ نـاب جو جي پيگ تـوکي ڪٿ ڏئي ساقي،
تہ ان جهڙو سـرور اصلي نہ ڏسندين آبِ ڪوثـر مان.

ڪريان ڪيئن قطع سو يا ڪجهہ لکايان تنهنجي جلوي کي،
جــو آهــي ٿيو عيان اظهار مسجد مــان ۽ مندر مان.

شـهـودِ خـاص قـربِ بيـڪران ديـدار تنهنجو آ،
عيان هــر گلشن و بـازار مــان هر بحر مان بــر مان.

رهي ٿي جن کي صلحِ ڪل جي راحت سي اهي عارف،
سدا دلشاد خوشتر ٿـا رهـن مومن مان ڪافـر مان.

ڪيو ڪو قـتـل تنهنجي تيغ ۾ منهنجو پيو پـاڪر،
”شهيد نـاز ڪيئندو ڪين کي آغوش خنجر مان“.

حسينن ظـلـم ۽ جـور و جـفـا سان اهـڙو آزاريـو،
جــو تنهـن کـان داد جــي اميد ويٺي آهہ داور مان.

رکين فقر و فنا جو مرتبو حاصل جي عالم ۾،
تہ جيڪر يار ڪک ٿي پئين خزانہ سيم سر زر مان.

سخن سنجي، سخنداني جو لطفِ خوبتر اڪثر،
سخن جي عارفن کي ايندو "تارڪ" خوش سخنور مان.

●

حقيقت حال منهنجي جي پڇو ڇا ٿا تہ ڇا آهيان؟
بظاهر 'عبده' آهيان، بباطن 'من خدا' آهيان.

نہ جسم آهيان، نہ جان آهيان، نہ دل آهيان، زبان ناهيان،
سدا حق بي نشان آهيان مگر باقي بقا آهيان.

اگر باصورتِ خاڪي مقيد خوار خور مون ٿيس،
بمعنيٰ نور قدسي خوش لقاءُ باصفا آهيان.

عيان منجهہ قيد جسماني، نهان منجهہ سير سبحاني،
عيان رنگِ فنا آهيان، نهان نورِ بقا آهيان.

ڪڏهن آدم ڪڏهن نوح ۽ خليل ۽ موسيٰ ۽ عيسيٰ،
ڪڏهن لولاڪ جو صاحب، محمد مصطفيٰ آهيان.

ڪڏهن "تارڪ" سڏايان ٿو، ڪڏهن ڪجهہ ڀي نہ ڀانيان ٿو،
خبر ڪهڙي ڏيان پنهنجي تہ مون ناهيان وَ يا آهيان.

●

آهيان حيران حيرت ۾ نہ ٿو ڄاڻان تہ ڇا آهيان؟
نہ آهيان ڪافرِ مشرڪ، نہ مومن پارسا آهيان.

نڪي شيعو، نڪي سني، نڪي ترسا، نڪي دهريو،
نڪي ملحد، نڪي مرتد، نڪي صوفي صفا آهيان.

بظاهر آدمي آهيان، رکان ٿو جسم انساني،
بباطن بي مثال و بي سرو بي پا بپا آهيان.

اگرچه آهيان پيدا عناصر چار کان پيدا،
نڪي پاڻي، نڪي خاڪ ۽ نه آتش، نا هوا آهيان.

ڪڏهن مون آهيان باخود، ڪريان اقرار عبديت،
ڪڏهن مون آهيان بيخود، چوان ٿو خود خدا آهيان.

ٻبحر ذات بيرنگي حباب آسا ٿيڻ کان مون،
فنا آهيان، فنا آهيان، فنا آهيان، فنا آهيان.

سڏايان نانءُ ٿو ”تارڪ“ علي مشڪلڪشا جو سگ،
وگر نه آءٌ اولادِ علي ءُ المرتضيٰ آهيان.

●

مصرع طرح: ”دل ٿي رهي نه آه جو ڪجهه آرزو ڪريان“

ٿو رُوءِ يار جي ڏسان جيڏي ٿو رُو ڪريان،
ڳالهايان ٿو انهيءَ سان جڏهن گفتگو ڪريان.

هو مون منجهان عيان آهي مون هن منجهان عيان،
ڳوليان ڪنهن کي ڪنهن جي وچي جستجو ڪريان؟

مون نشءِ فنا ۾ آهيان خود کان بي خبر،
پوءِ ڪيئن اٿي نماز پڙهڻ لئي وضو ڪريان.

منهنجو ته سڀ ڪنهين سان آهي صلح ۽ سلوڪ،
ويري نه ڀانيان ڪنهن کي نه ڪ ڪنهن کي عدو ڪريان.

رڳ رڳ ۾ منهنجي هُونگ ٿي ’هُو هُو‘ سندي هلي،
احوال ’هُو‘ جو ظاهر ٿو هو بهُو ڪريان.

ان وقت مون کان غيب جا اسرار پڇ اچي،
جنهن وقت پُر شراب سان جام و سبو ڪريان.

سرُ عشق ۾ چون ته چريو آه ٿي پيو،
ديوانه پاڻ کي ٿو تڏهن ڪُو بڪُو ڪريان.

مون پاڪ آهيان زاهد، ناپاڪ تون پليد،
توڙيڪ دلق پنهنجي نه تو شست شو ڪريان.

قاتل مون کي ته ناهه ڪو سانگو سريءَ سندو،
تون هٿ نه وجهه جو پاڻ تو حاضر گلو ڪريان.

مون کي لڪائي يار وهارج بنا خطر،
مون جيئرو آهيان، مرده نه آهيان جو ڏو ڪريان.

"ثارڪ" مون کي ته عشق جي اوقات جي سبب،
"دل ۾ رهي نه آه جو ڪجهه آرزو ڪريان".

رديف "ڻ"

هر حال ۾ خدا چاڻ، هر حال ۾ خدا چاڻ،
هي سڀ کي بي بقا چاڻ، هي سڀ کي بي بقا چاڻ.

باقي خدا ئي رهندو، باقي خدا ئي رهندو،
هي چيز کي فنا چاڻ، هي چيز کي فنا چاڻ.

در پئي زوال دل جان، در پئي زوال ايمان،
هو سهڻو مه لقا چاڻ، هو سهڻو مه لقا چاڻ.

پُرنور رُوءِ دلدار، زلفِ سياه خمدار،
هو صبح هو مسا چاڻ، هو صبح هو مسا چاڻ.

شيرينئي لب لال ۽ بوسهءِ رخ و خال،
هر درد جي دوا چاڻ، هر درد جي دوا چاڻ.

منجهه فصل گل جي غمخّار، دافع الم ۽ آزار،
هي باده دلڪشا چاڻ، هي باده دلڪشا چاڻ.

"تارڪ" جي قول کي تور، ان کي مڃي اندر اور،
هي نڪته بي ريا چاڻ، هي نڪتو بي ريا چاڻ.

●

مصرع طرح:
"زيارت پنهنجي سان دل ان جي اوجاريو خدا ڪارڻ"

سڄڻ سائين سڪاين کي ٻه ڪجهه سازيو خدا ڪارڻ،
پري پيرو ۾ وفا سان روءِ ڏيکاريو خدا ڪارڻ.

نہ بي پرواھ ٿي اھڙو رھين تُون سنگدل جھڙو،
ڪري ماڻا نہ مشتاقن جو من ماريو خدا ڪارڻ.

وٺي ويٺا جي تنھنجي راھ ڪيو شادان اچي مي شاھ،
سمندِ ناز جي تن ڏي عنان واريو خدا ڪارڻ.

اچو منھنجي اڱڻ جاني، ڪريان سر ساھ مھماني،
ڀھاني يار دعوت جي ڪھڙي گھاريو خدا ڪارڻ.

تپِ فرقت ڪان دل مضطر زبان خشڪ ۽ گلو بي آب،
لبِ شيرين جي شربت مون ذرو پياريو خدا ڪارڻ.

سدا "تارڪ" ڪي سڪ تنھنجي اٿس حب دل ۾ ھڪ تنھنجي،
"زيارت پنھنجي سان دل ان جي اوجاريو خدا ڪارڻ.

رديف "و"

مسموع زمان ناه کو مسرور عشق جو،
مشهور دوجهان نہ کو مستور عشق جو.

جنهن سر تي آيو عشق انهيءَ کي کري الف،
ديوانہ کرڻ اوّل دستور عشق جو.

هسوار مٿي دار، بنا دير جي ٿئي،
منصور صفت مرد جو منظور عشق جو.

سو سور سان صبور سدا سوز ۾ سڙي،
لک چاک پيو چکائي، جو چکچور عشق جو.

هي طور دل جو "تارک" رهندو نہ ريءَ جلئي،
ناگه کندو نزول مٿس نور عشق جو.

•

[درصنعت انتظاريہ]

[هن صنعت ۾ هک يا وڌيک اهڙو اکر آئجي، جنهن ان جي کم آڻڻ کان سواءِ شعر جي معنيٰ ۽ مطلب پورو نہ نکري سگهي].

مٺا تنهنجو مشتاق ڏک ۾ ڏري ٿو،
مري ٿو، مري ٿو، مري ٿو، مري ٿو.

حسينن جو شائق سدا درد دانهون،
کري ٿو، کري ٿو، کري ٿو، کري ٿو.

ڏيو نور تنهنجي جو ساري جهان ۾،
ڀري ٿو، ڀري ٿو، ڀري ٿو، ڀري ٿو.

ڏسي تنهنجو ديدار حيران هيڻو هي،
لڙي ٿو، لڙي ٿو، لڙي ٿو، لڙي ٿو.

ملي ٿو جڏهن مه لقا غم تڏهن سڀ،
ٺري ٿو، ٺري ٿو، ٺري ٿو، ٺري ٿو.

تڏا ساه عاشق سندءِ هجر ۾ نت،
ٻري ٿو، ٻري ٿو، ٻري ٿو، ٻري ٿو.

اڳيان يار مون چاهيان سارو ٿي عالم،
ڍري ٿو، ڍري ٿو، ڍري ٿو، ڍري ٿو.

محبن سندو سر ڏيڻ لاءِ ڏوڙو،
ڦري ٿو، ڦري ٿو، ڦري ٿو، ڦري ٿو.

ڏسي يار سجده ۾ سر پنهنجو "تارڪ"،
ڏري ٿو، ڏري ٿو، ڏري ٿو، ڏري ٿو.

●

روز ٿيو حسن يار جو، تازه بتازه نوَبنو،
جنهن جو آه ثاني گل نڪو، تازه بتازه نوَبنو.

ماه لقا ٿي جلوه نما عقل اسان جي کي ادا،
ڪري سان ڏسڻ جي محو ٿو، تازه بتازه نوَبنو.

زلف رڱين ٿو رخ مٿي، سج ڪڪر سان ڇڏين لئي،
روز ڪرين ٿو شام ڇو؟ تازه بتازه نوَبنو.

تاب توهان جي عشق کان تنِ شڪستہ کي توان،
عشق سندءِ جو ڏسجي مَو، تازه بتازه نوَبنو.

توکي طلب جي آهه سچي، وقت اسر جي تون اٿي،
نت پيو روئي-ون روئي-ون رو، تازه بتازه نؤينو.

ڪانگ چيچ قريب ڪي، ”تارڪ“ غم نصيب ڪي،
ورد اوهان جو وات هو، تازه بتازه نؤينو.

●

سڀيج عشق خبر، لاالله الاهُو،
ڪرين جي نيڪ نظر، لاالله الاهُو.

اگر آن جن، ملڪ، حور يا پري غلمان،
وگر فرشتہ بشر، لاالله الاهُو.

زمين، سما ۽ درخت، انجم ۽ جبال، سمنڊ،
شعاع شمس قمر، لاالله الاهُو.

ظهور ذات مقدّس ٿيو اوّل ۽ آخر،
سو لڪ آهه، سو ٿي پڌر، لاالله الاهو.

درخت ۽ ٽڙ، ڏاريون، شگوفه، گل ۽ پن،
بذر ڪان تائين ثمر، لاالله الاهو.

فقير، منعم، شاهه و گدا، ڪريم، بخيل،
۽ مس ۽ سيم ۽ زر، لاالله الاهو.

هميشه محو انهيءَ ذڪر ۾ تون ره ”تارڪ“
ز شام تابہ سحر، لاالله الاهو.

●

ري دل جي روشني، منهن پُرنور ٿيو تہ ڇا ٿيو؟
ري قرب ذات صاحبِ مقدور ٿيو تہ ڇا ٿيو؟

نقدِ حيات خرچ نہ سودا ۾ عشق جي ڪيئن،
دنيا جي سود ڪان جي مغرور ٿيو تہ ڇا ٿيو؟

جنهن تخت ڪان زياده چاتـو نـہ فـرش فقر آه،
سـو ڪيقباد ٿيو، يـا فغفور ٿيو، تـہ ڇـا ٿيو؟

نـعرو هڻي 'انـا الحق' ٿيو دار تـي نـہ هسوار،
قالي جي لئي ڪٽي ڪو منصور ٿيو، تـہ ڇا ٿيو؟

ري پاڪ ديـد خوبـن جي خيال ۾ ڪو عـاشق،
رنجور ٿيو تـہ ڇـا ٿيو، مهجور ٿيو تـہ ڇا ٿيو؟

جـلـوه جـمـال ربـّي، هـر مـظـهـر آه روشـن،
موسيٰ ڪي طور تـي جي منظور ٿيو تـہ ڇا ٿيو؟

"تارڪ" نـہ ٿيو فنا جو جيئري ئي هن جهان ۾،
آخـر فـنـا سـو ٿيندو مشهور ٿيو تـہ ڇا ٿيو؟

●

[ري صنعت ذوقافيين مع الحاجت]

ڏسن ٿا رند هرجا ۾، تہ لاموجود الاّهو،
رهن ٿا محو مولا ۾، تہ لامقصود الاّهو.

جني ارڪان عبديـّت، سڀئي صدقن بجا ڪيـّا،
ڏٺـون پنهان و پيدا ۾، تـہ لامعبود الاّهو.

'انـا احمد بلا ميم' منجهان شـانِ محمّد ڪي،
ڏٺـوسي رمـز اعـليٰ ۾ تـہ لامحمود الاّهو.

الا اي شاهدِ قـدسي! ڏٺين فيضِ لقا ڪامل،
ڏسـان هـر روئي زيبا ۾، تـہ لامشهود الاّهو.

اوهان جي عشق ۾ "تارڪ" ڏسي ٿو ظاهر و باطن،
حـرم ۽ ديـر تـرسـا ۾، تہ لامسجود الاّهو.

●

جنهن جام عشق پيتو، مخمور ٿو نہ ٿيندو،
هوش و خرد جي حالت کان دور ٿو نہ ٿيندو.

ذاتِ خدا ۾ بيخود جنهن گم ڪيو خوديءَ کي،
نعره هڻي انا الحق، منصور ٿو نہ ٿيندو.

زاهد ڪري ڪنارو جرم و گناه کان ٿو،
اجر و ثواب تي سو مغرور ٿو نہ ٿيندو.

’همہ اوست‘ ري نظارو، ناهي نظر ۾ جنهن کي،
خانو انهيءَ جو حق سان معمور ٿو نہ ٿيندو.

پاتو جنهن جو ”تارڪ“ ميدان عشق ۾ پير،
بدنامي سان جڳ ۾ مشهور ٿو نہ ٿيندو.

●

دربدر دلبر مون کي جڳ ۾ رلائي تو ڪيو!
بره ۾ بي حال بي طاقت بنائي تو ڪيو!

تنهنجي محبت ڪيو مسافر، گهر ڇڏايو تنهنجي گهُر،
پرت جي پَرِ سان پرديسي پنائي تو ڪيو.

شوق تنهنجي شور ڪيَرّو، درد واري دور کان،
هجر ۾ حيران، گونڌر ۾ گڏائي تو ڪيو.

حسن جي حيرت اندر ڪئي دور کان ايمان و ڪفر،
وره ۾ ويران سارو وس وڃائي تو ڪيو.

عشق تنهنجي عقل جو اسباب سارو ڪيو عدم،
نينهن ۾ نادان هي ”تارڪ“ نوائي تو ڪيو.

•

جلوه گر نور حق ٿيو هر سُو "وحدهٗ لا الله الا هو"،
سو ئي مسلم آهي، سو ئي هندو، "وحدهٗ لا الله الا هو".

هڪ حقيقت آه هر دو عالم جي، ڇا عدم جي ڇا دم جي آدم جي؟
رمز وحدت جي وٺ ڪري قابو، "وحدهٗ لا الله الا هو".

"ڪل شيءِ هو الله" حق آهي ريءِ صوفي ڪنهن ڪي ڪل ناهي،
سمجهه سِرّ ڪي رکي مٿي زانو "وحدهٗ لا الله الا هو".

جو ئي عابد، سو ئي گنهگار آه، جو ئي سر مست، سوئي هشيار آه،
سوئي دزد آه، آه سو ساڌو، "وحدهٗ لا الله الا هو".

بلبليون باغ ۾ ڪرن چهچه، ڪبڪ ڪهسار ۾ ڪرن قهقه،
سروَ تي قمريون ڪن سدا ڪُوڪُو، "وحدهٗ لا الله الا هو".

جنين "تارڪ" وڃايو آه خود کي، لنگهي حد کان رسيا سي لاحد کي،
آهي بيراڳي تا چون بابو، "وحدهٗ لا الله الا هُو".

•

جا ملتِ عشق آه نه سمجهن اي حريفو!
ڇا مالڪ ڇا شافعي حنبل ڇا حنيفو؟

ريءِ رند دوئي سوز نه پچ پئي کان اناالحق،
توڙي ڪو هجي مولوي آخوند خليفو.

جي دل ۾ نه امّيد جهان جي ڪا تمنّا،
ڪجهه سود نه ڏيندءِ جي پڙهين ورد وظيفو.

تا ترڪ وجودي نه تمامي ڪرين حاصل،
ڇا ٿيو جي ٿئي روشن ڪوئي به لطيفو.

بدناميءِ عشق آه وڏو يار جو الطاف،
"تارڪ" نه سا خواري آهي عزّت اي شريفو!

•

اچي ڪئي عشق اثباتي تہ عقلِ دوربين گم ٿيو،
منجهان 'همہ اوست' جي انوار فرق ڪفر و دين گم ٿيو.

ڏٺم جو 'لا تتحرڪ ذرةً إلاّ باذن الله'،
تڏهن دل کان خيالِ شادي و غم مهر و ڪين گم ٿيو.

عجائب قول 'لا موجود الاّ هو' عيان آهي،
منجهس مسجود ساجد سجده و نقش جبين گم ٿيو.

باوجِ عشق مستي، بيخودي جذبۂ حقيقت جي،
زمين گم ٿي، زمان گم ٿيو، مڪان گم ٿي، مڪين گم ٿيو.

ثبوتِ شش جهت گم ٿيو جو منجهہ اثبات بي رنگي،
تڏهن فرشِ زمين گم ٿيو، تڏهن عرشِ برين گم ٿيو.

ظهورو ذات بيرنگيءَ ڪيو منجهہ صورتِ حلاّج،
انهيءَ طاقت خدائي کان وجودِ آب طين گم ٿيو.

ڪيو جو سرورِ عالم گذر کان پردهِ امڪان،
تڏهن منجهہ خلوتِ آن بي نشان 'روح الامين' گم ٿيو.

ڏٺم جو خلق جي صورت ۾ "تارڪ" خالقِ بيچون،
انهيءَ کان ڪيئن چوان عالم ۾ ربّ العالمين گم ٿيو.

•

سڄڻ آيو سرِ بالين، اها ها ها اهو هو هو،
ڏسي خوش ٿي دل خونين، اها ها ها اهو هو هو.

رخِ گل، عارضِ خوش، چشم نرگس، زلف سنبل جيئن،
صفا ساعد صفت سيمين، اها ها ها اهو هو هو.

ڏسي جلوهٔ شهِ خوبان، ٿيا هوش ۽ خرد حيران،
عجب ان جي چوان تزئين، اها ها ها اهو هو هو.

سندم خانو گلستان ٿيو، معطّر مشڪ افشان ٿيو،
ڪليا ان ۾ سمن نسرين، اها ها ها اهو هو هو.

وسيون بوندان بهاريءَ جون، صبا خوش ٿي لڳي سهجون،
چمن گل رنگ ڪان رنگين، اها ها ها اهو هو هو.

عجب آهه عشق جي قدرت پيچي دانا سندي حجّت،
ڪري ديندار ڪي بي دين، اها ها ها اهو هو هو.

لبِ شيرين سندي مضمون، رهي "تارڪ" جي دل ميگون،
تڏهن ٿو چئي سخن شيرين، اها ها ها اهو هو هو.

•

[درصنعت انتظاريه]

ڏس هر جا هر مظهر ۾ پنهنجو جلوه جانب يار ڪيو،
اظهار ڪيو، اظهار ڪيو، اظهار ڪيو، اظهار ڪيو.

تنهن پنهنجي پاڻ پسائڻ جي 'ثم وجه الله' سخن سّليو،
اقرار ڪيو، اقرار ڪيو، اقرار ڪيو، اقرار ڪيو.

هن عاشق پنهنجو پاڻ وڃائي، وعده محشر ڪان اکين،
ديدار ڪيو، ديدار ڪيو، ديدار ڪيو، ديدار ڪيو.

وه ابر بهارِ ذات صفت، جو بر ’ سچو وسڪار ڪري،
گلزار ڪيو، گلزار ڪيو، گلزار ڪيو، گلزار ڪيو.

چا شاهدِ معنيٰ صورت وارو گونا گوني ويس ڏڪي،
سينگار ڪيو، سينگار ڪيو، سينگار ڪيو، سينگار ڪيو.

دن محو جمالِ يار ڪي "تارڪ" خواب لقا مون ڪين ڪهين،
بيدار ڪيو، بيدار ڪيو، بيدار ڪيو، بيدار ڪيو.

•

عشق جو عالم آهيان واعظ آهيان وحدت سندو،
ٿو چوان اسرار مون حلاج جي حالت سندو.

ذات بيرنگيءَ ظهورو ڪيو اچي هر رنگ ۾،
ملڪ معنيٰ جو چڙهي، تڏهه سير ڪيم صورت سندو.

عشق تا مون کي عطا ڪيو هي سخن جو گنج آه،
ڪين ٿيان محتاج دنيا دار جي دولت سندو.

ٿيس پري پيري بزرگي نيڪناميءَ کان صفا،
حرص ناهي ڏَن نه نذرانه نه ڪنهن دعوت سندو.

سڀ طريقه ترڪ ڪيا مون شغل ذڪر ۽ فڪر جا،
عشق اسان جو ڪين تابع ٿيو ڪهين ملت سندو.

"من خدا" جي ماهيت معلوم ٿي دل جان کي،
هاڻ مون ڪهڙو ڪريان اقرار عبديت سندو.

منجهه حقيقي ڪفر "تارڪ" قرب مون ڪاهي پيو،
فڪر ناهي هاڻ ڪنهن جي رحمت ۽ لعنت سندو.

•

ساقي شراب ڏي، ويو مهينو صيام جو،
ساغر کي آڻ ماه ويو ناموس نام جو.

جا مئي ڪري ٿي هستيءَ ميخوار کي فنا،
ڪونهي ڪو فڪر تنهن ۾ حلال و حرام جو.

آرام منهنجو درد دلارام کان ٿيو رم،
تنهن لئه رکان ٿو ورد دلارام رام جو.

مون جام ميڪده ۾ ٿو ساقي هٿان پيان،
سو جام جنهن کي هوند پئي شيخ جام جو.

ترغيب هوند مئي جي مريدن کي تون ڏئين،
واقف جي شيخ منهنجي ٿئين شربِ مدام جو.

زلفن جي تصوّر ۾ ٿو مئي شام جي پيئان،
آهيان حريفو آءُ تہ سلطان شام جو.

تسليم يار جي ۾ فنا هڪڙي ڏينهن ٿيس،
هاڻي ضرور ناه کهين جي سلام جو.

سون پيشوا طريقۂ الفت سندو ٿيس،
ڪافر آهو جو منڪر آهي امام جو.

مون ۾ ۽ يار ۾ نہ رهيو فرق درميان،
محتاج ناهيان قاصد نام و پيام جو.

جنهن راه مون سان يار ملاقات ڪئي اچي،
مقدور وات ان ۾ نہ آه خاص عام جو.

ٿيو صيد تنهنجي بوءِ تي هي عندليبِ دل،
ناهي ضرور تنهن کي گل اندام دام جو.

سو ڇو نہ خوف پنهنجي تہ عشّاق جو ڪري؟
جنهن يار کي نہ خوف رهي انتقام جو.

عاشق ٿيئن تہ وصل جي افسون واسطي،
ڪر تون وظيفو مون سندي شيرين ڪلام جو.

مرزا 'قليچ' هوند ڏسي شعر منهنجو چئي،
"تارڪ" جو شعر فخر آه 'سودائي خام' جو.

●

مون مملڪتِ نظم ۾ خاقان سخن جو،
هٿ منهنجي ۾ ٿيو گوءِ ۽ چوگان سخن جو.

موجود اڳيان منهنجي آهي خوان سخن جو،
مون ڏيان ٿو صلا آه ڪو مهمان سخن جو؟

ميدان مضامين معاني سو ڪري طئي،
ڏيان طبع جي گهوڙي کي جي جولان سخن جو.

هن ملڪ ۾ هن وقت سخن جو نه رهيو قدر،
نه ته هرڪو چوي ها ته تون 'سحبان' سخن جو.

جي ملڪِ عرب ۾ ٿيان پيدا ها ته جيڪر،
'فرزوق' چوي ها ته تون 'حسّان' سخن جو.

پيو چا ڪو ڪندو قدر سخن ليڪ ڏسي جي،
ڏئي داد مون کي شاعرِ شروان سخن جو.

جي 'حافظ' و 'صائب' ڏسي يا 'سعدي' و 'جامي'،
هرڪوئي چوي هوند ته تون سلطان سخن جو.

پيغمبري جو ختم زمانو ٿيو آهي،
نه ته مون مٿي نازل ٿيو فرقان سخن جو.

'سودا' جي 'مير' هجي، هوند ته تن ڏي،
گلدسته منجان پنهنجي گلستان سخن جو.

ٿيو فڪرِ سخن منهنجو ته ميخانهٔ معنيٰ،
هر شعر سندم جام ۽ پيمانه سخن جو.

جيئن فهم سخن ملڪ ۾ وڌندو تيئن ٿيندو،
هر وقت روان منهنجو ئي فرمان سخن جو.

رسوائي جهان رند آهيان ڪم نه ٿي ويندس،
مون ڪان پوءِ ڪندو شهره هي ديوان سخن جو.

'بلبل' 'گل' 'قاسم'، 'گدا'، 'عاجز' ٻه هليا ويا،
ڪنهن کي مون پڄاڻان وڃي نه بيان سخن جو.

'سانگي' ۽ 'قليچ' ۽ ٻن 'واصف' ۽ 'مدد' کي،
ڏيکاريان ٿو مون ڀنهنجو ته امڪان سخن جو.

اڄ 'قادري' ۽ 'نياز' ۽ ٻـن يـاد 'فقير' آه،
'مخلص' مـون انهن آهيان يـارانِ سخن جو.

'شهمير'، 'اداسي' ۽ 'مسافـر' کـي صبا چؤ،
منجهه رانڪ ڏسو جو کليو دڪان سخن جو.

ٻن 'خادم' 'حنفي' ۽ 'غريب' ۽ چوان 'سائل'،
هرهڪ ٿـو رکي پاڻ سان سامان سخن جو.

اڄ مـبـدء' فياض جـي انعام سان "تارڪ"،
ٿـيـو سـنـڌ انـدر فائضِ فيضان سخن جو.

●

سمايو آه محيطِ ذاتِ بيرنگيءَ سان دم منهنجو،
رهان موجود ٿـو ان ۾ ٿيو بحرِ عدم منهنجو.

قـدم محبوب سبحاني رکيو، ڪل اوليا تي جيئن،
تيئن هـم عمر عشاقن تـي آهي اڄ قـدم منهنجو.

ٿيس مون پاڻ کان آجو ته ناجي ٿيس جهري ئي،
وڌي هردو جهان جي حد کان هي ٻاهر ويو رم منهنجو.

طوافِ ڪعبي جي لئي ڪيئڪي مڪه طرف ڊوڙان،
فضائي وسعتِ دل صـاف ٿيو بيت الحرم منهنجو.

مون آهيان بادشاهِ ملڪِ قـدسي صاحبِ قدرت،
بـاوجِ لامڪان 'اني انالله' ٿيو عـلـم منهنجو.

دو عالم واري بينائي ۽ دانائي مون کـان آهي،
سچو ئي 'ڪن فيڪان' جي راز جو آهي حڪم منهنجو.

اگرچه صورتِ خاڪي فنا هڪ ڏينهن ٿي ويندي،
مگر هئو روح بيچوني نه ٿيڻو آه بس منهنجو.

هيس مون اصل بي صورت عجب اسرار معنيٰ جو،
مگر اظهار صورت خود ٿيو مون لئي صنم منهنجو.

جيئن مون ذات هئس آيس صفات اندر ٿيس ظاهر،
تيئن هاڻي صفت کان ذات ڏي موٽڻ ٿيو ڪم منهنجو.

پون ڏونگر ڏري، ڌرتي ڌڏي، ٿئي عرش کي جنبش،
پوي تن جي مٿي تي جيڪڏهن هي درد غم منهنجو.

متان ڪو مدعي منڪر ٿئي احوالِ "تارڪ" جو،
وگر نه راز وحدت جا ڪري ظاهر قلم منهنجو.

●

مصرع طرح:

"تنهنجو منهنجو فيصلو ٿيندو خدا جي روبرو"

ٿي رهي هيءَ منهنجي دل ان دلربا جي روبرو،
هي گدا بختِ رسا ڪيو بادشا جي روبرو.

ڪنهن کي جرائت آه جو ٿئي زلفِ دوتا جي روبرو؟
سيڪو ماڻهو ڪين ٿي سگهندو بلا جي روبرو.

منهنجي دل دلدار اگيان ٿِي وئي فنا اهڙيءَ طرح،
ڄڻ ٿئي جيئن ذرو مهرِ پُر ضيا جي روبرو.

ساري عالم ۾ عيان آهي وفاداري سندم،
ڇا ڪريان اظهار ما، ان بيوفا جي روبرو.

ٿي ڏٺم پيالي جي لب تي تنهنجو جاري ذڪر هو،
هوس ڪاله مون ساقيءَ خمرِ صفا جي روبرو.

گرچه تر دامن هيس تہ بہ يار هر آغوش ٿيو،
گر ٿي وڃي منهنجي خطا، ان جي عطا جي روبرو.

هو سچو سو هن چمن جي بي بقائي جو بيان،
صبح جو، جو حال بلبل ڪيو صبا جي روبرو.

جي نہ مون کي يار منهن ڏيکاريو ناهي ڪو عجب،
ڪيئن ٿئي سلطان سون جهڙي گدا جي روبرو؟

ناہ ڪو شڪ هوند سو يڪدم شرابي ٿي پوي،
ذڪر هن مئي جو ڪريان جي پارسا جي روبرو.

ڏس تہ نارِي ڪان ۽ نوري ڪان اتم خاڪي ٿيو،
ڪائي دولت وڏ نہ ٿي فَقر و فنا جي روبرو.

يار فرمايو تہ، ”ان جي خون بها خود آهيان مون“،
جيڪو عاشق ٿئي سندم تيغِ جفا جي روبرو.

اي ستمگر ڇا جفا تنهنجي وفا پنهنجي ڇوان؟
”تنهنجو منهنجو فيصلو ٿيندو خدا جي روبرو“.

هن غزل جي هيءَ طرح ”تارڪ“ اگر اوکي جي آہ،
ڇا جهليندي ڏڪ سندء طبعِ رسا جي روبرو؟

●

آءٌ تہ اوريان حال دل هيڪر تہ تنهنجي روبرو،
تو تي گهوريان يار سر ۽ گهر تہ تنهنجي روبرو.

هج تہ مون سان يار هڪ درڪار ناهي مون کي دين،
مر چون ماڻهو مون کي ڪافر تہ تنهنجي روبرو.

تنهنجي پيرن جي پٺي، سرمو اکين ۾ پاهان مون،
ڇڏ تہ حاصل هي ڪريان اوجر تہ تنهنجي روبرو.

قتل جي مون کي ڪرين تون، ڪر اکيان پنهنجي پلي،
هوند ڏهڙو سر وهي خنجر تہ تنهنجي روبرو.

درد جو هي داستان ڏس تو ٻڌايان پين کي،
ٻر ايا چوندس اچي اکثر تہ تنهنجي روبرو.

پين جي در پي گهٽو "تارڪ" رهائي تو چڏيو،
حڪم ڪر هائي رهي بهتر تہ تنهنجي روبرو.

رديف "هہ"

رئان جي درد فرقت ۾ ڪري ريهہ،
ڪنبي سارو جهان جيڪر پڏي ڪيهہ.

لنگهي منهنجي اڳئون محبوب آيو،
ڏسان پيو صبح جو چڻ سج ڪڍي چيهہ.

ڳليءَ تنهنجي ۾ مشتاقن جو ميڙو،
پوي ٿي پرت وارن جي اتي پيهہ.

نہ آسان آہ ات ديدار دلبر،
جتي گهورن سندي آهي ڳہا گيهہ.

اسان سان تو ڪري هو لڄ پيارو،
رقيبن جي اڳيان نا لڄ، نہ ڪا ليهہ.

هي آهي بي حيائيءَ جو وڏو وقت،
سندءِ آ عمر "تارڪ" ورهيہ ٽي ويهہ.

•

اچين جي مون اڳئن دلبر، چوان اي يار، بسم الله،
ڏسي صورت ڪري سجدا، پڙهان صد بار، بسم الله.

سندم هي آهہ سر حاضر، وٺي جاڏي تون ڪر تاڏي،
هٿي ابرو سندي تلوار ڪر بردار، بسم الله.

نہ آهي دين سان ڪو ڪم، فقط گهرجي رضا تنهنجي،
تون وجهہ گردن ۾ پنهنجو زلف جو زنار، بسم الله.

نه مون هڪڙو ڏسي ديدار بسم‌الله پڙهان ٿو پر،
پڙهڻ تا پرت مون ڪئي، پسي ديدار، بسم‌الله.

اچي سهڻو ڪري سينگار جي گلگشت گلشن تي،
وڃي پنجي مگر يڪبار منجهه گلزار، بسم‌الله.

سندم آغوش ۾ دلبر اچي هيڪر جي ڪا ساعت،
پڙهي جيڪر ڪريان دم تنهن مٿي بسيار، بسم‌الله.

سڄڻ خلوت اندر مون کي جو 'بسم‌الله' چئي "تارڪ"،
چوان جلوت اندر ٿو مون، تڏهن اظهار، بسم‌الله.

●

(صنعت واسع الشفتين)

[شعر ۾ اهڙا الفاظ آڻڻ، جن جي پڙهڻ سان چَپُ چپَ سان نه ملي، ته ان صنعت کي واسع الشفتين چيو ويندو آهي.]

جن سان ساٿي رهي ٿو تنهنجو توهه،
تن تي کهڙو گناه يا ڪو ڏوهه.

هيءَ حياتي سڄي سڄڻ ساري،
چڏيو آهي اسان جي هستيءَ چوهه.

هجر آهي هٿي ڪيو هيڏو،
ٿو لڳي هڪڙي وک ڪٽڻ سَو ڪوهه.

ڪارگر تنهن تي آه ٿئي ٿي ڪانه،
دلِ دلدار آه چا ڪو روهه؟

عشق جي آگ، ڪان ايئن دل آه،
جيئن ڪوري اندر ٿئي ٿو لوهه.

دل ڪسي چو ٿئين سڄڻ ساڪي؟
اهڙو گهرجي ڪرڻ نه توکي ڊوهه.

حسن جو قدر خالي تو "تارڪ"،
عاشقن جو سدا سچارو گروه.

●

اي ادا سالڪ سهي ڪر، هي تن و جان ڪير آه؟
ڪير ڏسندڙ؟ ڪير ٻڌندڙ؟ زارو خندان ڪير آه؟

ڪير متحرڪ رهي تو؟ ڪير تو ساڪن ٿئي؟
ڪير اٿندڙ؟ ڪير وهندڙ؟ ۽ خراسان ڪير آه؟

ساهه ڇاهي؟ جسم ڇاهي؟ عقل ڇاهي؟ روح ڇا؟
جن، مَلڪ حور و پَري ڪير آه؟ انسان ڪير آه؟

ڪير عارف؟ ڪير جاهل؟ ڪير فهم ۽ علم ڪير؟
ڪير دانا؟ ڪير نادان؟ جهل و عرفان ڪير آه؟

آه 'لا موجود الاهو' انهيءَ جي واسطي،
هاڻ "تارڪ" سمجهه ظاهر ڪير پنهان ڪير آه.

●

شمع رُو تي منهنجي دل پربسته ڇو پروانه آه،
اڻ ڪي پروانا سڙڻ جي، پر سندس پروا نه آه.

ات نه پيدا علم عقل ايمان و دين اجر و ثواب،
حلقهءِ عشاق ۾ جت جلوتِ جانانه آه.

گردش گردون گردان ڪي ٻجي ات ڪو نه ڪو،
محفلِ رندانه ۾ جت گردشِ پيمانه آه.

ٻاڻ ڪي ٻاسي ڪرڻ ريءَ ٻيو نه تن ڪي ڪار ڪر،
بيخودي مقصود دل هر ساڪنِ ميخانه آه.

عالمن وٽ بحث علمي، عاشقن وٽ ذڪر حق،
هر ڪهين فرقي جي رهڻي مختلف ڇا ڇا نه آه.

روز شب منجهہ سرّ وحدت گم ٿين جو جنهن کي ذوق،
سو ويو گم ٿي جو تـا محشر وري پيدا نہ آه.

عرش، ڪرسي، آسمان، فرش زمين، دوزخ، بهشت،
ان وٽان ڪـان اڳـاهون مجلس رندانہ آه.

شڪر الله سو پـرين پيارو جـو ڪنهن ناهي ڏٺو،
چشم صوفيءَ کـي ٿيو روشن جـا بجا همخانہ آه.

خلوت بيرنگ ۾ جت نفي ري پهو نـاه ڪـي،
نـاه ات معلوم تـا "تارڪ" بہ آهي يـا نہ آه.

●

ذات بيچون و بي نشان سندو آه نشان، "لاالله الا الله"،
بحر بيرنگ بي بيـان سندو آه بيان، "لاالله الا الله".

ڪنان خطرات لوٽ نفساني، درد غم رنج مرض جسماني،
خيال جو دل جو قلب و جان سندو آه امان، "لاالله الا الله".

منجهان علم اليقين ٿي عين يقين، منجهان عين اليقين ٿئي حقّ يقين،
آه دافع شڪ ۽ گمـان سندو بيگمان، "لاالله الا الله".

ذڪر هي دل اندر رهي جاري، تا ٿئي حال جذبہ اظهاري،
پـڙهين لاڙو چـڏي زبـان سندو بي زبـان، "لاالله الا الله".

آه "تارڪ" هي بال و پران جو ۽ ٿيو پرواز ري اچا بہ پلو،
طـائـر اوج لامڪـان سـنـدو آشيـان، "لاالله الا الله".

●

عاشقن وٽ دين، مذهب، ڪيش، ملّت ڪين آه،
دل سندن تابع تشيعت، توڙي سنّت ڪين آه.

رند نـاهن رافضي، سي خارجي پـائنچ نہ خام،
وره وارن وٽ وهـابين واري حجّت ڪين آه.

دردمند آهن نہ دهري، آريہ عارف نہ ٿين،
سالڪن جي گبر ترسا وانگي صحبت ڪين آه.

سي يگانا نا يهودي ۽ نہ نصراني ٿين،
عشق وارن کي انهن مڙني جي عادت ڪين آه.

ڪفر ۽ اسلام کان آجا رهن منجهہ عشقِ حق،
صاف صوفي سي، جنين ڪيئہ ۽ ڪلفت ڪين آه.

ظاهر و باطن سوائي ذات حق ڄاڻن نہ ڪي،
جلوه‌گر تن جي نظر ۾، ري حقيقت ڪين آه.

غير ذاتِ پاڪ ڄاڻن، تن نسورو ٿيو گناه،
دل صفا هردم رکن ري تن کي طاعت ڪين آه.

ظاهراً روزو نماز و حجّ ڪن ٿا ڪونہ ڪو،
باطناً ان جهڙي ٻي ڪنهن وٽ عبادت ڪين آه.

پيري و شيخي، بزرگي جو رکن سامان ڪونہ،
بر سرِ منبر وڃن پندو نصيحت ڪين آه.

وڃڻ مجوتيءَ کان وڃن، گمنام سي گوشہ نشين،
سر سندن ري طعنہ ۽ مهڻي، ملامت ڪين آه.

جي ڏسين ”تارڪ“ کي اهڙا نفي تن اثبات جان،
ڪر سندن خدمت جو اهڙي ٻي سعادت ڪين آه.

●

نہ آهي عشق ڪجهہ آسان سوريءَ سوار ٿيڻو آه،
دنيا عقبيٰ، ڪفر و دين کان بيزار ٿيڻو آه.

کي ناامید ٿيا اصلي، ڪنين کي آسرو اڃتي،
اسان کي هت هتي دلبر سندو ديدار ٿيڻو آه.

ٻري پيريءَ، بزرگيءَ کان ٿيڻ ڪم عشق جو آهي،
ملامت وارو عشاقن جي سر تي بار ٿيڻو آه.

مريدي، خادمي، ڏن، نذر، دعوت، آه سڀ دلبر،
ڦري مخلوق خالق جي خدا وات خوار ٿيٺو آه.

اسان جي حال جو حاسد، ڪندا انڪار پيا اڪثر،
اسان جو عشق تيا اڃي ايها اظهار ٿيٺو آه.

اسان جو سر مرڻ جي مهل هوندو يار جي هنجهه ۾،
اسان جو دفن دلبر جي گهٽي هڪوار ٿيٺو آه.

ڇڏيو "تارڪ" کي ميخاني، هجي مدهوش مستانو،
پيالو پره جو پيئڻ نه ڪٿي هشيار ٿيٺو آه.

●

[بزم مشاعره مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد
٦-مئي ١٩٣٤ع]

"علم مردن کي ملي زالن کيو ڪهڙو گناه"

علم مردن کي ملي زالن کيو ڪهڙو گناه،
غور جي هن نڪته تي گهرجي ڪرڻ هڪڙي نگاه.

جاڪون مون توکي ڏٺو حيران تاڪو ٿي پيس،
دل ڪيم قربان توتان پڻ ڪندس صدقي هي ساه.

جن تي تنهنجي مهرباني سي سدا سالم رهن،
تون ٿئين رهبر جنين جو، تن جي روشن آه راه.

سونهن سوڀيا وارو سندر دل کي موهي ٿو وجهي،
اهڙي من مهٺي جي صورت سان ٿئي حاصل الله.

ڇو ڪجي بيحد وڏائي هن فنا جي ماڳ تي؟
جت سدائين ناه رهٺو ناه لٺ ۽ عزت و جاه.

پرت جو پاڻي وهي ٿو نيڻهن جي نالي منجهان،
تنهن سون ساڀايو ٿيو سر سبز آهيان مثل گاه.

پرت ري ۽ قرب ري هڪ پئي جي ماڻهو ٿيو مرون،
توڻي تنهن کي باغ ۽ بنگلا هجن پيا ڪوهه واه.

زاهد مون توکي رند جي صحبت ڪندي رسوا،
ڇالاءِ رهين برسرِ گفتار هميشه؟

ڳالهاءِ اچي يار تون هڪوار اسان سان،
پو ڪر تون ملڻ جو ڪٿي انڪار هميشه.

افسوس! لڌو ڪونه ڪو مون حال جو ڀائي،
دنيا ۾ گهڻو ڳوليو مون غمخوار هميشه.

جنهن سان رکيم ياري، اتان خار لڳن ٿيا،
ايذايو مون کي يار ڇا، اغيار هميشه.

جيڻ دل ٿي سندم دوست سان، تيئن ان جي نه مون سان،
سو دوست دورنگو رهيو هربار هميشه.

ظاهر تو رکين پيار پرين، ليڪ ڏسان ٿو،
دل ۾ تو رکين جيڪي، اي عيّار هميشه.

اميد آ مون وانگي، پو سچّار نه ڏسندين،
رهندو تو مٿي شيفته بسيار هميشه.

"تارڪ" ٿيو سندم نام، سنڌ نيئهن ۾ جاني،
"تنهنجو تو رهان يار طلبگار هميشه".

●

[پهرين ڪل سنڌ ادبي ڪانفرنس، بزم مشاعره
لاڙڪاڻو ١٩٢١ع]

مصرع طرح:
"ستارو منهنجي قسمت جو اوهان جي مهرباني آه"

ستارو منهنجي قسمت جو، اوهان جي مهرباني آه،
محبت تو سندي مون لاءِ عمر جاوداني آه.

جمالِ يار جو جلوو، ٿيو پيدا مظاهر مؤن،
انهيءَ ديدار ۾ عشّاق جي خوش زندگاني آه.

ڏٺم ”حق اليقين“ سان ناهه ٻيو موجود، الا هو،
اگر سيرِ زمين آهي، دگر سير آسماني آهه.

شرابِ عشق جو پيتم، تہ ٻيو سڀ ڪي وسري ويو،
نہ ذوقِ عيش عشرت آ، نہ شوقِ ڪامراني آهه.

فنا ڪيو عشق مون ڪي حال حلاج جيءَ اندر اهڙو،
اناالحق چئي، چڙهڻ سوريءَ مٿي چڻ شادماني آهه.

نہ ڪنهن کي آهہ طاقت حڪم تنهنجي کان جو منهن موڙي،
اگر آهي ولي الله، يا ڪو چور زاني آهه.

لباس فقر جي راحت نہ آهہ پوشاڪ دنيويءَ ۾،
جو فرشِ خاڪ آڏوتين جي لئي تخت ڪياني آهه.

جنين کي روز شب اثبات حق جي آرزو آهي،
انهن اڳيان نہ ڪجهہ موڙي ڪرامت آ، نہ ڪاني آهه.

اسان مي رند ساغر نوش آهيون مست متوالا،
جو ميخاني اندر شغلِ شرابِ ارغواني آهه.

فنا جي پيچ ۾ آخر اچي اعزاز دنيا جو،
اميري يا وزيري يا خطابِ خانداني آهه.

وحدت آهہ هي ”تارڪ“ هٿي نعرو تہ منصوري،
نہ پرواهہ ڪنهن جي نفرت جي نہ خواهش قدرداني آهه.

رديف "ء"

دل کي ڪجهہ آرام نا ديدار دلبر کان سواءِ،
نير نيڻن مان وهي سهڻي سمنبر کان سواءِ.

اصل کان ٿي دل اسان جي محو جلوهٔ يار تي،
ڪين رهندي سا ڏسڻ تنهن نور پيڪر کان سواءِ.

ري ڳلي دلدار جي عاشق نہ جالي جاءِ ڪنهن،
جيئن نہ قمري ويهي ڪٿ شاخِ صنوبر کان سواءِ؟

آيو فصلِ گل ٿيو سيرِ گلستان فرض عين،
ساقي و مطرب، سرود و باده ساغر کان سواءِ.

ڪيئن نہ ٿيندو يار ريءَ خانو سندم ظلمت ڪده؟
ٿو جهان جڏه ٿئي سيه مهرِ منوّر کان سواءِ.

آيو مون وٽ سو سڄڻ ٿيا زلف جنهن جا مشڪبو،
خانو منهنجو ٿئي معطّر ڪيئن نہ عنبر کان سواءِ.

فرقتِ دلدار ۾ دل کي ڀلايان ٿو گهمي،
نہ تہ سري ٿي منهنجي سيرِ باغ بازر کان سواءِ.

ٿي نئي بادِ صبا احوال منهنجو يار وٽ،
ٿو رهان مون تنهن کان خوش قاصد ڪبوتر کان سواءِ.

جي گهرين فيضِ الوهيّت ٿئي "تارڪ" حصول،
وٽ نہ در دولهہ دريا خان جي سچي در کان سواءِ.

•

[د رصنعت عڪس و طرد]

[ڪلام جي ڪن جزن کي اڳتي پوئتي ڪري، پھر فقرو يا مصرعو وغيره ٺاھيو وڃي ۽ اھي باممعنيٰ ھجن.]

آه دورنگي سراءِ، ڪنھن جي رھڻ جي نہ جاءِ،
ڪنھن جي رھڻ جي نہ جاءِ، آه دورنگي سراءِ.

وقت مزي سان لنگھاءِ، ڪاءِ نہ دنيا جو غم،
ڪاءِ نہ دنيا جو غم، وقت مزي سان لنگھاءِ.

ڪين ڪھين سان ڦٽاءِ، صلح صفا ساڻ رھہ،
صلح صفا ساڻ رھہ، ڪين ڪھين سان ڦٽاءِ.

نورِ لقا کي پراءِ، چشم نھان جي اندر،
چشمِ نھان جي اندر، نورِ لقا کي پراءِ.

پاڻ ۾ ڪا جھاتي پاءِ، راز حقيقت جو ڏس،
راز حقيقت جو ڏس، پاڻ ۾ ڪا جھاتي پاءِ.

حرص ھوس سڀ وڃاءِ، حسن جي حيرت اندر،
حسن جي حيرت اندر، حرص ھوس سڀ وڃاءِ.

صبر ٿو "تارڪ" جڳائي، يار جي ديدار لئي،
يار جي ديدار لئي، صبر ٿو "تارڪ" جڳاءِ.

•

لامڪاني ھوس ھت ٿيڙس مڪاني ھاءِ ھاءِ!
دام ۾ جيئن ڦاسي مرغِ آشياني ھاءِ ھاءِ!

عالمِ ارواح ۾ آزاد ھئس مون ڪان جيئن،
ھت ڪيو لاچار قيد زندگاني ھاءِ ھاءِ!

پردهٔ نابود ۾ جاليو ٿي مون آسوده حال،
بود ۾ آيس پريشان ٿيس عياني هاءِ هاءِ!

جسم جي جنجال ۾ بس خسته حالي ٿي نصيب،
طوقِ گردن ٿي پئي پيري جواني هاءِ هاءِ!

سرِّ ذاتِ بي نشان ۾ بي نشان هس بي نمود،
ٿيو عيانيءَ جو سبب عشقِ نهاني هاءِ هاءِ!

منجهه ظهورِ آدم و حوّا سراسيمه ٿيس،
مون نيس محتاج خواب و آبِ فاني هاءِ هاءِ!

مون مجسّم نورِ قدسي، پاڪ ذاتِ ذوالجلال،
ظلمتِ تن ۾ ٿيم گم نور جاني هاءِ هاءِ!

جلوه گاهِ عرش ڪرسي منهنجو جولانگاه هو،
ٿي زمين تي مون سندي گم ڪامراني هاءِ هاءِ!

نو نهاريان واٽ تا موٽي وري حاصل ڪريان،
تاج بيچوني و تخت بي نشاني هاءِ هاءِ!

يادگيري اصل ۾ "تارڪ" ٿيس زار و نزار،
بينوا ڪيو آهه جنهن منجهه دارِ فاني هاءِ هاءِ!

●

زال، پٽ، ڌيءُ، پيءُ، برادر، ماءُ،
ڏس ته ڪثرت جو ڪيئن ٻڌيو آ ٻاءُ.

ذات هڪڙي صفات ٿي ان جي گهڻي،
ٿئي ڏڪا ڪيترا، ٿو هڪڙو پاءُ.

عشق جو پيءُ پيالو، ٿي بيخود،
گم خدا ۾ ٿيو، خوديءَ کي ڪاءُ.

عاقلن کي پسند هوش و خرد،
عاشقن کي ٿيو محويّت جو ساءُ.
رک تون ويساه هم اوست سندو،
سلڪ صوفين سندي ۾ "تارڪ" آءُ.

●

مسلمان ٿئين ڪفر عشقي ڪماءِ،
حسينن جي مسجد، اندر سر نماءِ.
تون ڪونهي، تون ڪونهي تون ڪونهي تون ڪونه،
مگر ذات حق تنهن جي صورت سماءِ.
ڇڏي ذات نالو ۽ ناموس ننگ،
سدا ڇاڻ موجود حق جو ڇماءِ.
اما ڪل نہ پوندءِ منجهؤن زاهدن،
وڃي انگ رندي پيوتي رماءِ.
بقا ٿيئي لئہ "تارڪا" روز شب،
پيو نيڻ آتش فنا ۾ تماءِ.

●

جهد ڪر هستي هوڻ کان سر ڇڏاءِ،
قطرهِ جان بحرِ بيچون ۾ گڏاءِ.
بيخوديءَ جي باغ ۾ آئي رکينس،
جهنگ تن جي مؤن ڇکي جان جي لڏاءِ.
ڏس ۽ ٻڌ تون ري اکين ۽ ري ڪنين،
پاڻ کي منصور پوءِ بيشڪ سڏاءِ.
حالتِ حلاّج جي حاصل نہ ٿي،
دڄ خدا کان پاڻ نا پنهنجو پڏاءِ.
هن دنيا فاني ۾ "تارڪ" نفي ٿي،
جيئري ٿي ملڪِ بقا ۾ گهر آڏاءِ.

رديف "ي"

نہ سمجھي پاڻ پنھنجو، بي خبر آھي تہ ھي آھي،
اڙي جو ڪفر دين ۾، بي بصر آھي تہ ھي آھي.

'اناالحق' ڪـي ڪرڻ اثـبـات آھي راہ پيغمبر،
نہ ڄاڻي 'ميم' ري احمد خطر آھي تہ ھي آھي.

پڇي جو قالبِ خاڪي کي رکي جو روح کي روشن،
رھـي محو جمالِ حـق، بشر آھي تہ ھي آھي.

نظارو 'ثم وجہ اللہ' ڏسي 'عين اليقين' سان جو،
ڪري گم ماسواءِ صاحب نظر آھي تہ ھي آھي.

ڪيي قيدِ مذاھب کان رکي وحدت اندر واصل،
امارو عشق جـو "تارڪ" اگر آھي تہ ھي آھي.

●

نـہ آہ گلشن گلـزار سـاڻ دلچسپي،
مگر آہ ڪوچهٔ دلـدار ساڻ دلچسپي.

ڪنن کي ان سندي گفتار ساڻ دلچسپي،
اکين کـي ان سندي ديدار ساڻ دلچسپي.

اچـي ٿـي ان مـڙن آسـس تيغ ابرو جي،
رکـان ٿـو خـنـجـر و تلوار ساڻ دلچسپي.

ڪڏھن ڏسان من ان مڙن سجڻ سندو جلوو،
رھـي ٿـي روزنِ ديـوار ساڻ دلچسپي.

جي ساڻ دلح جو جنهن ساه کي تو سيبائي،
رکي اهو نہ تو تڪرار ساڻ دلچسپي.

ٻيڪانہڪنهنسانٿيدلچسپيمونکي اي"تارڪ"،
مگر رهي ٿي خوش اشعار ساڻ دلچسپي.

•

ڪونہ عاشق کي ڪري ڪو پنهنجي دلبر کان پري،
ڪن نہ آئي جي ٻڌي شه هفت ڪشور کان پري.

مون کي اي شيرين دهن ڏي، بوسہ لب جو مزو،
عاشقِ طوطي صفت کي ڪر نہ شڪر کان پري.

نوڪ نيڻن سان نوائي، تيغ ابرو هڻ متان،
صيدِ بسمل کي نہ ڪر تون آبِ خنجر کان پري.

محفلِ محبوب ڏي ويندي نہ روڪيو ڪنهن مون کي
پر رقيبِ روسيہ ان جي ڪيو در کان پري.

عاشقِ رخسار روشن کي نہ ڪر اي محتسب!
منجهہ شبِ هجران جي بزمِ بادہ احمر کان پري.

ساقيا! شرمندہ توبہ آهيان منجهہ فصلِ گل،
شرم رک منهنجو خدارا ڪر نہ ساغر کان پري.

عاشقِ رسوا جي لشي آ شعرِ "تارڪ" ۾ مزو،
گدر جي عاقل کي رهڻ بس ان جي دفتر کان پري.

•

سچ جي چالي پَسي نرالي ديواني دلڙي عجب ۾ آئي،
رهي ٿي حيرت انهيءَ ۾ حيران سڙي ٿي سورن اندر سدائي.

حسن جي جلوي چڏيون هزارين دليِن جلائي متيون منجهائي،
رهيو سو الفت جي آگ سوران ۾ جنهن عجبن سان اک اڙائي.

سدا سو سيڪ ۾ وتي سڪايو غم والم ۾ رهي ستايو،
سڙڻ پڄڻ ۾ جهڄڻ جهُرڻ ۾ رهي هميشه ٿيو توانئي.

اکين جي آري ڇڏيا هزارين رلائي ناموس نام وارا،
ٿيا سي ظاهر شديد شيدا سگهي انهن ڪان نه لنؤ لڪائي.

ڪمند ڪاڪل ڪيا جي قيدي گهڙي مري ويا انهيءَ جي گهاري،
بچي سگهيا سي نه بندن ڏون نه جان دل تن اتان ڇڏائي.

جنين سڃاتي سڄڻ جي چالي وتن محبت ۾ سي سوالي،
ڏسن پيا ديدار چؤ طرف سي لٿو انهن تان جفا جدائي.

ڪٿي سو سهڻو ٿئي سياڻو ڪٿي نظر تو اچي اياڻو،
رهي سو سڀ رنگ ۾ سماڻو ڏٺي سي ان جي جو چلولائي.

ڪٿي رکي ٿو عجب شوڪت ڪٿي رکي تو عظيم عظمت،
ڪٿي حقارت ڪٿي به نفرت ۽ ڪاٿي آزي ۽ سر نمائي.

ٿيانس قربان سر تي "تارڪ" عجيب چال ۽ مڪر شڪر تون،
وٺيس جيئن تيئن سدا پيو سونهي عجب اٿس شان ڪبريائي.

●

[صنعت تجاهل عارف]

[ڪنهن چيز بابت ڄاڻي واڻي اڻ ڄاڻائي ظاهر ڪرڻ کي تجاهل عارف چيو ويندو آهي پر ائين ڪرڻ سان ڪو فائدو يا نڪتو ظاهر ڪيو ويندو آهي.]

رخ سنده مهر يا مه، يا گلِ حمرا آهي،
قد سنده سرو، يا شمشاد، يا طوبيٰ آهي.

زلف يا سنبلِ مشڪين، يا چليپا آهي،
چشم بادام آ، نرگسِ شهلا آهي.

دائرهٔ خال رهي جلوه نما تـو رخ تي،
قـطـره مشڪ آه، يـا خال سويدا آهي.

طاق ابرو آه، يا محراب آه، يا بيت عتيق،
لب سندءِ لعل آه يا لؤ لؤي لالا آهي.

در دنـدان آه يا دُرِّ عـدن يا موتي،
دست يـا شاخ حـنـا، يا يدِ بيضا آهي.

حال "تارڪ" جو ڏسي ڪين ڄڻي سگهبو تا،
هندو آهـي، مسلمان، يا تـرسا آهي.

•

نہ عاشق کي ڪجهہ آبرو ساڻ ڪم آه،
نہ درڪار ان کي تـو ايمان دين ٿئي.
نہ سمجهي سـو مـردود مقبول هـرگز،
نہ نيڪي بديءَ ۾ سو شاهہِ قرين ٿئي.

سهي سور صدما سچڻ جا جو سر تي،
سـو نـازن نـهـوڙيـو قليل آه ڪمتر،
اهـو نـاه عاشق جـو دردِ محبّت جي،
محنت ڪـان ترسي ۽ راحت گزين ٿئي.

مري جيڪو منجهہ عشق ان دلربا جي،
اهـو آه سـڪن تـہ موئي نـہ مرندو،
هميشه حـيـاتـي انهيءَ کي ٿـي حاصل،
هجي بر زمين، خـواه زيـر زمـين ٿئي.

جـي اقـلـيـم دل لئي هٿي مهر رائج،
شهہِ عشق ڪنهن جي زبان تي، تہ ان جو،
وڃي وقت گذري تہ پي قـول هردم،
مـروّج سـدا جيئن سڪہ نگين ٿئي.

اهو چو نہ اسرار فيضِ الاهي،
سندي جلوہ ڪان ٿيندو آگاہ عاشق،
پسڻ لاءِ ديدار شاهد حقيقي،
ٿي مظهر پرست ۽ وڃي رہ نشين ٿئي.

خدايا اهو ڏينهن ڪر جنهن ۾ هوندي حياتي،
ملان تنهن سچڻ سهڻي سان مون،
جنهين جي جدائي جو جهورائو جيءَ ۾،
دل و جان ٿي ارمان ۾ اندوہگين ٿئي.

ٿئي صاف آئينو دل جو، جنهين ۾،
پسيل پرتوو آہ ذاتِ خدا جو،
مگر ان مؤن جڏ خاڪ فقرو فنا سان،
سي دور بغض و ريا ڪبرو ڪين ٿئي.

اچي پردهٔ دل مؤن ٿو هي سخن جو آهي،
مخزنِ راز ربّي اي "تارڪ"،
تڏہ چئبو شعر الاهي تي ڪيئن،
خردہ گيري جي ڪو ٿو سندس نڪتہ چين ٿئي.

•

[صنعت حذف (مقطوع الالف)]

[نظم يا نثر ۾ ڪو هڪ حرف نہ آندو وڃي تہ
ان کي مقطوع الحروف يا حذف چيو ويندو آهي]

عمر سڀ تنهنجي در ۾ گذري،
پري توريءَ پلڪ سگهي نہ مري.

ڪو هجي جو خبر ڏئي تو کي،
تہ ويو تنهنجو صيدِ زلف مري.

مون کي ڏي ميفروش مئي جو قدح،
جنهن جي پيئندي ٿئيم بي خبري.

ڏسي تنهنجي ٽيو منهن کي شرمندو،
نور شمسي و پرتو قمري.

مون ۾ سؤ عيب ٻئا ٻديون بيحد،
تون ڏکي جڏ پرين، نہ ڪول وري.

هڪ رهيو دوست دل ۾ جڏ "تارڪ"،
تڏ رهي مون کي نيڪ خوش نظري.

•

عجب صورت ڪرشمہ ناز خوش ديدار لنوءُ لائي،
ڪلڻ وهسڻ ڏسڻ پائڻ مٺيءَ گفتار لنوءُ لائي.

اکين ڪارين، مٺن چپڙن، ڳلن ڳوڙن نرم هٿڙن،
سڏي سنئين سينڌ تي سندر سندي سينگار لنوءُ لائي.

هلڻ هوريان، کلڻ ڏاڍيان ڏسڻ چوريءَ، وهڻ پاسي،
قدم تڪڙي ۽ لوڏڻ ٻانهن منجهہ رفتار لنوءُ لائي.

صحيفہء حسن منهن دلبر جي تي ابرو جي بسم الله،
اکين جي عين بينيءَ جي الف اسرار لنوءُ لائي.

تجلي نور بيچون ٿي وسي چشمن اندر جنهن جي،
هٿي جهلڪو جلائي دل کي بي اختيار لنوءُ لائي.

ٿيو سو جلوه‌گر جاني، ڍڪي پوشاڪ انساني،
تڏهن عشاق کي هن مظهر اظهار لنوءُ لائي.

سياتو جن سڄڻ سهڻو، انهن هر شان ۾ پاتو،
انهن جي دل کي شهر و دشت، بر، بازار لنوءُ لائي.

رهي "تارڪ" جتي جانب، تهين پاڙي، تهين واڙي،
تهين گهر، تنهن اڱڻ، ڪوچي، درو ديوار لنوءُ لائي.

•

ڇا سهڻي سرو پاتو آه يا تيز ڪيو تّس خنجر ڪي،
ڇا مشڪين دام دلين لئي جوڙيو شانه زلف معنبر ڪي.

بس شمس قمر شرمنده ٿيا گــل شمع شڪسته رنگ رهيا،
جنهن وقت ڪيو تو جلوه نما شه خوبان رُوئي منوّر ڪي.

ٿئين سرو قد جو تون رعنا منجهه گلشن سانگي سير لقا،
تُــو خــاڪ وجهين سر افرازي شمشاد ۽ سر صنوبر ڪي.

جهٽ ڌرم بگيڙي دين ڇڏي ٿو مذهب ملّت ڪيش نيئي،
هڪ گهور سان دلڙين قيد ڪرڻ جي چال آه چشم ڪافر ڪي.

جي سروُ نه ان جو شيدا آه ڇــو آه ادب ۾ ڪڙو اڳيان،
جي عشق ۾ ان جي نا عريان ڇو آه ڪلغ گل احمر ڪي.

ڇڏ "تارڪ" ياوه گوئي ڪي وٽ واٽ سندي حق جوئي ڪي،
ڇڏ شعر سخن جو شوق گهڻو ڪر بند ڪٽي هن دفتر ڪي.

•

[در صنعت صفر و القوافي]

[هن صنعت ۾ قوافيه مفرود حروف سان جڙندا آهن.]

تنهنجي رخ روشن، خجل ڪيو شين، ميم و سين ڪي (١)،
مات ٿيو زلف سيه، تنهنجي ڪان رنگ شين، بي (٢).

آه غين و ميم، زي، هي، جو توکي لشڪر عظيم (٣)،
مملڪت دل تي ڪرين حاصل تُو سين ۽ واو، پي (٤).

گرچه سهڻا سوَ پيــا آهــن، خــدا جي ملڪ ۾،
پر نه تنهنجو ٿي، الف، نون، بي نه ڪوئي ميم، ٿي (٥-٦).

---

(١) شمس (٢) شب (٣) غمزه (٤) سوپ (٥-٦) ثاني، مٿ.

دال، لام آهه تو ڦٽري، هي، ڪاف، ڙي، ٻي ۾ پلڪ (١)،
ظلم هڻڻ زوري ڪرڻ مون ڪونه تو ٺهي ڊال، ٻي (٢).

هونءَ ته هر ڪنهن سان هلين ٿو، بي حجاب اي نازنين،
عاشقن سان ٿو ڪرين ڇا لاءِ لالن لام، ڄي (٣).

جي ملين مون کي پرين تو ساڻ اوريان حالِ دل،
ميم، حي، في، لام تنهنجي ۾ ٿو گهوليان واو، جهي (٤-٥).

ٻي، الف ۽ ٽوڻ، يي سان، ٿو اجهاءي ڪين ڪي (٦)،
ميم، حي، بي، تي سنڌ جو ٿو ڀري من ميم، ڇي (٧-٨).

مين، عين و دال، يي جي طرز ۾ سنڌي غزل،
تي، الف، ري، ڪاف ريءَ اڳمين نه ڇيو آهي ٻئي (٩-١٠).

●

هر زبان آهه هي اسباب جهاني فاني،
خانهء تنگ گدا قصرِ شهاني فاني.

عالم و زاهد و عابد به فنا نيث ٿئي!
فاسق و فاجر ۽ سارق و زاني فاني.

پيو فنا آهه، بقا آهه فقط هڪ رب کي،
۽ نه آهي، جا ڇڏين نيڪ نشاني فاني.

دل فنا، جان فنا، يادِ خدا ۾ ڪن جي،
وري ٿيندا اهي عاشق نه رباني فاني.

درد بيماري فنا، حالتِ صحت به فنا،
طفلي و پيرسني، عهد جواني فاني.

ره فنا فڪر فنا ۾ تون سدا اي "تارڪ"،
آهه ري ذاتِ خدا پيو سڀ فاني فاني.

---

(١) دل، هڪڙي (٢) ٻيو (٣) لڄ (٤-٥) محفل، وجهه (٦) ٻاٽي (٧-٨) محبت، مچ (٩-١٠) سعدي، تارڪ.

●

[صنعت آسامي طيور]

[ڪلام ۾ اهڙا الفاظ آڻڻ، جن جي ذريعي ڪن پکين جا نالا ظاهر ٿين.]

اڄ تون اڱڻ سنهنجي منٺا ٻيارا پر ڏين پيرا ڀري (١)،
جا دل ۾ دڪدڪ ٿي ڪري سا مر لڳي تنهنجي ڳري (٢).

غوغا سنڌ آسد سندو مدت کان پيو آءِ ملڪ ۾،
تنهن کان اڳيرو عاشقن جي روزشب اک ٿي ڦري (٣).

آتش اوهان جي عشق جا هو دود ڏس آهن دکيا،
چت ۾ پيون چاهيون ٻرن ڪه طور جيئن من مچ ٻري (٤-٥).

تن سان وڃي دلڙي اڙي جي ڪن ڪمهري هر گهڙي (*)،
ههڙو ستم ظلم وجفا ڪنهن نا ٻڌو اوري پري (٦).

فصلِ بهار آيو وري جيڪر اچي هو گل لقا (*)،
مينا کٺان پوءِ منجهه بغل موروڻ نه ساقي ري سري (٧-٨).

جانب لڳي تو سان جڙي ٻي ڪانڪا شيءِ آوڙي،
هنجون وهيو هر هر پون من پيو ملڻ جي لئي مري (٩-١٠).

سڌ حسن جو جنهن مهل ٿيو تن جان تهن جهرڪي پيو (١١)،
سو ڪفر دين کان دور ويو بس عشق جي آيو اري.

هڪڙو سڄڻ تا چاهي سر جيڪر ٻه گهو ريان جي هجن (١٢)،
بلبل جيئن ڪانگل سدا سر سئو دفعا صدقو ڪري (١٣-١٤).

”تارڪ“ سڄڻ جي شان مؤن پورا نه چائن بي خبر (١٥)،
بي عقل بازي بره مؤن ظاهر نه چاڻن کان ذري (١٦).

---

(١) ڇتون (٢) بدڪ (٣) ڳيرو (٤-٥) چاڙهي، چيرو (*) اڙي (٦) مهڙو (*) چيهو (٧-٨) مينا، مور (٩-١٠) هنجهه، وهيو (١١) جهرڪي (١٢) ٻگهه (١٣-١٤) بلبل، ڪانگل (١٥) پوري (١٦) باز.

●

اسان جي درد دل مؤن دلبرِ طناز ڇا ڄاڻي؟
ڏسو جيئن شمع پروانہ جو سوز و ساز ڇا ڄاڻي؟

دل آزادي پسند ايندي نہ ڪنهن رامِ تعلق ۾،
مگس جيئن ڇوُ ڪنهي ڦاسي منجهان شهباز ڇا ڄاڻي؟

اسان جي بادشاهيءَ جي خبر ڪهڙي تونگر کي؟
قناعت جي تہ استغنا مؤن حرص و آواز ڇا ڄاڻي؟

غرورِ نخوت و دولت ۾ جو مدهوش ٿو ڄالي،
اهو هن دور دنيا جو نشيب افراز ڇا ڄاڻي؟

اسان جي دل تہ آهي خاڪسارِ ڪوچهءِ جانان،
زمانہ ظاهريءَ جو خواري و اعزاز ڇا ڄاڻي؟

ٿئي معلوم جنهن کي ڪين فرقِ حقّ ۽ باطل،
طلسمِ سامري موسيٰ سندو اعجاز ڇا ڄاڻي؟

زمانہءِ حال جي حالت نہ ٿي محسوس ٿئي جنهن کي،
اهو انجام ڇا ڄاڻي، اهو آغاز ڇا ڄاڻي؟

نہ ڄاڻي قدر گوهر دُرّ جو ري بادشه "تارڪ"،
سخن جو قدر ڀي پيو ري سخن پرواز ڇا ڄاڻي؟

●

تمنا ڪئي جڏهن ان جان جانّ جلوه پسائڻ جي،
ڪيائين ڪوشش اوّل آئنہ صورت بنائڻ جي.

مٽي پاڻي ملائي ان مؤن آئينو بنايائين،
وجهي عڪس ان ۾ ڪيئن رمز پنهنجي منهن ملائڻ جي.

ڪري سر ميمِ جو چولو سڏايائين "انا احمد"،
ڪيئن منصور جي واتان "اناالحق" ڳمت ڳائڻ جي.

ڀڪي عطّار جو خرقو، هنيائين "من خدا" نعرو،
ٿئي بسطامي ڪيائين بات سبحاني سڌائڻ جي.

ڏسي هيءَ رمز ان جي عشق وارن کي عجب آيو،
تہ ڪيئن ڪئي بحر بيچون قطره خاڪي ۾ سمائڻ جي.

منجهارون "ڪنت ڪنزا" جي ٿيو "فا احببت ان اعراف"،
تڏهن ٿيس آرزو، معشوق عاشق جي ٺهائڻ جي.

ڏسي ٿيو حسن صورت پنهنجي موٽي پاڻ تي عاشق،
بهانہ ليليٰ و مجنون ٿيس سڪ پنهنجي پائڻ جي.

ڏٺس جو پاڻ ۾ پيهي، تہ هرجا هڪ نظر آيو،
انهيءَ اسرار آندي موج ٻوڪي هڪ هلائڻ جي.

ڪري ٿي جسم انسانيءَ کي گم هن خيال جي طاقت،
تڏهن دلبر جا ديوانا ڪرن ٿا جيءَ جلائڻ جي.

ڪري هيءَ ماهيّت معلوم سو ڪيئن جنهن کي سڌ آهي،
رکي ڪانہ ڪپاڻ جي ۽ عيش عشرت آڏائڻ جي.

نہ ڄاڻج پاڻ کي ترڪيب آب و گل منجهان ٺهيل،
تون آهين مظهر قدسي، نہ ڪج ٻئي ڀول ڀائڻ جي.

تون آهين مخزن معنيٰ، ڳجهو منجهہ پرده صورت،
بزور معنوي ڪر، صورت صوري مٽائڻ جي.

هميشه حال حلاءِ جيءَ ۾ محو و مست رهہ "تارڪ"،
نہ ڪر تون شاعرن سان آرزو طبع آزمائڻ جي.

•

دل داغ عشق تنهنجي کان داغدار آهي،
جا داغدار آهي، سا بيقرار آهي.

اي شوخ شنگ تنهنجو لئي وعدہ ماڻ جي،
اقرار عار آهي، انڪاري ڪار آهي.

جو عاشق آھ صادق، سو ھن جھان ۾ ھردم،
يا دل فگار آھي، يا اشڪبار آھي.

تنھنجي جمال جلوہ ان ۾ ڏيکاريو پنھنجو،
چا خار زار آھي، چا گل بھار آھي.

اي دل نہ ٿي تون ساندي، جنھن يار جو اندر ۾،
تو انتظار آھي، سو درڪنار آھي.

"تارڪ" نجف جي شہ جي دامن جھليج قابو،
تنھنجي مدد مدامي، دلدل سوار آھي.

●

سج سھڻو ڪري سينگار ٿيو جلوہ نما آھي،
وڃو سر ميم جو پھري، ٿيو احمد مصطفيٰ آھي.

مٿي معراج پنھنجو پاڻ ڪي اسرار ڏيکاري،
ڪنان اھل سمان چيو پاڻ تي صلّ علي آھي.

ڪڍھن ھٿ ذوالفقار آئي، ڪري ٿو ڪنر تي مارو،
نبيؐ جو لحمڪ و لحمي، عليؑ المرتضيٰ آھي.

ڪٿي ھندو، ڪٿي مومن، ڪٿي مسلم، ڪٿي ڪافر،
بنائي بيک سؤ پنھنجا ٿيو سو برملا آھي.

ڪٿي قاضي ٿي ڏئي فتويٰ، رھي پيو شرع تي محڪم،
ڪٿي منصور مستيءَ ۾ چيو 'انا خدا' آھي.

ڪٿي سو عاشقِ بدنام دردِ ھجر کان غمگين،
ڪٿي سو نازنين، دلدار، دلبر، دلربا آھي.

ڪٿي 'بلبل'، ڪٿي "تارڪ" ڪٿي ٿيو 'قادري ظاھر'،
چوي خود شعر، خود اشعار، خود طبعِ رسا آھي.

•

ٿو هاري عاشق جو خون دلبر، حرام مثلِ شراب سمجهي،
پچائي فرقت جي باهه ۾ ٿو، سندس جگر کي ڪباب سمجهي.

گهڻو سيائو ٿي ڪئي مون ڪوشش ته سور دل جو سليان سڄڻ کي،
نه گفتگو جي ڏنائين رخصت، مون کي خسيس ۽ خراب سمجهي.

لڪايو زلفِ سيه ۾ جو منهن ڪان ناز نرمل پر ين پياري،
چميو ادب سان مون ان کي منجهه هن غلاف اُم الڪتاب سمجهي.

رکي نه سير چمن جو رايو، نه شهر بازر گهمڻ جو سعيو،
جو ويٺو آهي بگوشهء دل، وصال دلبر جو باب سمجهي.

عجائباتِ جهان تي سي نه ڪن ٿا هرگز نگاهه گاهي،
رهيا جي آهين، ساري دنيا کي وهم ڇاڻي يا خواب سمجهي.

ڏسي کي طبعِ روان "خادم" هي طبع "تارڪ" به ٿي روان پئي،
۽ هم ڪلاميءَ جو خيال ڪيائين، ڏسو هي ان جو جواب سمجهي.

•

مصرعِ طرح: "دامنِ زخم کي ٽاڪو نه لڳائي ڪوئي"

بحرِ وحدت ۾ دل و جان گنوائي ڪوئي،
دم بدم ديد رکي سرت ڇمائي ڪوئي.

عشق جو قلزمِ بيرنگ بقادار سدا،
سا ڻ غوطه جي سندس انت نه پائي ڪوئي.

آه درياه کي ڪوزي ۾ سمائڻ مشڪل،
راز عرفان نه سکهي عارف نه ڇپائي ڪوئي.

ڇو نه اثبات جو اسرار اکين سان ڏسي؟
ڪين ٿي ڪين سندو قرب ڪمائي ڪوئي.

اسم ۾ جسم ڪري گم جيئن منجھہ بسم الف،
پرت جو پورو اهو حال پرائي ڪوئي.

اسم ڇا جسم ڇا ڇا روح نتيجو ڇا آهه،
ظاهري علم جو عالم نہ پڙهائي ڪوئي.

آهه دلدار جو ديدار سدا جلوه نما،
دل ڏئي، ڏيان ڏئي، ديد اڙائي ڪوئي.

يار جو ڪفر ڇا، اسلام ڇا، مسجد ڇا مڙهيءَ،
مؤن پرو پوندو، سندس، پنڌ پڇائي ڪوئي.

جنهن جو ٿئي پاڻ مددگار، نگهبان رحمان،
تنهن کي ڪٿ ورو، نہ شيطان ڀلائي ڪوئي.

عشق جو زخم جنهن دل ۾ رکي ٿو تاثير،
تنهن کي لقمان، نہ سقراط، ڇٽائي ڪوئي.

سر تہ قاتل سندي ڏڪ جو ڏسي عالم اسرار،
"دامنِ عشق کي ڏاڪو نہ لڳائي ڪوئي".

زهد رندي لکيو تقدير ازل جو آهي،
رند زاهد نہ اهو لکيو مٽائي ڪوئي.

حضرتِ عشق ڏنو مون کي لقب مستيءَ جو،
اهو رتبو نہ گهٽائي نہ وڌائي ڪوئي.

ناهہ "تارڪ" کان سوا ڪنهن کي هي طاقت جوائي،
وقت هن بره سندو بار اٿائي ڪوئي.

•

[مشاعره ملڪاڻي، بزم احسن دادو ١-جون ١٩٢٣ع]

مصرع طرح:

"ڪڏهن مقبول تو وٽ اي صنم منهنجي دعا ٿيندي"

حشر تائين نہ منهنجي عشق جي ڪا انتها ٿيندي،
جون ٿيا انتها جا، سا تہ ان جي ابتدا ٿيندي.

اهو تشويش دنيا جي ۾ رهندو خوار ۽ ابتر،
اندر ۾ تو سوا ٻي ڪائي جنهن کي مدعا ٿيندي.

شراب ناب پي مون غم غلط دل جو ڪريان نا ڪيئن؟
جو عشق يار ۾ هيءَ درد منهنجي جي دوا ٿيندي.

ڪرين صد بار جي جورو جفا مون تي تون اي ظالم،
تڏهن ٻي تنهنجي الفت کان نه منهنجي دل جدا ٿيندي.

مرين ڇو ٿو تون زر ۽ سيم واري آرزو اندر؟
فنا ۽ فقر کي وٺ، تنهنجي لئي جا ڪيميا ٿيندي.

اسان آزاد آهيون، ناهه پرواهه بادشاهيءَ جي،
ستن شاهن سندي ديهيم مٿ دلق گدا ٿيندي!

تونگر ڪيئن رکن لاڙو اسان مستن جي محفل ڏي؟
جو تن کي اژدها وانگر ته شڪل بوريا ٿيندي.

ڪرين بڪ بڪ ڇو اي ناصح، کپائين مغز ڇو واعظ.
نٿا چاڙو اوهان کان دور ڪيئن رمز ريا ٿيندي.

ملي جي هو سجڻ سهڻو، پرين پيارو مٺو مهڻو،
ڏسي ان کي سندم واتان صفت صلي عليٰ ٿيندي.

سو ڪنهن اسباب دنوي کي نظر ۾ ڪين آڻيندو،
خدا کان جنهن کي جودت طبع اعليٰ جي عطا ٿيندي

فريادي آهيان تنهنجي در تي دلبر وصل جي خاطر،
"ڪڏهن مقبول تو وٽ اي صنم منهنجي صدا ٿيندي".

اسان رندن سان اي زاهد ٻلاتون ڪيئن پڇي سگهندين،
سندءِ دل خوف ۾ ۽ دل اسان جي منجهه رجا ٿيندي.

مٺو محبوب جي گلگشت گلشن تي ڪڏهن ويندو،
خرام ناز ان جي کان قيامت ات بپا ٿيندي.

جڏهن وحدت کان ڪثرت ۾ خدا جي ذات ٿي ظاهر،
تڏهن چاٿو ته هر مظهر منجهان جلوه نما ٿيندي.

بقا جو اوج ماڻيندو اهو اسرار جو طالب،
جو ان جي ظاهر ۽ باطن منجهان هستي فنا ٿيندي.

سنڌ ديواني ڪي پٿر هڻن ٿا طفل اشڪن جا،
انهيءَ لئي طوق گردن تار زلفِ مشڪسا ٿيندي.

قلندر وار آهيان عشق جا ڏاگها ائم سر تي،
ڪنهن پيرن سندو منجهه واٽ وحدت دوسرا ٿيندي.

ڪٺي وٺ تيغ اي قاتل، نه ڪر ڪا قتل ۾ ويرم،
جو هيءَ منهنجي سسي تنهنجي هڻڻ ڏک تان فدا ٿيندي.

غزل "تارڪ" سندو گنجينهٔ اسرار معنيٰ ٿيو،
پوءِ محفل ۾ مفتّي ڪيئن نه ان جي مرحبا ٿيندي.

●

[بزم مشاعره باليشاه: ١٧ - جون ١٩٣٧ع]

مصرع طرح:

"سڀ بلائون ٿي ويون، جي دل پريشان ٿي وئي"

وقت جنهن اظهار مورت شاه خوبان ٿي وئي،
ساعتِ ارض و فلڪ ڪان نور تابان ٿي وئي.

وصل هجران جي حقيقت سڀ نمايان ٿي وئي،
فهم جي گهر عشق جي قوت جي مهمان ٿي وئي.

منهنجي رندي ساري صرفِ دين و ايمان ٿي وئي،
تنهن منجهان ڪثرت ثواب و جرم پنهان ٿي وئي.

خلد دوزخ جي نهايت ڇو نه يڪسان ٿي وئي؟
شايد ان ۾ تنهنجي ڪا خواهش فراوان ٿي وئي.

عمر ساري تنهنجي فرقت ڪان بتِ نازڪ بدن،
غرق منجهه افسوس رنج و درد، ارمان ٿي وئي.

شوخ! شوخي، تند خوئي ۽ تغافل تنهنجي ۾،
منهنجي خواهش وصل جي تقدير گردان ٿي وئي.

اي صنم جوڀن جواني آهه چئڪو چار ڏينهن،
چو وڏائي تنهن تي ايڏي توکي حد کان ٿي وئي.

اڄ تہ خاطر جمع آهي ڪين حاصل تو سواءِ،
”سڀ بلائون ٿي ويون جي دل پريشان ٿي وئي.“

دير، مسجد ۾ نظر امڪان جي عارف ڪئي،
تنهن کي ظاهر فطرتِ گبر و مسلمان ٿي وئي.

ڪافر و ديندار ڪفر ۽ دين پنهان ۽ عيان،
سڀ سا ماهيت جئي منجهہ اصل انسان ٿي وئي.

وحدت مطلق فنائي ذات ۽ رازِ بقا،
تن جي اظهر رمز ٻهر اهل عرفان ٿي وئي.

بي خودي خود کان جدائي منجهہ خدا محوي هجڻ،
نوبتِ انّي هويدا سان وجدان ٿي وئي.

دار تي هسوار گهاٽي ۾ پوڻ، ڪسجڻ کان تيغ،
نعره وحدت جي پڌرائي بايقان ٿي وئي.

شبلي و سرمد، جنيد و بوعلي، عطار شيخ،
حضرتِ حلاّج کان نڪات شايان ٿي وئي.

پر ريا ۽ ريب زاهد مڪ جي ڪارڻ عنڪبوت،
تنهنجي خلوت تاني وانگر تر و خاصان ٿي وئي.

نيڪ نامي، بزرگي، پارسائي خوار ڪيو،
نانگ جيئن جڳ لئي سندس تسبيح پڇان ٿي وئي.

جبّہ و دستار ۽ مسواڪ شانہ جي هوا،
زاهدِ مڪّار لئي دلخواه هر آن ٿي وئي.

بزم ۾ شعر و سخن جي "تارڪ" دلداده جي،
الفتِ شوخِ سخن سنجي غزلخوان ٿي وئي.

●

[بزم مشاعره حيدرآباد سنڌ: ٦ - جون ۱۹۳۷ع]
مصرع طرح:
"نه پهلو ۾ ٿي دل آهي نه دل ۾ آرزو باقي"

هليو ويو هو مگر آهي سنڌس هت گفتگو باقي،
مليو سو ڪين ليڪن آهه هن جي گفتگو باقي.

لنگهي وئي عمر ساري تنهنجي سڪ ۾ اي سڄڻ سهڻا،
سنڌءِ ديدار جي اميد آهي ماهرو باقي.

نه تنها منهنجي دل ۾ حسن تنهنجو جلوه گر آهي،
پرين پيارا جمال آهي سنڌءِ منجهه چارسو باقي.

شبِ وصلت ڪري ڳالهيون مزي الفت جون خوش ٿياسون،
رکو هڪڙو ويو رهجي عتابِ تندخو باقي.

شرابِ ناب سان ساقي، شرابي ٿي ويو عاقي،
طهارت لئه چڏي ٿو ڪينڪي هو شب مشو باقي.

غم فرقت ۾ بستر غم تي بي آرامي ڪان چاتم،
"نه پهلو ۾ ٿي دل آهي، نه دل ۾ آرزو باقي".

ستايو مون گهڻو "تارڪ" خيالِ خواهشِ خوبان.
نه ويو منجهي رهيو ٿي نقش الفت هوبهو باقي.

●

[مشاعره بزم احسن ملڪاڻي ۱۰ - مئي ۱۹۳۳ع]
مصرع طرح:
"عاشق ڪان يار توڪي ڪهڙو حجاب آهي"

عاشق کان يار توکي ڪهڙو حجاب آهي؟
جهڙ جي ٽين کان ڇا کي آفتاب آهي.

تنهنجي جدائي جاني، ٿي باهه وانگي ساڙي،
ان ۾ ٻچي سندم دل ٿي پئي ڪباب آهي.

فصلِ بهار آيو توبه سندم ٻچي ڪيئن؟
ساقي چمن ۾ آندو جام و شراب آهي.

مغرور ڇو ٿئين ٿو دنيا جي اوج تي تون؟
ڇوجو حياتي تنهنجي هڪ وهم خواب آهي؟

جيڪي ڪيو تو مون سان جور و جفا ستمگر،
ان جو بيان ڪيان ڇا جو بي حساب آهي.

دنيا و دين کان جو هڪدم بري ڪري ٿو،
سو عشق پاڪ حضرت عالي جناب آهي.

صلّي علیٰ محمّد سردار مرسلن جو،
ان جي پگهر سندي بُو، بوءِ گلاب آهي.

اي شوخ بت ستمگر اي ڪج ادا سمنبر،
منجهه عشق توتي حيران ٿيو شيخ و شاب آهي.

هڪ عشق ئي سچائي، نيون فصلِ گل ٻه آيو،
دلبر نه، مئي ٻه ڪانهي، ٻن پيو شباب آهي.

لب لال تو سندي کي اي دلربا چوان ڇا؟
ياقوت يا ٿيو مرجان يا ڇن عناب آهي.

ابرو جي تيغ قاتل رت آهه منهنجو هاريو،
ڏاڙهي کي ميندي اهڙي رت جو خضاب آهي.

تقويٰ جي حال سان مون ڏاڍو گهڻو گذاريو،
ان کي ڊيايو عشقِ خانه خراب آهي.

ناصح نِڪَرُ، اڃايو منهنجو مٺو ٿو ڪائين،
سو ڪيئن ڏسان نہ منهنجو اُمُ الڪتاب آهي؟

هي دور آسمان جو دشمن ٿيو ٻئي اصلن،
۽ دوست اُنهُ رزيلن ڪان انقلاب آهي.

مضمون نظمُ ۾ ٿا ڪيئي اچن زبان تي،
ليڪن زبان وحدت منجهہ انتخاب آهي.

بزمِ سخن ۾ ”تارڪ“ پڙهہ هي غزل تون موزون،
طرزِ سخن ۾ بيشڪ ٿيو لاجواب آهي.

●

[بزم مشاعره ڪراچي: ١٦ - ڊسمبر ١٩٣٣ع]

مصرع طرح:

”يا الاهي شل سدائين يار محفل ۾ رهي“

ٿو گهران ٻين جي محبّت مون سندي دل ۾ رهي،
ان سندو ناٺو لڪيل دل جي رسائل ۾ رهي.

ان جي وارن واري وانگوڙي تي جو مفتون ٿيو،
مر چريو اهڙو سدا شل بند نازل ۾ رهي.

پرتوُ ليڊي رهي جو تنهنجي مُنهن مهٽي اندر،
ڪينڪي اهڙو ڪڏهن ٿو ماه ڪامل ۾ رهي.

جيئن هٽي پيور ۾ پين ٿي ميس اُئين هردم ڇپيل،
عشق تنهنجي جي سُوني ٽي نت سندم دل ۾ رهي.

ميل اسٽيمر محبّت تنهنجي جو آهي تيار،
مون بہ چڙهندس لنگر ان جو چڏ تہ ساحل ۾ رهي.

مون کي آيا ڏس تہ منجهہ هائوس پنهنجي ميس مَني،
بيڊ روم اندر ٿي يا ڪنهن جي مقابل ۾ رهي.

SOORIH SINDHI ADAB

تـا ڏسو پبلڪ ۾ ڪـرپـڙ هر گهڙي سر ساڙ جي،
گشت جي منډ ۾ مـڪـر افسر ٿـو منزل ۾ رهي.

تاه ڪا اغيار ڪي ڪـُل عشق منهنجي جي سچي،
تنهنڪري هـر وقت ٿـو هـو زعم بـاطل ۾ رهي.

ٿو گهري "تارڪ" دعا هيءَ تا ڏنر جي وقت ۾،
يـا الاهـي ٿـل سـدائـيـن يـار محفـل ۾ رهي.

●

[صنعت موصول]

(شعر ۾ اهڙا حرف استعمال ڪيا وڃن، جن ڪي هڪ ٻئي سان ملائي سگهجي. ان کي صنعت موصول چيو ويندو آهي.)

سڄڻ مل سڪ گهٽي تنهنجي ملڻ جي،
طلب تنهنجي ڇپن جي ٿـي ڇـڙڻ جي.

هميشه حب نـه گهٽجي هڪـڙ پـل ٿـي،
پنهل پنهنجي پـڪـي پختي پـسـڻ جـي.

سڪي صحبت ڪي هي مـن مست منهنجو،
نـه همـت تنهن ڪي ٻيهڻ جي، هلڻ جي.

مـٺـي محبت مـلـي هـن مـه جـي بهتر،
مٺي سهنجي ۾ ٿـي سختي سـهـڻ جـي.

هـڪـل تنهنجي هـلـي جهٽ ٿـي حبيبا،
ڪـلـي ڪـم ٿـي، هٽي ٻـٽـي ڇڙڻ جـي.

عقل جي، عـلـم جـي ڪـمـٽ ٿـي حقيقت،
ٿي ڪـڻ هت عشق جي نُڪتي ميڙ جـي.

SOORIH SINDHI ADAB

طبيعت ۾ ٿي حڪمت حق جي پيدا،
نہ ڪنهن کي سگهہ تنهن ۾ هٿ هڻڻ جي.

هجي مشفق مٿي جنهن جي مڪمل،
گهٽي محنت نہ ٿي تنهن کي سکڻ جي.

لکي من ۾ سخن ڪيو جمع "تارڪ"،
فقط حجت ٿي هت هن هڪ لکڻ جي.

SOORIH SINDHI ADAB

سنڌي ادبي بورڊ جا ڇپايل ڪي پيا ڪتاب

١- قرآن شريف (فارسي ترجمو): حضرت مخدوم نوح رحه،
صفحا ١٢٦٠، هديه ١٠٠ رپيا.

٢- حيات النبي صه: مصنف: حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، صفحا ٢٨٠،
قيمت ٢٥ رپيا.

٣- سيرت مصطفيٰ صه: مصنف: مولوي محمد عظيم شيداء، صفحا ٥٤٦،
قيمت ٥٠ رپيا.

٤- سنڌ - هڪ عام جائزو: مترجم: سليم احمد، صفحا ٥١٥،
قيمت ٥٠ رپيا.

٥- سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ: مترجم: سومار علي سومرو،
صفحا ٣٩٠، قيمت ٥٠ رپيا.

٦- ڪيمياءِ سعادت (ٻاڪو ڀهريون): مترجم: مرزا قليچ بيگ،
صفحا ٢٣٥، قيمت اڇو پنو ٢٠ رپيا ۽ سادو پنو ١٥ رپيا.

٧- قديم سنڌ جا مشهور شهر ۽ ماڻهو: مصنف: مرزا قليچ بيگ،
صفحا ٤٠٤، قيمت ٢٥ رپيا.

٨- تذڪره امير خاني: مرتب: سيد حسام الدين راشدي،
صفحا ٣٧٢، قيمت ٢٠ رپيا.

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ.
(جنرل پوسٽ آفيس باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ.)

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوک وهي ، تون اوچو وهه اويار

0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani